# محسن ڪڪڙائيءَ جي
# شاعريءَ جي لغت

مرتب:

**مير محمد پيرزادو**


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2021ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيارا داري جي آن لائين ايڊيشن جو ڪتاب نمبر 6
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# محسن ڪڪڙائيءَ جي شاعريءَ جي لغت

مرتب: مير محمد پيرزادو
آن لائين ڇپائي پهريون ڇاپو : 2021ع
ڪتابي صورت: محمد رمضان ترڪ

**Catalogue Reference**
Pirzado, Meer Muhammad
Dictionary of Poetry of Mohsin Kakrai
Sindhi Language
Dictionary
Sindhi Language Authority

DICTIONARY OF POETRY OF MOHSIN KAKRAI
By: Meer Muhammad Pirzado
Online 1st Edition: 2021
Layout: Muhammad Ramzan Turk
Tel: 022-9240050,51,53
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org

## ناشر طرفان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران لغتن ۽ ٻين مختلف ڪتابن ڪي ويب سائيٽ تي آن لائين ڪرڻ واري رٿا جو هي ڇهون ڪتاب ’محسن ڪڪڙائيءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ تيار ڪري، آن لائين ڪيو پيو وڃي. محسن ڪڪڙائي، سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي سڃاڻپ سنڌيءَ ۾ رومانوي غزل لکندڙ طور به آهي. محسن ڪڪڙائي ضلعي دادوءَ جي پسمنظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اتر جي لهجي جو عڪس پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايو آهي، ان ڪري سندس غزلن ۾ به ٻوليءَ جو لهجو نج ڳوناٺو ۽ ڀرپور ۽ ڀراڙپ جو آهي. ائين تشبيهون ۽ استعارا به ڳوناٺا ڏيئي پنهنجي شاعريءَ کي وڏيڪ سُونهن بخشي اٿس. مطلب ته هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي علائقي جي لهجي جي نمائندگي ڪئي آهي.

محسن ڪڪڙائيءَ جو اصل نالو نياز حسين شاهه هو جيڪو ضلعي دادوءَ جي علائقي ڪڪڙ جو رهواسي هو. ان نسبت سان ئي هو پنهنجي نالي سان ڪڪڙائي لکڻ لڳو تنهن ڪري ڪيس ’محسن ڪڪڙائي‘ جي نالي سان شهرت ملي. هو وفا ناٿن شاهي ۽ نشتر ناٿن شاهي سميت ڪيترن ئي مقبول ترين شاعرن جو شاعريءَ ۾ استاد رهيو انهيءَ ڪري ڪيس استاد شاعر واري حيثيت هئي.

اداري پاران ڪتابن کي آن لائين ڪرڻ سان دنيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ انهن ماڻهن لاءِ سهولت پيدا ڪئي وئي آهي، جيڪي سنڌي ٻولي پڙهي سگهن ٿا. هن کان اڳ آن لائين ڪتابن جي رٿا جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ

ڊاريڪٽر محمد علي مانجهي

ڏاريجي جو ڪتاب ’اسان جي صحت اسان جو ماحول‘، اياز پاتوليءَ جو ٻارن لاءِ آڪاٽين جو ڪتاب ’ڪراڙ جا ڪنول‘، ’آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ جي لغت‘، ’شمشير الحيدريءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ ۽ ’عبدالحڪيم ارشد جي شاعريءَ جي لغت‘ بہ اداري جي ويب سائيٽ تي رکيا ويا آهن. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ويب سائيٽ تي رکيل انهن سڀني ڪتابن کي گهڻو پسند ڪيو ويو آهي.

هيءَ لغت اصل ۾ ’جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغتن‘ واري رٿا جو حصو آهي. جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغتن جا ٻيا ڪجهہ جُلد بہ آن لائين رٿا هيٺ ويب سائيٽ تي تڪڙو ئي رکيا ويندا. هن رٿا مطابق مختلف لغتون ۽ ٻيا ڪتاب بہ اداري جي ويب سائيٽ تي آن لائين ڪيا ويندا، جيڪي پڙهندڙن لاءِ مفت ۾ دستياب هوندا. اهي ڪتاب بنا ڪنهن معاوضي ۽ اجازت جي ڊائون لوڊ ڪري ۽ استعمال ۾ آڻي سگهبا. هن ڳالهہ جي بہ پڌرائي ڪجي ٿي تہ انهن آن لائين ڇاپن مان پنهنجي تحقيق ۽ تحرير لاءِ جيڪڏهن ڪي حوالا کڻبا تہ انهن حوالن ۾ مرتب ۽ هن اداري جو ذڪر ڪرڻ ضروري هوندو.

اسان کي اميد آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا هن رٿا مان ڀرپور لاڀ پرائيندا ۽ جيڪي سڄڻ آن لائين ڪتابن جي سلسلي ۾ ڪي پنهنجون صلاحون ڏيڻ چاهين تہ انهن کي ڀليڪار ڪيو ويندو.

1 ڊسمبر، 2021ع
حيدرآباد، سنڌ

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
چيئرمئن

**آبرو:** عزت، احترام، عاقبت

سر جي بازي لڳائي سون،
عشق جي آبرو بچائي سون!

(سونهن جي ساجهہ: 99)

**آبريده بہ ڏنم:** اکين ۾ پاڻي بہ ڏنو مانس

آبريده بہ ڏنم، خندئہ لب پيِ، ليڪن،
مگر هن جي واتان نہ ٻڌو ڪا بہ ڪڏهن هلڪي ڳالهہ.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 168)

**آب ڪوثر:** بهشت جو پاڪ شراب.

حسن کي عشق جيئن ڀِڪيو هوندو،
آب ڪوثر ڀِنهين چڱيو هوندو.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 47)

**آتما:** روح.

هن جي قربت ۾ جسم جي جڳمڳ،
چڻ تہ هو منهنجي آتما جو رنگ!

(سونهن جي ساجهہ: 89)

**آتو هئڻ:** ملڻ جي اڪير ۾ ورتل

ڪجهہ نہ گهرجي پيو فقط هن جو،
منهن ڏسڻ لاءِ روح آتو آ!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 34)

**آٿت:** آسرو، همت افزائي، ڏَڍُ

ڪنهن جي سنگيت، ساءُ ڏنو هو،
آٿت، آدرياءُ ڏنو هو!

(سونهن جي ساجهہ: 98)

**آٿ هئڻ:** فرمائش هئڻ، ضد هئڻ.

چوي تہ ڪنهن بہ ٻئي ڏي ڏسين تہ ڪفر ڪرين.
اسان جي بہ يار واري عجيب آٿ هئي.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 23)

**آپو:** پنهنجو پاڻ

پيڙا ۽ پڇتاءَ ۾ آهي اڄ آپو

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 113)

**آدرياءُ:** آجيان، مرحبا، خوش آمديد

ڪنهن جي سنگيت، ساءُ ڏنو هو،
آئت، آدرياءُ ڏنو هو.

(سونهن جي ساجهه: 98)

**آدميت:** انسانيت، ماڻهپو

آدميت کي تہ ڳِڙڪائي ويو دولت جو شينهن،
رنگ پيو محسن ڏِسي، ڪنهن کي ڪٿي جهاتو لڳو!

(سونهن جي ساجهه: 96)

**آرايون :** گرميءَ جي شدت ڪري جسم تي نڪرندڙ سنهڙيون سنهڙيون ڦوڙهيون.

گرمي، بجلي بند، بدن تي،
ناحق جون آرايون نڪتيون!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 26)

**آس ۾:** ڏسڻ جي اميد ۾

ور ور ڪري ڏسڻ سان بہ ڏِٺُ ڪونہ ٿو ٿئي.
سهڻين اکين جي آس ۾ رهندو مدادم مان.

(سونهن جي ساجهه: 99)

**آشتي:** سک ۽ سانت

راحت، سڪون، امن کپي، آشتي کپي،
زندهہ رهڻ لاءِ تہ اِها ئي سُتي کپي.

(سونهن جي ساجهه: 90)

**آشنا لڳڻ:** اڳ ۾ ڏٺل وائٺل، اڳ واقف هئڻ.

هر نماڻي نظر، پوءِ ڪٿي بہ هجي،
جڻ تہ سالن کان آشنا ٿي لڳي.

(سونهن جي ساڃهہ: 27)

**آڪرو مڇڻ:** سيني کان وڏيڪ ڏِکَ ڏيندڙ اُتامرو

جنهن کي حورن جو آسرو هوندو،
سو تہ سيني کان وڌ آڪرو هوندو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 58)

**آگاهہ:** ڪنهن خاص ڳالهہ جو ڄاڻو خبروارو

آهہ ڪو اهڙو مردِ حق آگاهہ،
جو ٻڌائيم رات جو مفهوم.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**آگاهي:** ڄاڻ، واقفيت

ڏينهن محسن جو هو ذهني پورهيو،
رات جو خوابن جي آگاهيءَ پلي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 17)

**آگي:** محترم، عزتماب

اچي مون وٽ ٿيا محبوب اڄ مهمان بسم الله!
ڪيا آگي اهي مون تي اپر احسان بسم الله!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 76)

**آلوده:** اهي جن جون عياشيون ڪيل هجن.

نوجوانيءَ جي حمامن اندر اگهاڙن کي ڊِڪيو،
عيش آلوده ڪماڙين ۾ ڪماڙن کي ڊِڪيو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**آمد :** اچڻ

ڪجهہ تبسم ۾ اشڪ نذر ڏبا،
تنهنجي آمد جو انتظار ڪبو!

(سونهن جي ساڃهہ: 157)

**آمين :** هر دعا لاءِ برگزيدن کان آمين چوڻ جو توقع ڪئي ويندي آهي يعني تہ قبول پئي.

رهجي اچي اسان جي وفا جو ڀرم پرين!
آمين تون چوين تہ پوءِ مان ڀي دعا گهران!

(سونهن جي ساڃهہ: 125)

**آواره :** رول، دربدر، ڪنهن بہ ٽُڪَ يا اصول جو پابند نہ.

اهڙي دنيا جتي فنڪار جو فن آواره،
اهڙي دنيا جتي محسن ڪي چون آواره!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 130)

**آئيڊيَلِ :** انگريزي لفظ معنيٰ چاهتن جو مرڪز بنيل ماڻهون.

آئيڊيل جي تلاش ۾ ميڊم،
ڪيئن نہ پلجي پَئي، پَئي سوچي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 159)

**اٻالڙي :** رحم لائق، چورن چنن جيان.

بينڙو مان اٻالڙن وانگي، وينڙو آهيان تہ آهيان وينو.

(سونهن جي ساڃهہ: 114)

**اپري :** هيڻُ، بي سهارو، جنهن جو ڪوئي پيٽي پر نہ هجي.

اپرو نہ آهين ايترو ڪَڏُ نہ ڪنهن جي ڪاڻ،
ماڻهون منهنجي ملڪ جا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 116)

**اٿاهہ ۾ آهيان :** ٻَڙَ۔ ٻاڏيتي کان گهڻُن ۾ آهيان.

هيتري سونهن منهنجي ڌرتيءَ تي،
حيرتن جي اٿاهہ ۾ آهيان!

(سونهن جي ساڃهہ: 85)

**آپِرِ:** تمام مٿانهان، ساراهڻ لائق.

اچي مون وٽ ٿيا محبوب اڄ مهمان۔ بسم الله،
ڪيا آگي اِهي مون تي آپِرِ احسان۔ بسم الله.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 74)

**اجنبي:** اوپرو

اجنبي ڪونہ ٿو لڳي محسن،
تُنهنجو بلڪل سُياءُ پنهنجو آ.

(سونهن جي ساجهہ: 78)

**احباب:** پنهنجا ويجها ساٿي سنگتي، مٽ مائٽ.

ڪجهہ وقت خوشيءَ سان گذاريان مان پيي،
احباب اِها مون کي اجازت ڏيندا.

(سونهن جي ساجهہ: 144)

**احترام:** عزتون، خوش آمديدون.

پنهنجي جذبن جو اقدام ڪبو
حسن وارا ڏسي سلام ڪبو.

(سونهن جي ساجهہ: 157)

**احمق:** بيوقوف، عقل کان عاري.

دنيا جي نظرن ۾ احمق۔ پاڻ ڏي ڪوبہ ڇڪي نہ سگهيو هو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 125)

**ادا:** ناز نخرو.

منهنجي هرهڪ غزل جي اوسر لئہ۔ هُنَ جي هر ادا غذا ٿي لڳي.

(سونهن جي ساجهہ: 27)

**ادبار:** ادب، احترام.

قوم جو اقبال ۽ ادبار تُنهنجي دهہ سان آ،
بي غرض، بي لوث سچو پيار تنهنجي دم سان آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**اڌڙوٽ:** جوانيءَ تي پُڄي پوئتي موٽ کائيندڙ.

ڪيترا ٻِيرو ڪراڙا ۽ هيا اڌڙوٽ مرد،
جيڪي روزيءَ لاءِ ٿي بيٺا هئا اڻ موٽ مرد!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 148)

**اڏي وڃڻ:** ورسائي وڃڻ، پاڙ پِرو ڪري وڃڻ.

مرڪندو مرڪندو سخي هڪڙو،
ڪيئن نہ مسڪينن کي اڏي ٿو وڃي!

(سونهن جي ساڃهہ: 35)

**اڏي وڃڻ:** تعمير ڪري وڃڻ.

پنهنجي پوڄا بہ آهہ يڪ طرف،
هرڪو بت دل ۾ گهر اڏي ٿو وڃي.

(سونهن جي ساڃهہ: 35)

**ارڏايون:** زوراوريون، دئُونسُون.

ٿُنهنجُون آهن، ٿُنهنجونر هنديون جيتر هونديون سپ ڪجهہ سهنديون،
محسن تنهنجي ارڏاين تي روئي ويٺو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 99)

**ارمان:** ڏک، اڻ پوريون خواهشون، دَئُونسُون.

سڏڪا جاڳيا، جذبا جاڳيا، پِيا ارمانَ،
تنهنجي نازڪ پيار جا پهچي ويا سَجڻ مهمان.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 173)

**اري پئي دل:** دل جو ڪنهن ڪُنڊيءَ ۾ قاسڻ جيان ڦاسي پوڻ.

شڪر محسن تہ جڳ جهان ڇڏي،
حسن جي ئي اچي اري پئي دل.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: )

**ازالو:** تدارڪ.

تنگدستي ڪجو ازالو آهہ يا ردِعمل،
نوجواني‌ءَ جو فُتُور آهي يا فيشن جو خلل!

**اسير:** قيدي

ڪجھہ پريون، ڪجھہ اسير شهزادا،
ڳوٺ تنهنجو ڄڻ ڪوهہ ڪاف هيو!

(سونهن جي ساجھہ: 30)

**اشڪ:** لڙڪ، ڳوڙها، آنسون.

اشڪ، سُڏڪا، قرار کان محروم،
دلربا کي دعا ڪندو آهيان!

(سونهن جي ساجھہ: 154)

**اعتماد:** ڀروسو.

ڪنهن جي ڪنهن جي اعتماد کي سوريءَ تي چاڙهيان؟
پنهنجا سيئي قصور سنپالي رکيا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 15)

**اعتراف:** قبولداري، مڃڻ.

سونهن جي وصف ڇا بيان ڪنديون،
حيرتن جو هيءُ اعتراف هيو.

(سونهن جي ساجھہ: 30)

**اعزاز:** ساراهہ جو باعث

منهنجي لئہ اعزاز سڄڻ جو
پيتِ کان جهاتي پائڻ آهي.

(سونهن جي ساجھہ: 17)

**افڪار:** فڪر، فلسفا، اُونها ۽ ڳوُڙها وِيچارَ.

افڪار جي تاويل ٽئي تي ڏسجو!
جذبات جي تڪميل ٿيندي ڏسجو!

(سونهن جي ساجھہ: 148)

**افلاس :** غربت، بک، بيروزگاري.

افلاس، مصيبت، پريشاني ۽ غم،
فنڪار جي تسڪيل ٿئي ٿي ڏسجو!

(سونهن جي ساجهہ: 148)

**اڪ :** انتهائي ڪڙو ۽ خطرناڪ ٻوٽو

ڪڏهين ماکيءَ کان منو ڪڏهين آهي اڪُ الا،

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 84)

**اک پچڻ :** هڪ اک کليل رکي ۽ ٻي اک ٿوريءَ گهڙيءَ لاءِ ٻوٽي کولڻ.

شڪر جو ڪنهن اک پچي آڻت ڏنو
نااميديءَ جي پڇاڙي تي پئي.

(سونهن جي ساجهہ: 80)

**اک ٽيٽ ڪرڻ :** سموري روءِ داد جانچڻ، لڪل طرح هيڏي هوڏي ڏسڻ.

پاڙ گهر ۾ تہ هن جي ساهيڙي،
در تي بيٺي ٿي اک ٽيٽ ڪري.

(سونهن جي ساجهہ: 38)

**اک نہ ٻڏڻ :** متاثر نہ ٿيڻ.

اک ٻُڏي ئي نہ ٿي ٻئي ڪنهن تي،
چور هڪ جي ئي چاهہ ۾ آهيان!

(سونهن جي ساجهہ: 85)

**اکين جي ٽِڪَ ٻڏڻ :** جُوهہ پائي ڏسڻ، ڏسندي ڏسندي جڙ تہ سُڻُ تي وجڻ.

ٽِڪَ ٻڏي ويون منهنجون اکيون،
گهوڙا منهنجو من تو ڦاٽي!

(سونهن جي ساجهہ: 101)

**الڙ :** معصوم، گهٽ چالاڪ، سڌو سادو.

ڪاش ڪوهن الڙ نياڻيءَ تي بي نڪاهيءَ ڪنوار بنجڻ کان اڳ،
بچائي وئي، بچائي ونی!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 160)

**السٽي :** سڏسنئون يا ظاهر ظهور، خدا پاران.

مسڪينيءَ ۾ قدرت محسن، ڏيندي روز السٽي آهي!

(سونهن جي ساجهہ: 18)

**الوٽ :** خماريل

جنهن تان سر بہ صدق سؤ واري آ،

تَنهِن جو عشق ڪري ٿو الوٽ اڪٹُ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 72)

**انا:** ذاتي فخر، وڏائي، پاڻ پڻو.

ڪيڏي مشڪل، ڪيڏي اوکي، پنهنجي انا پرچائڻ آهي.

(سونهن جي ساجهہ: 17)

**انا جا زخم :** پنهنجي خوديءَ جي مجروح ٿيڻ جا سور.

ڪڏهن ڪڏهن نہ، مسلسل ائين ٿئي ٿو پيو،

انا جا زخم لڪائي، ڪو جئي ٿو پيو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 22)

**انبوهہ :** ميڙ، مجموعو.

اک اک ۾ حسرتن جا انبوهہ ٿو ڏسان مان،

ڪنهن کي ڏيان تسلي، ڪنهن ساڻ گڏ روئان مان.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 68)

**انت :** پڇاڙي

انت تہ هر شيءِ جو ٻُڌي آ، پوءِ بہ لوڙيان، لوچيان ويٺي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 177)

**انجام :** پڇاڙي، انت، پڇاڙي.

اوچتو تنهنجو سڄڻ نام ڪٺي ويٺو هان،

ها ءِ آغاز ۾ انجام ڪٺي ويٺو هان.

(سونهن جي ساجهہ: 124)

**انجام بدنامي اٿئي :** اِن جي پُڄاڻي بي عزتيءَ جي صورت ۾ نڪرندي.

لا اُبالي طبع جو انجام بدنامي اٿئي!
ياد رک هيءَ مغربيت، غير اسلامي اٿئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**انديشا :** خطرا، ڪتڪا.

هر طرف الڪا ۽ انديشا گهڻا، ڪتڪا سوين،
ڪٿ بہ ڪو محفوظ مون کي ڪونہ ڇؤواٽو لڳو.

(سونهن جي ساڃهہ: 96)

**انڌ جون عينڪون :** مختلف بندشن جا خول.

سچ جي ڳولا اٿئي پوءِ انهن،
انڌ جي عينڪن کي لاهہ ڪٽي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 27)

**انگ آ :** مٽ مائٽ، ڪڙم قبيلي جو ماڻهون، نسل جو حصو.

هوءَ بہ ڪنهن جي ڌيڻ، ڪنهن جي ماءُ، ڪنهن جو ننگ آ،
هو بہ ڪنهن جو پاءُ، ڪنهن جو پيءُ، ڪنهن جو انگ آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 144)

**انمول واقعو آهي :** ڪڏهن ۾ ڪٿي بہ ملڻ مشڪل، انوکو.

اوهان، اسان ڏي نگاهون ڪٽي ڏِٺو آ،
اسان جي لئہ تہ هيءُ انمول واقعو آهي.

(سونهن جي ساڃهہ: 127)

**اڻ پڇيو :** بنا راضپي معلوم ڪرڻ جي، بنا آمادگيءَ پڇڻ جي.

اڻ پڇيو نينگري ٻڌي اُٿ سان،
هيءُ نسورو سمجهون ٿا!

(سونهن جي ساڃهہ: 76)

**اڻ پوکئي جو فصل لٹڻ :** بنا ڪنهن سعيي جي معاوضو ملڻ.

جاڳي ٿو پر خواب اُٺي پيو،
اڻ پوکيءَ جو فصل لٹي پيو.

(سونهن جي ساڃهہ: 33)

**اڻ ڪٽ :** جيڪو ڪڏهن بہ نہ ڪٽي، لاحد

هڪڙو گهر ٺاهڻ جي ڏُنَ ۾ عمر ڪٽي،
اڻ ڪٽ هڪا يٺار ڪيون پيا، او سائين!

(سونهن جي ساڃهہ: 41)

**اڻ ڳٽيان :** بنا ڳٽڻ جي.

اڻ ميا، اڻ ڳٽيان رکيا محسن،
پاڻ وٽ احترام نيٽن جا!

(سونهن جي ساڃهہ: 84)

**اڻ ميا :** بنا تور تڪ جي.

اڻ ميا اڻ ڳٽيا رکيا محسن،
پاڻ وٽ احترام نيٽن جا.

(سونهن جي ساڃهہ: 84)

**امارت :** ملڪيت.

بي انت خيانت جو حاصل، مظلوم امانت جو لاشو
دراصل امارت ڇا بہ هجي، تو هونئن سمجهيو مون هئين سمجهيو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 140)

**امن:** جنگ جي ابتڙ سڪون وارو ماحول.

راحت، سڪون، امن ڪپي، آشتي ڪپي،
زندهہ رهڻ لاءِ تہ اِهائي سُتي ڪپي.

(سونهن جي ساڃهہ: 90)

**اتفاقاً :** اوچتو، اُها روئدار جيڪا اڳ سوچيل نہ هجي.

اتفاقاً ۾ اوچتو هن سان،
فون تي هلو هلو هن سان.

(سونهن جي ساڃهہ: 81)

**احتجاج :** شڪوه شڪايت، ناراضگي.

وقت سان گڏ نہ ٿو هلين محسن!

پاڻ سان تنهنجو احتجاج هيو.
(سونهن جي ساڃهہ: 15)

**احتجاج ڪان پري:** ٿورڙو بہ محسوس نہ ڪرائڻ.

مقابلو تہ نهيو احتجاج ڪان بہ پري،
شريف شخصُ رڳو پنهنجو رت پئي ٿو پِيو.
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 22)

**اشاري بازي:** هر هر اهڙو عمل ڪرڻ جڻ پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو هجي.

روز اشاري بازي هن جي،
پار ڪي جڻ ريجهائڻ آهي!
(سونهن جي ساڃهہ: 17)

**اشتهار:** مشتهر ڪرڻ، پَذيرائي ڏيڻ.

سرِبازار بنجين حسن جوئي اشتهار،
ڇو حوس آميز نظارن جو ٿي بنجين تون شڪار؟!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 131)

**اقبال:** قبوليت يا ميڄتا، ميڄڻ، قبول ڪرڻ.

قوم جو اقبال ۽ ادبار تنهنجي دم سان آ،
بي غرض، بي لوث سچو پيار تنهنجي دم سان آ!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**اقرار ڪرڻ:** ميڄڻ، واعدو ڪرڻ، اعتراف ڪرڻ.

پيريءَ جو اقرار ڪيون پيا، او سائين!
هاڻ تہ گونگو پيار ڪيون پيا او سائين!
(سونهن جي ساڃهہ: 41)

**انتخاب:** چوندَ.

هن ڪي ڪنهن جو ٿيڻ جي خواهش هئي،
هن ڪيو منهنجو انتخاب هيو.
(سونهن جي ساڃهہ: 32)

**انتظام:** بندوبست.

ڪجهہ تبسم ۽ اشڪ نذر ڏبا،

تنهنجي آمد جو انتظام ڪبو.
(سونهن جي ساجهہ: 157)

**انتقاماً:** بدلي جي طور تي، انتقام جي آڌار تي.

انتقاماً هن ۾ هُنَ جي فرق وسري ٿو وڃي،
آدميت جو ڀرم ان ريت نڪري ٿو وڃي.
(ڪنهن جي ماڻ ميار: 144)

**انسانيت جي منهن تي نہ دانگي گھمي وڃڻ:**

انسانيت جي منهن تي نہ دانگي گھمي وڃي،
انسان جا ڪلور سنيالي رکيا اٿم!
(ڪنهن جي ماڻ ميار: 15)

**انسانيت ڪش:** انسانيت واري جذبي کي ختم ڪرڻ.

آهي ڪا اهڙي عدالت هن مهذب دؤر ۾؟
جيڪا هنن انسانيت ڪش حرڪات کي قابلِ نفرت چوي!
(سونهن جي ساجهہ: 175)

**اٻاٽڪائي:** مايوسي.

ڪلهہ کان ڏاڍي اُٻاٽڪائي آ،
فون هن جي اجا نہ آئي آ.
(سونهن جي ساجهہ: 158)

**اُٻهري:** گھڙيءَ گھڙيءَ اُڏما ڪائي اُٿندڙ.

سڄي عمر پڇتاءَ جا گھاوَ ڪاڏا،
محبت ڪئي پر، اُٻهري ڪئي ٿئون.
(سونهن جي ساجهہ: 56)

**اُتامرو ڪرڻ:** مٿي تي چاڙهڻ، دادلو ڪرڻ.

منهنجون ڪوتاهيون معاف ڪري،
مون کي رهندو اتامرو ٿي ڪري.
(ڪنهن جي ماڻ ميار: 59)

**اتاولو:** بي صبرو، اُٻهرو، تکڙو.

ايڏو ڇو اتاولو آهين ڪنهن جي ڪاڻ!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 116)

**اجهائڻ** : وسائڻ، پوري ڪرڻ.

گرم ٻانهن ۾ هن پئي ڳُڪيو
پيار جي پياس تي اُجهائي مون.

(سونهن جي ساجهہ: 99)

**اُڊڪو** : ڳڻتي، انتظاري.

شل هجي خير، گذري سجڻن تي الائي ڇا؟
هن دردونديءَ دل کي اڊڪو تہ گهڻوئي آ.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 78)

**اُرهہ جي ٻيڙي ڏڪڻ** : پنهنجي وِتَ وس آهر زور لڳائڻ، بي سهارو.

مان آهر پيو ڳهي محسن مگر،
ڪيترو ڪو ارهہ جي ٻيڙي ڏڪي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 67)

**اُسات** : خشڪي، اڃ، پياس.

حسين شڪل مان ڪٿ ڏاپڻ جو سوال هو،
عجيب تاس، عجيب اڃ، عجب اُسات هي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 22)

**اُقت** : مڪمل طور تي.

جنهن تان سر بہ صدق سؤُ واري آ،
تنهن جو عشق ڪري ٿو اَلُوٽُ، اُقَت.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 72)

**اُقرڪي پوڻ** : تئي تي پچڻ دؤران مانيءَ جو ڦوڪجي پوڻ.

شايد ڪو مهمان اچي ٿو
ڏٻڙي آهہ اقرڪي پيئي!

(سونهن جي ساجهہ: 75)

**اُلڪا** : وهم، وسوسا، بي بنياد خيال.

هر طرف الڪا ۽ انديشا گهڻا، ڪتڪا سوين،

وٽ بہ ڪو محفوظ مون کي ڪونہ ڇڙواٽو لڳو.
(سونهن جي ساجهہ: 96)

**اُميد جو ترِورِو:** ڪاميابيءَ جو آثار.

مايوسين جي ڌُنڌَ ۾ محسن ڪِٿي پري ڪان،
هڪ ترورو اميد جو پيو ٿو ڏسان اڃان مان!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 68)

**اُسَ:** چاهہ، سڪ، محبت.

ڪوبہ تعلق نہ واسطو توسان،
پوءِ بہ اُنس ايترو توسان.
(سونهن جي ساجهہ: 154)

**اوٺار:** يادگيريون

انتظار، اوٺار، اوسيئڙا ۽ انديشا گهڻا،
زندگيءَ جي راهہ تي: ماٺون گهڻا؟ پاڇا گهڻا؟!
(سونهن جي ساجهہ: 115)

**اوپرو:** اڻ ڏٺل، اڻڄاتل.

يا خدا! هيءَ ڪنهن جي سازش آ؟
مون کي هر شخص اوپرو ٿو لڳي!
(سونهن جي ساجهہ: 28)

**اوچڻ:** ڪپڙا، لٽا.

الاهي پيٽ بکيو هيءَ اوچڻ جي اون،
بوڙن جي ٻڌڻ لاءِ ٿيون ترسن آنهون.
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 133)

**اوڙاپو:** ٻاهريون ڏيک.

معنيٰ جو موتي ٻيو، اصل تہ اوڙاپو ڪهڙو ويرين وچ ۾؟!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 113)

**اوسر:** واڌ ويجهہ، ترقي.

منهنجي هرهڪ غزل جي اوسر لئہ،
هن جي هر ادا، غِذا ٿي لڳي!

(سونهن جي ساجهہ: 27)

**اولاد اڏڻ:** گهر ٺاهڻ، ڏِک ڪرڻ، گهيرا ڪرڻ.

دهشت، قهر، ڪلور جا اولا اڏي ٿي،
موڪيندو منصور ڪو؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 121)

**اون:** ڳڻتي، الڪو

الاهي پيٽ بکيو، هيءَ اوچڻ جي اونَ،
ٻوڙن جي ٻڌڻ لاءِ ٿيون ترسن آنهون.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 133)

**اونڌو ڪُنو هئڻ:** نراسائي، پاس، حسرت، ملال.

جڏهن هن پنهنجي قسمت تي رنو هو
تڏهن منهنجي بہ گهر اونڌو ڪُنو هو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 65)

**اونو:** ڳڻتي، تاڪيد.

رهزن جي پناهہ يا تائيد،
دلبريءَ جو خيال يا اونو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**اياز:** اهو شيدي ٻانهون جيڪو نهنائيءَ ڪري وقت جي بادشاهہ محمود غزنويءَ جو محبوب هو.

مان تہ محمود ناهيان اي محسن،
هو مگر منهنجي لئہ اياز ٿيو!

(سونهن جي ساجهہ: 26)

**ايثار:** قرباني، سخاوت.

نشہِ قرباني و ايثار تنهنجي دم سان،
قوم جو اخلاق ۽ ڪردار تنهنجي دم سان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**ايجاب و قبول:** مڃڻ ۽ نہ مڃڻ جي وچ جا مرحلا.

هي ڪناوريتن ۾ گهوٽيتن جون ڳالهيون ۾ ايجاب و قبول!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 127)

**ايجاد:** منفرد تخليق، نڪور شيءِ.

ماڻهپي لئہ بہ ڪجهہ ڪيو ايجاد،
هونئن بہ ڏاڍا ڪمال ٿي ويا هن.

(سونهن جي ساڃهہ: 74)

**ايڪو:** ٻڏي.

جت دل دل ايڪو اُنس گهري،
جت محسن چاهت چنگ چُري.

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 156)

**ايرڪا:** ڪاڏل، گندو.

اندرُ سارو ايرڪا، ٻاهر منجهہ ٻيُون!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 112)

**بارها:** ڪيترائي دفعا، ڳڻڻ کان بہ گهڻا دفعا.

شڪر صد شڪر بارها الحمد، ڪنهن جي دل ۾ نگاهہ ۾ آهيان!

(سونهن جي ساڃهہ: 85)

**باقي جهانُ ٿيڻ:** اڳتي جا روپا ڦِرڻ، مزيد اڳتي جي هلت چلت طئہ ٿيڻ.

ڀرين ڳالهہ آهہ تعارف جي،
پوءِ باقي جهان ٿي پوندو!

(سونهن جي ساڃهہ: 43)

**بان ڪرڻ:** بس ڪري ويهي رهڻ، توبهہ تائب ٿيڻ، انڪار ڪرڻ.

مرد ايندا ويا، ميڙ ٿيندا ويا، ڪنهن بہ ڪُرِڪيو نہ ٿي،
ڪنهن نہ بان ٿي ڪئي، سنڌ جاڳي پئي، سنڌ جاڳي پَئي!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 152)

**باهڻ:** ڪُتَنِ جي پئونڪڻ ۾ خاص نشانو بنائڻ کي باهڻ چئبو آهي.

هو تہ هڪ دل جو چور هو شايد،
ڳوٺ وارن ڪتن چو ڀاهيو آ؟!
(سونهن جي ساڃهہ: 59)

**بتال ڪرڻ:** منجهائي ڇڏڻ، وائڙو بڻائي ڇڏڻ.

جهنگ ۾ هڪ پَريءَ جي هڪ جلوي،
منهنجون وايون ڇڏيون بتال ڪري.
(سونهن جي ساڃهہ: 53)

**ٻنا:** جيئن سِرنِ پچائڻ جا ٻنا هوندا آهن، اُهڙا عشق پچائڻ جا ٻنا.

ٻاهر ٻاڦ نہ نڪتي هوندي، اندر برهہ ٻنا هونداسي!
(سونهن جي ساڃهہ: 109)

**بخت:** ڀاڳ، قسمت.

شڪل سادي، نہ ڏيءُ پٽ، نہ فلوس،
بخت ڪيڏو ستم ڪيو هن سان!
(سونهن جي ساڃهہ: 81)

**بدگمان:** غلط تاثر ورتل، شڪ ۾ مُبتَلا.

مون کي ڪهڙي خبر تہ بي ڏوهہ مون کان هيئن بدگمان ٿي پوندو؟!
(سونهن جي ساڃهہ: 43)

**برملا:** آمهون سامهون، کُليءَ طرح.

آرزو برملا ڪري تہ ڏسان،
چاهي ان ۾ پلا، ڪري تہ ڏسان!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 175)

**بل بل:** بَلي بلي، شاباس اٿئي، ڏوراپو.

ڏيري جي، ڏيري مٿان، ڏان ڏان، بل بل!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 108)

**ڀهائون:** قيمتون، اگهہ.

شهرتن جا چار، آزادين جا ٿندا چار سو،
جسم جي بازار جوين جون ڀهائون ڪُوبہ ڪو.
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**بُربلي :** ننڍڙي قد ۔ بت وارو پکي.

روح مُحسن جي هر غزل جو فقط حور هوندي، بربلي هوندي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**بوالهوس :** جنسي طور تي بکيا.

بوالهوس تنهنجي تعاقب ۾ رهن ٿا بيشمار،
پيڪر عفت تون، پنهنجي مرتبي ڏانهن ٻه نهار.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 131)

**بوجو :** وزن، مونجهارو.

ٻاجهه جا ٻولُ ٻڌي ماٺ ۾ روئي پيو هان،
ذهن تي هاڻ ڪوئي بار، ڪو بوجو ڪونهي.

(سونهن جي ساڃهه: 118)

**بودلو :** معصوم، بي سمجهه، موڳو.

هن ڪي ماڻهون ٿا بادشاهه سڏن،
بودلو، چٽر نه ٿو سمجهي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 16)

**بي باڪ :** چئي ڏيندڙ، رک رکاءُ نه ڪندڙ.

مجرم آ، خطا ڪار آ، ناپاڪ آهي،
هوشيار آ، چالاڪ آ، بي باڪ آهي.

(ڪنهن ماٺ ميار: 139)

**بي جوڙ :** بناڪنهن سليقي وارو.

پاڳ جي جوڙ شخص جا ته ڏسو ڪار ۾ هن سان گڏ پري ٿي وڃي!

(سونهن جي ساڃهه: 13)

**بي حجاب :** جنهن کي عزت يا بي عزتيءَ جو خيال نه هجي.

هن جو انگ انگن جي حجاب لڳو،
ڪيئن چئجي ته هُو لڄاڙو هئو!

(سونهن جي ساڃهه: 48)

**بي درد سان رهندي :** انهن سان گڏ رهڻو پئجي وڃي جن جي دل ۾ بين لاءِ درد سمايل نہ هجي.

بي دردن سان رهندي محسن، پنهنجو رت سُڪائڻ آهي!

(سونهن جي ساجهہ: 17)

**بي دلي :** گهٽ لڳاءَ واري، بنا چاهہ جي.

تڙپندو ڪيئن نہ جنهن جي رشتي ۾،
بي رُخي هوندي، بي دلي هوندي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 14)

**بي رُخي :** لهرائڻ، نٽائڻ.

تڙپندو ڪئين نہ جنهن جي رشتي ۾،
بي رخي هوندي، بي دلي هوندي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 14)

**بي ضمير :** جنهن کي پنهنجي عزتِ نفس لاءِ مان مرجات نہ هجي، انسانيت کان ڪريل حرڪتون ڪرڻ وارو.

پنهنجي سنهنجي خدا ڏئي محسن، بي ضمير و جئي ٿو پَٽَ سَٿَ تي!

(سونهن جي ساجهہ: 16)

**بي غرض :** بنا ڪنهن مطلب، لالچ يا ذاتي مفاد جي.

قوم جو اقبال ۽ ادبار تنهنجي دم سان آ،
بي غرض، بي لوث، سچو پيار تنهنجي دم سان آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**بيک :** خيرات، صدقو.

جي مستحق هجان تہ پلاين جو شڪريو،
همدرديءَ جي بيک سڄڻ ڪانہ ٿي کپي.

(سونهن جي ساجهہ: 90)

**بيگانن جي بستي :** جن جو ڪوبہ ڏٺي ڏوڪيو نہ هجي، رليل، دربدر.

ڪاٿي ٽِڪُ پيچو چوڏاري بيگانن جي بستي آهي.

(سونهن جي ساجهہ: 18)

**بي لغامي :** ڇُوٽَ، بنا رنڊ روڪ هلڻ، جهل پل کان آجو.

ڪاميابي دور ۽ نزديڪ ناڪامي اٿئي،
بي لغاميءَ جو نتيجو خون آ شامي اٿئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**بي لوث :** بناڪنهن لالچ، غرض يا ذاتي مفاد جي.

قوم جو اقبال ۽ ادبار تُنهنجي دم سان آ،
بي غرض، بي لوث، سچو پيار تنهنجي دم سان آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**بي نياز :** جيڪو هيئاهين ڪرڻ، نياز نوڙت ڪرڻ نہ چاهيندو هجي.

ساري دنيا کان بي نياز هو، پاڻ تي هن کي ڇا تہ ناز هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 26)

**ٻاٽ :** گُگهہُ اوندهہ، اماس.

مٿان مٿان رڳو روشني هئي محسن،
تہ پوءِ دل ۾ ڪٿان آئي هئي ٻاٽ هتي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 23)

**ٻاجهہ ڀريا ٻول :** اهي گفتا جن ۾ نمرتا سمايل هجي، قربائتا ٻول.

ٻاجهہ ڀريا ڪي ٻول ٻہ هن جا،
جڻ ڪي پاڪي پائڻ آهي.

(سونهن جي ساڃهہ: 17)

**ٻاڏائڻ :** عرض ڪرڻ، دعا گهرڻ.

نيت تہ ٻڌندو پنهنجي وس ۾،
ٻانهن جيئن ٻاڏائڻ آهي.

(سونهن جي ساڃهہ: 17)

**ٻارِ :** پڪل پوڪ کي لٽي رکبو آهي: سئي وڃي تہ ڳاهبو آهي، ٻهہُ جدا تہ اَنُ جدا ٿيندو آهي اُن کي ٻارِ چوندا آهن.

تنهنجون سڀ فرمائشيون پوريون ڪبيون،
بس رڳو هن ٻار کي ڳاهي وٺان.

(سونهن جي ساڃهہ: 72)

**ٻارَڻُ:** ظلم، باهيون.

جاڏي ڪاڏي جُوه ۾ ٻارڻ ٻائيتال.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 110)

**ٻارَڻُ ٻارِڻ:** وڏا باهه جا مچ مچائڻ.

نفرت ٻارڻ ٻاريا ها، پريت وڏو پڇتاءُ ڏنو هو.

(سونهن جي ساڃهه: 98)

**ٻاڙو:** ڪنهن دلي کي وڄائبو ته چٽو آواز ايندو ۽ صحيح ور نه پڳل يا پيلو هوندو ته منجهيل آواز ايندو.

خوبصورت هئو دلو ڪيڏو! پر وڄائي ڏٺم ته ٻاڙوهو.

(سونهن جي ساڃهه: 48)

**ٻاڙو ٻولڻ:** حيثيت جي خلاف ڳالهائڻ، بي سُري ورندي، نفرت وچان ڳالهائڻ.

محسن جهڙو مومن ماڻهون، ڪنهن سان ٻاڙو ٻولي چو؟!

(سونهن جي ساڃهه: 121)

**ٻـِنبُون:** معصوم، سادي سودي، ابوجهه.

پاڇولن جي پوپان ويئي، ٻالي پولي، گونگي دانهن.

(سونهن جي ساڃهه: 117)

**ٻائيتال:** دانهون، ڪُوڪُون، رڙيون، لُڙُ بڪيڙو.

جاڏي ڪاڏي جُوءِ ۾ ٻارَڻ ٻائيتال.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 110)

**ٻَرِ ٻَرِ ٻُرَڻُ:** وري وري آواز اچڻ، شور برپا ڪندڙ آواز اچڻ.

جت ٻر ٻر سڪ جو گيت ٻڙي، سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 156)

**ٻڙ ڏرڪ:** گوڙ لُڙُ، جهيڙو.

ڪنهن نه ڪنهن گهر ۾ روز ٻڙڏڪ آهي. زائفن جو مشاعرو هوندو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 58)

**ڀڪي تي:** خوشيءَ ۾ نہ ماپڻ، شدت سان خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ.

ٿئي ٿو ماءُ جي ٿڃ هونگڙيون ڪري ننڍڙو،
امڙ جي گود ۾ ڀڪي تي پنهنجا ٻار ڪٽي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 54)

**ٻِٽُ ٻَنيءَ ۾:** زمين جي هرڪنهن ڪم ڪار ۾ ڀاڱي ڀائيوار هئڻ.

ماءُ سان ٻَٽ ٻنيءَ ۾ رونبي تي،
ڇوڪرو ڪارڙو ڪلوٽو هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 37)

**ٻٽ نہ هو:** ٻڏي يا ايڪي ۾ نہ هئڻ، گڏ نہ هئڻ.

هُو جو مون سان ٻِٽُ نہ هو، منهنجو ڪو مائٽ نہ هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 97)

**ٻلي ٻہ ٻہ- مٺي:** رڳو پنهنجي شيءِ جي ساراهہ ڪرڻ پر اهڙي ساڳي شيءِ ٻئي جي تي اک نہ پوڻ.

ٺهندو محسن ڪيئن انهن ۾، جن وٽ ڇڻ مٺن جي ٻلي هوندي،

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 42)

**ٻن- ٽن ۾ نہ هئڻ:** فقط پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ، غيرجانبدار رهڻ.

محسن نہ ڪن جي ٻن ۾، نہ ٽن ۾ هئو ڪڏهن،
عزت سان پنهنجو وقت گذاري ڇڏيو اٿس.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 43)

**ٻُٽي ٻُٽي:** اڪيلي اڪيلي، ڪُٽل ڪٽل، هٿين خالي.

هوءَ زئرنہ آهي ڪيس ڇئو تہ ائين،
ڪنهن جي گهر پيي ٻُٽي ٻُٽي نہ وڃي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 60)

**ٻوگهلي:** معصوم، سادي.

عقل ڪنهن ڪي ٻہ وَٺُ ڏِئي نہ ڏِئي،
دل تہ هرڪنهن جي ٻوگهلي هوندي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 14)

**ٻيگهي مچڻ :** وارو ملي وڃڻ، ڪنهن دشمن جي ڪمزور پوزيشن جو فائدو وٺڻ.

هيڏي تعليم هوندي چڙوا ڳي،
هن جي ٻيگهي مچي وئي آهي.
(سونهن جي ساجهہ: 86)

**ٻيلهڙا :** ڏِلاءِ اهي ٽڪر جا ناتوَ جن ۾ چٽا، دال، مٽر، اتوءِ اَنُ وجهي رکبو آهي.

گهڙا ۽ ٻيلهڙا پرجن پيا گر زندگي آهي،
مري وياسي تہ هرڪو چئي پنهنجي نصيبن ڪي.
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 175)

**ٻاڃي لئہ :** سائي ٻاڃي خريدڻ لاءِ.

هوءَ ڪڇيءَ تي اچي ٿي ٻاڃيءَ لاءِ،
رقص ۾ جڻ تہ ڪِرو ڪِرو ٿو لڳي!
(سونهن جي ساجهہ: 28)

**ٻاڪيون :** سڪ، محبت، وڇوڙي ڪان پوءِ ملي ٻاڪر پائڻ.

ٻاڪيون هن جو ٻاتيون محسن،
اڪ مان ڳوڙها تڏهن بہ وهندا وِيا!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 57)

**ٻال :** ٿورا، احسان، مهربانيون، سخاوتون، قرب.

جيڏا جنهن جا هوندا ٻال، ان جي اوڏي ڳالهہ ڪبي.
(سونهن جي ساجهہ: 12)

**ٻج تہ ٻاندو ماٺ جو:** ٻاندو معنيٰ جسم يا بدن، ان سان معنيٰ ٻيٽي تہ ماٺ ڪي ٽوڙڻ.

ٻج تہ ٻاندو ماٺ جو سور تہ ڪنهن سان سَلَ!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 108)

**ٻڪڙيءَ مٿان ٻڪڙي :** جهليل ڳالهين ڪي وري وري ٽوڙڻ.

هوڏانهن هن ڳوٺ جو قانون سخت هو،
هيڏانهن ٻڪڙين جي مٿان ٻڪڙيون هيون.
(سونهن جي ساجهہ: 153)

**پُرُ :** مددگاري، ساٿ، همراهي.

سرخرو محسن ٿي وينداءِ پرين!
پنهنجي سنگت جو رڳو تون پُرُ تہ ڏي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 36)

**پرم :** ٻيئل نالو مليل مان، احترام عزت.

رهجي اچي اسان جي وفا جو پرم پرين!
’آمين‘ تون چوين تہ پوءِ مان پيي دعا گهران!

(سونهن جي ساڃہ: 125)

**پري تي وڃي :** ڪاوڙجي شدت.

مڙسن جي خير تہ آ ڪاوڙ ۾،
صاحبياڻي صفا پري تي وڃي.

(سونهن جي ساڃہ: 13)

**پريو هوندو :** مڇرايو ويو هوندو، غلط سلط ڳالهيون ٻڌائي ورغلايو ويو هوندو.

هن جي منهن تي هيءَ بي رخي ڇاجي؟
هن کي شايد تہ ڪنهن پريو هوند؟!

(سونهن جي ساڃہ: 51)

**پيڳ :** کوٽ، ملاوٽ واري شي، گهٽ معيار رکندڙ.

تون ئي سارو سون ۾ سچ، دنيا پانيان پيڳ، الا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 86)

**ڀيانڪ :** خوفائتو خوفناڪ.

بي روح اشارا ۾ ڀيانڪ چرڙاٽ،
جنڙي بہ نہ آهي، نڪو ڇيلي آهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 138)

**پِندَ :** اڻيا، وچڙيل، وڪريل گهاتا وار.

پِندَ وارن جي ذڪر تي محسن، پين هر هر پئي لُڏي ويئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 66)

**ڀُلجي ڀاڻ اڇڻ:** ڀلجي يا اوائي توائي ٿي وري بہ ساڳيءَ جاءِ تي اچي نڪرڻ.

سو بہ ڀليو ڀاءُ جو ڀلجي آيو ڀاڻِ، ماٺون منهنجي ملڪ جا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 116)

**ڀُنو هو:** ڀنو هو ڀاڙيو ٿيو هو.

مجي ٿو سونهن کي جلوو خدا جو سڄيءَ دنيا ڪان نہ تہ محسنُ ڀُنو هو!

(ڪنهن ماٺ ميار: 65)

**ڀٽي ڀيو:** ڳولي پيو، جانچي پيو.

منڙن ٻولن ڪاڻ سدائين، هڪڙو سائل ڀونءِ ڀٽي پيو.

(سونهن جي ساڄهہ: 32)

**ڀوڳڻ:** تڪليف سهڻ، درد برداشت ڪرڻ.

ڪنهن سِبي جڻ چڏيو هو چَپُ چَپَ ۾،
ٻن دلين ڇا نہ ڀوڳيو ڊپ ۾!

(سونهن جي ساڄهہ: 20)

**ڀوڳيا وينو:** تڪليف سهڻ، درد برداشت ڪرڻ.

هيترو درد، هيتري پِيڙا، دل جو آهي تہ ڀوڳيان وينو!

(سونهن جي ساڄهہ: 13)

**ڀولو ڪونهي:** ايڏي وڏي ڳالهہ ڪونهي، ڀلجي وڃڻ جهڙي ڳالهہ ڪونهي.

ايڏي وڏي ڳالهہ ڪونهي ڪا، ڀُلجي وڃڻ ۾ ڀولو ناهي.

(سونهن جي ساڄهہ: 118)

**ڀونءَ تي:** ڌرتيءَ تي.

محسن هيئن نہ هوءِ جو ڀونءِ ٿين ڀئونچال!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 110)

**ڀئُونچال:** فساد، لٽ ڦر.

محسن هيئن نہ نہ هوءِ جو ڀونءِ ٿين ڀئونچال!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 110)

**پيد لهڻ:** مقصد ڄاڻڻ، دل جي ڳالھ پرکي وٺڻ.

ٿوريءَ ئي ڳالھ تي ٿيون اکيون پريون اچن،
ڳوڙهن جو پيد ڪھڙيءَ طرح سان لهي سگهان؟!

(سونهن جي ساڃھ: 151)

**تاب:** گرمائش.

حسن جو تاب، تاءُ پنهنجو آ، سِڪَ ۾ سَچَ جو هڳاءُ پنهنجو آ!

(سونهن جي ساڃھ: 78)

**تاجپوشي:** وڏ ۾ وڏ خوشيءَ جو ڏينهن، بادشاهي ملڻ وارو خوشيءَ جو ڏينهن.

تون اڱڻ تي اچين تہ منهنجي لئہ،
تاجپوشيءَ جو ڏينهن ٿي ويندو.

(سونهن جي ساڃھ: 161)

**تاس:** اڃ.

حسين شڪل مان ڏاپڻ جو ڪٿ سوال هيو،
عجيب تاس، عيجب اڃ، عجب اُسات هُئي!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 23)

**تاڪائو:** تڪيندڙ، ڳولائو، گهرجائو.

تن ۾ تئونس ڪنيون وتي، تڙيو تاڪائو،
ڏرت بہ ويندو ڏئي، الا!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 115)

**تالاب:**

پُونءِ جو تالاب آ يا گندگيءَ جو ڍير آ،
وقت جو ناسور يا ماحول جو انڌير آ.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 143)

**تانگھ:** سڪ يا گهرج، ساھُ تَنگُ.

هڪ مِٺو درد دل ۾ ٿيندو آ،
تانگھ هن جي جڏهن بہ ٿيندي آ.

(سونهن جي ساڃھ: 64)

**تاڙي جهلڻ:** ٻاهر طرف تي ڪري ڇڪي جهلڻ.

سونهن، نِگاهون ساهيون آهن،
تاڙي جهل ڇاتي، او سائين! تو ڇو دل لاتي؟!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 100)

**تاويل:** اپٽار، وضاحت، اطلاق.

افڪار جي تاويل ٿئي ٿي ڏسجو
جذبات تي تڪميل ٿئي ٿي ڏسجو!
(سونهن جي ساڃهہ: 148)

**تاءُ:** اُڳَس، گرمي، تپش.

حسن جو تاب، تاءُ پنهنجو آ، سڪ ۾ سچ جو هُڳاءُ پنهنجو آ!
(سونهن جي ساڃهہ: 78)

**تائي:** اُتتِ، گرمائش، تِڙِڪو، ڏر تتي.

در ڏئي اوطاق جو محسن سُتو
جُونِ ۾ ڏاڍي هُئي تائي وڏي،
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 39)

**تائيد ڪرڻ:** پٺڀرائي ڪرڻ يا پاسو وٺڻ.

مرڪو تہ اُتِن جُلِهہَ ڪري تدبيرون،
مرڪو تہ اسان ساڻ نهن تقديرون!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**تبسم:** مسڪراهٽ.

ڪجهہ تبسم ۾ اشڪ نذر ڏيا،
تنهنجي آمد جو انتظام ڪيو!
(سونهن جي ساڃهہ: 157)

**تپاسيون:** جانچيون، ڏٺيون وائٺيون، چيڪ ڪيون.

هو ڏسڻ ۾ تہ ڇاڪ آ محسن،
پر، دليون ڪنهن تپاسيون آهن؟!
(سونهن جي ساڃهہ: 50)

**تجارت :** واپار، ڌنڌو، ڪاروبار.

وَٺُ تہ مهانگي، وڪڻ تہ سَستي، مشڪل آهي دل جي تجارت.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 175)

**تحقيرون :** حقارتون.

پوءِ ڪجهہ مخصوص تحقيرون، برايون، نفرتون،
هن جي حق ۾ ذلتون، هن لاءِ ايذيون لعنتون.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**تدبيرون :** بندوبست، سعيا.

مرڪو! تہ اٿن جُلهُون ڪري تدبيرون،
مرڪو! تہ اسان ساڻ ٺهن.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 134)

**تذليل :** بي عزتي، ذليلائپ.

جنهن ۾ انسان ئي انسان جي ڪري ٿو تذليل،
جنهن ۾ شيطان جي حڪمن جي ٿئي تڪميل.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 130)

**تڏي تي هلي وڃڻ :** ڪنهن جي رهائش تي وڃي ساڻس ميڙ منٿ ڪري معافي وٺڻ.

مست محسن لڳي ٿو، اڄ شايد،
پنهنجي منٺار جي تڏي تي ٿو وڃي.

(سونهن جي ساجهہ: 35)

**ترُ :** پس گردائي، اوسو پاسو.

خانصاحب جي اشاري تي ڳوٺ ڇاپر سڄو تر ٿو نچي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 52)

**ترڪ ڪرڻ :**

سونهن سان ترڪ پنهنجي چاهہ ڪيان،
رب نہ بخشي جي هيءُ گناهہ ڪيان.

(سونهن جي ساجهہ: 51)

**تڙپڻ :** ڦٿڪڻ، درد جي شدت مان گذرڻ.

تڙپندو ڪئين نہ؟ جنهن جي رشتن ۾،
بي رخي هوندي، بي دِلي هوندي!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 14)

**تڙيو :**

تن ۾ تئو سُر ڪنيون وتي، تڙيو تاڪائو ڏرت بہ ويندو ڏيهہ مان!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**تسلي ڏيڻ :** دلجاءِ ڏيڻ، بي فڪري ٻُڌائڻ.

اک اک ۾ حسرتن جا انبوهہ ٿو ڏسان مان،
ڪنهن کي ڏيان تسلي، ڪنهن ساڻ گڏ روئان مان.
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 68)

**تسليم تہ سڀ عيب اسان ۾ :** اهو مڃيئون ٿا تہ سڀ عيب واقعي بہ اسان ۾ آهن.

تسليم تہ سڀ عيب اسان ۾ آهن،
ڪجهہ تہ پنهنجي پُنيءَ ڏي بہ نهاريو سائين!
(سونهن جي ساڃهہ: 134)

**تعارف :** واقفيت، شناسائي.

ڀرين ڳالهہ آهہ تعارف جي، پوءِ باقي جهانُ ٿي پوندو!
(سونهن جي ساڃهہ: 43)

**تعميل :** پورائو فرمانبرداري.

جنهن ۾ انسانُ ئي انسان جي ڪري ٿو تذليل،
جنهن ۾ شيطان جي حڪمن جي ٿئي ٿي تڪميل.
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 133)

**تعظيم :** آدرڀاءُ ڪرڻ، عزت ڪرڻ.

ذات جنهن ۾ ڏِنائين تہ وڏي ويو ان ڏي،
ذات جي ايتري تعظيم، الا ڪيڏي ڳالهہ؟!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 173)

**تقاضائون :** گهرِجُون، ضرورتون.

چند ذميواريون ڇيڙڻ لڳن ڪنهن کي ته پوءِ،
کي تقاضائون به جهنجهوڙڻ اچن ڪنهن کي ته پوءِ!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 144)

**تقدس :** احترام

سونهن ۽ پيار جي تقدس کي، مون ته آهي سڄي ڄمار ڏني!

(سونهن جي ساڄهه: 44)

**تڪميل :** پورائو مڪمل ٿيڻ.

افڪار جي تاويل ٿئي ته ڏسجو،
جذبات جي تڪميل ٿئي ٿي ڏسجو!

(سونهن جي ساڄهه: 148)

**تڳي هوندي :** گذارو ڪيو هونداين، اِن سهاري تي جي هوندي.

روز پاڪر نوان ته هَندَّ به نوان،
هاءِ! غربت اِئين تڳي هوندي.

(سونهن جي ساڄهه: 77)

**تلخ :** تُرِشُ، ڪڙي مزاج واري.

زندگي تلخ، ڇو ته سٺي به آ،
ها! گذارڻ جو ڍنگ ڪونهي ڪو.

(سونهن جي ساڄهه: 51)

**تلقين :** صلاح، نصيحت، اصول ناهي ڏيڻ.

پاڻ تي ضبط جي تلقين اڪين تي،
ليڪن سال جو سال من! ڪنهن کي پيي روزو ڪونهي.

(سونهن جي ساڄهه: 118)

**تُفنگ :** سينگ.

ڪوڙ ڦتجي پيا جڏهن ته وٺس،
پُرڪو ڪونهي ڪو تُفنگ ڪونهي ڪو.

(سونهن جي ساڄهه: 21)

**تنجڻ بعد :** ننڍڙو ٻالڪ اڃا تنجڻ ۾ ٻڌل هوندو آهي ۽ ان کي تيل سان مالش ڪئي ويندي آهي.

تنجڻ بعد هن وري شايد، تيل مُنهن کي مکيو ئي ناهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 49)

**ٹُنيرا اکين جا :** اکين جي نڪ واري طرف جي پڇڙيءَ کي ٽُنِرو ۽ جمع ٽُنيرا چئبو آهي.

خير حسن جي ديويءَ جي تصور جو خير،
اکڙين جا ٻئي ٽُنِرا تہ پُسي ويا آهن.

(سونهن جي ساڃهہ: 134)

**توڪل ۾ :** خدا تي ڀَروَسو ڪري ويهي رهڻ.

صبر جو ساءُ، دل جو آٿت پيي، صرف ملندو اٿم توڪل ۾.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 62)

**تو پارا :** تنهنجي پار پٽن سان مشابهہ، تو جهڙا.

ها اِها ڳالهہ پيي آهي تہ دل رڳو توسان هجي،
ورنہ، دل کي ٿا وڻن توجهڙا، تو پارا گهڻا!

(سونهن جي ساڃهہ: 115)

**توقير :** عزت ڏيڻ، مان ڏيڻ، احترام جتائڻ.

هن جي اکين تي خط رکيو هو منهنجو،
ڪيڏي توقير چشمي يار ڏني!

(سونهن جي ساڃهہ: 94)

**توهہ تڳڻ :** آسري يا سهاري تي جيئڻ.

توهہ تڳي ٿو جانب تنهنجي سارو جڳ، الا
جانب سارو جڳ الا، محبت ۾ آ مڳ، الا

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 86)

**توهين :** بي عزتي.

انسان جي توهين ڪندو جيڪو پيي،
ان سان اسان جي نہ ڪڏهن لڳندي دل.

(سونهن جي ساڃهہ: 144)

**تهمتون :** الزام، خدشو، بدنامي.

هَندِ ڦاٿو آ، تنهنجي محسن لئه روز تهمت نئين گهڙي ٿي وجي!

(سونهن جي ساڄهه: 82)

**تئونس :** ساڙ، حسد، ڳهرج، تپش.

تن ۾ تنئونس ڪنيون وتي، تڙيو تاڪائو
ڏرت ٻه ويندو ڏيهه مان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**تياڳي :** ڇڏي ڏيڻ، علحدگي، بيگانيگي.

ڪير ڄاڻي ته تنهنجي محسن جو ڪنهن جي خاطر جو تياڳ هيو.

(سونهن جي ساڄهه: 40)

**تيل ڦليل :** هار سينگار.

ماڻهون ڏاڍا ايندا آهن جڙيو هجين نظريل،
سوچي سوچي سمجهي سمجهي ڪر تون تيل ڦليل.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 175)

**ٿڻ :** ٻبو.

جيئن ئي ٿو ٿڻ ۾ هٿ وجهي مالڪ،
مينهنُ ڇيپي چاپ ۾ مِڙي ٿي پوي.

(سونهن جي ساڄهه: 24)

**ٽڳڙيون :** ڪپڙن ڪي اهڙو ڦاڙڻ جو ليڙون ليڙو ۽ ذرا ذرا ٿي وجن.

مرڪون ستمر گر جون اڏايون ٽڳڙيون،
هرڪو ته وطن لاءِ ڪٽون شمشيرون، هرڪو ته سهي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 134)

**ٿورو :** هونئن ته گهٽن ڪي ٻه ٿورو چئبو آهي، پر هتي اهو لفظ احسان لاءِ ڪتب آندو ويو آهي.

هن جو مرڪڻ ٻه مک جو ٿورو هو،
منهنجي سِڪَ ڪان تڏهن ٻه ٿورو هو.

(سونهن جي ساڄهه: 58)

**ٽاٽا:** فارورڊ ماڻھن جي آجيان ڪرڻ.

هن پري ڪان جو ڪيس ٽاٽا، مست ڪيڏو نہ چوڪرو پيو لڳي.

(سونھن جي ساجھہ: 28)

**ٽاڏون:** ٽينگ ٽپا ڏئي ڊور جو اچڻ ۽ هڪ خاص قسم جا آواز ڪيڻ.

ٽاڏون ڏيئي سڱ ساھہِ پٽارا،
ڪاھيو ڪاھيو ڪاھہ پٽارا!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 101)

**ٽاڪرو:** ٽِڪاءُ، گھر ۾ ويھي رهڻ جي عادت.

چونہ گھمندي اھا گھٽيون جنھن ڪي،
پنھنجي گھر ۾ نہ ٽاڪرو آھي!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 58)

**ٽاڪور:** ڏڪ لڳل يا مروڙيل عضوي کي اٽو ۽ ڳڙ تيل ۾ ڳوھي ڪوسو ڪري اڳڙيءَ ۾ وجھي ان جاءِ تي سِڪا ڏئي ٻڌي ڇڏبو آھي.

اڄ بہ ٽاڪور ڪري پئي هن جي،
ٻانھن کي ڪنھن مروٽيو ھو.

(سونھن جي ساجھہ: 37)

**ٽاھہ ڏيڻ:** اوچتو ڇرڪ تي اانڪ ٽينگ ڏيئي ڊوڙڻ جي ڪوشش.

شل اچي اھڙو ڏينھن جڏھن،
ٻن دلين کي نہ ڪوبہ ٽاھہ ڏِئي.

(سونھن جي ساجھہ: 47)

**ٽڏي ٽي:** خوشيءَ ۾ ٽولجي پوي ٽي.

بي ھُودن جي ٻول ۾، ٽيڳر ٽڏي ٽي، موڪيندو منصور ڪوا!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 121)

**ٽشو پيپر:** اھو سنھڙو ڪاغذ جنھن سان پگھر اگھبو آھي.

خط ساڻ گڏ هُن مُڪو ٽِشو پيپر،
ھيءُ ڏاڍو ڏکيو حساب آھي!

(سونھن جي ساجھہ: 32)

**ٽڳا ٽوڙڻ:** ٻنڌڻن کان آزاد ٿيڻ.

رسمن کان ٽڳا ٽوڙي، دنيا کان ٻيي چني ناتا،
آزاد محبت جو، هڪ جهول ڪٽي آيو.

(سونهن جي ساجهہ: 130)

**ٽنگون ساهڻ:** ٿوري وقت لاءِ گهمڻ.

هر ڪنهن جا اچن ٽا ۽ وڃن ٽا موتي،
ٻيو نہ تہ آءُ من ٽنگون ئي ساهن.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**ٽوڙ هئڻ:** ٽوٽي، سست يا ناڪاره هئڻ.

هڪڙو شوپيس گهر ۾ آيو هو ورنہ ڪم ڪار جي تہ ٽوڙ هئي.

(سونهن جي ساجهہ: 39)

**ٽئونڪڻ:** ننڍڙي ڪتي جو رکي رکي هڪ خاص انداز سان ڀئونڪڻ.

دونهينءَ جي پاسي ۾ ڪتڙو، گول بنايو پيو آ سنڙو،
رکي رکي ٽئونڪي بہ پيو ٽو، ٽئونڪن تي ڀئونڪي بہ پيو ٽو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 98)

**ٽي – ڀتر:** طلاق ڏيڻ تي، ٽي دفعا جو دهرائبو آهي تہ ان کي ٽي ڀتر ڏيڻ بہ چئبو آهي.

مگر اکين سان ڏنائين جڏهن، تڏهن زهر جو ڍڪ ڀري،
ٽي ڀتر ڏيئي ڇڏيائين انهيءَ کي.

(سونهن جي ساجهہ: 175)

**ٽيگر:** ٽرڙائي.

جي هودن جي بول ۾ ٽيگڙ تڏي ٽي، موکيندو منصور ڪو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 121)

**ٺمر:** اساسو، قُوت گُذَرُ سامان سرڙو.

سور کي جيڪو ٺمر نہ ٿو سمجهي،
پيار جو ”پ“ اکر نہ ٿو سمجهي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 16)

**پاڇاري:** هر ۾ اڳيان ڏاندن جوٽڻ لاءِ پاڇاري هوندي آهي، جنهن ۾ ڏاندن جون ڳچيون وجهي ۽ ڏورڙن سان بند ڪبيون آهن.

هر پاڇاري تنهنجو ڏاجو، منهنجي هونگر سُرِندو باجو
نت شت ساڻ بناهہ پيارا!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 101)

**پارسي نہ سمجهڻ:** ڪابہ ڏکي ڳالهہ نہ سمجهي سگهڻ.

پارسي پل اسان نہ سمجهون پر، اک جي ٻولي ضرور سمجهون ٿا!

(سونهن جي ساڃهہ: 75)

**پاڪ پوتي:** اهو جنهن ڪنهن ڏانهن ڪڏهن پيار ڀريون نظرون بہ ڪٽي نہ ڏٺو هجي.

پاڪ پوتيءَ جو ڪوٽ ڊاهہ ڪٽي، او چريا! ڪنهن نہ ڪنهن کي چاهِ ڪٽي.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 27)

**پاڪ صحيفو:** پاڪ ڪتاب، مقدس ڪتاب، قرآن شريف.

اسان تي پاڪ صحيفي مثال پيار لٿو،
جهان سونهن سان آباد ٿيو، ڏڪار لٿو.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 98)

**پاڪر:** سوکڙي، نيشاني.

در تي آ بيٺو سوالي صبح کان،
ان کي پنهنجي پيار جي پاڪر تہ ڏي.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 36)

**پاڻ پُٽي پيو:** وڏائي، انا جو گهيرو، خودسنائي.

نِوڙت مان چا چاڻي محسن، جيڪو آهي پاڻ- پُٽي پيو.

(سونهن جي ساڃهہ: 33)

**پاڻ ڦِرتِڙو:** بيوقوف عورت جي نشاني اهي تہ اها ٻئي ڪنهن کي بہ پارتي جهڙو عقلمند نہ سمنجهندي آهي.

نيٺ پوندي وڏي خساري ۾، شل نہ ڪا پاڻ ڦِرتڙي ٿي پوي.

(سونهن جي ساڃهہ: 24)

**پاڻ زورو:** پنهنجي هلائيندڙ جنهن ۾ سهپ گهٽ هجي.

مون کي منهنجيءَ انا جهڪڻ نہ ڏنو

هن طرف هو بہ پاڻ زور هو.

(سونهن جي ساجهہ: 58)

**پاڻ ۾ نہ هجڻ:** ڪاوڙيل يا ڏمريل هجڻ.

عشق اڄ پاڻ ۾ ناهي دوستو

حسن کي چئلينج آهي دوستو!

(سونهن جي ساجهہ: 136)

**پائمال ڪرڻ:** ناس ڪرڻ، نابود ڪرڻ.

قرب ميجبا جي ڪوئي پال ڪري، بس خوديءَ کي نہ پائملا ڪري

(سونهن جي ساجهہ: 53)

**پائنده باد:** سدائين قائم رهن.

نفرتون پائنده باد ۽ ذلتون پائنده باد،

نفرتن جي اوٽ ۾ ڪجھہ چاهتون پائنده باد.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 146)

**پايئہِ تڪميل تي پڄائڻ کان اڳ:** مڪمل ڪرڻ واري عمل دؤران ئي.

رستي کان اڳي دل ئي دل ۾ حسرتون ارمان جوين جون امنگون آسرا،

پائيہِ تڪميل تي پهچڻ کان اڳ ماري چن، ڪچلي ڇڏن.

(سونهن جي ساجهہ: 174)

**پٽ تي پير نہ ڪپڻ:** لاپرواهيءَ واري هلت چلت ڪرڻ، ٻئي جو خيال نہ رکڻ.

هن مون کي گڏ ويهاريو ڪٽ تي، پير ڪُپي نہ هاڻي ڪوپٽ تي.

(سونهن جي ساجهہ: 16)

**پٽ ست تي جيئڻ:** هِتان هُتان ايلاز مواز ڪري وتڻ، غير مستحڪم.

پنهنجي سهنجي خدا ڏئي محسن،

بي ضميرو جئي ٿو پَٽَ سَٽَ تي.

(سونهن جي ساجهہ: 16)

**پنئيءَ تي نانگ جو چرڻ:** جان کي خطرو پيدا ٿي پوڻ، خطري جي ڳالهه، يعني: جان کي خطرو پهچي چڪو هجي.

هن جي پنيءَ تي نانگ چُري پيو
شايد ڪيس پَتوئي ڪونهي!

(سونهن جي ساڃهه: 42)

**پڇتاءُ ڏيڻ:** غلطي مڃرائڻ.

نفرت ٻارڻ ٻاريا ها، پريت وڏو پڇتاءُ ڏنو هو.

(سونهن جي ساڃهه: 98)

**پدمڻي:** خوبصورت، سهڻيون نوجوان ڇوڪريون.

هڪ نہ پر جي ڪوڙ ڏسي محسن،
پدمڻيون پنهنجي ئي شهر ۾ هئس.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 30)

**پڏڻ:** ڏاڙون هڻڻ، مغروريءَ وارو ورتاءُ ڪرڻ.

دهشت پنهنجي ڏُنڊ ۾، پڳ پڳ پڏي ٿي،
موڪيندو منصور ڪو؟!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 121)

**پرتوو:** اولڙو.

تون منهنجو پرتوو نہ سهي، مان تنهنجو پاڇو آهيان.

(سونهن جي ساڃهه: 112)

**پرِتئون:** پيار منجهان.

متوالن ۽ ديوانن کي پرتئون پرپائي،
ڪم ذاتن کي ذات ڪري ويا.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 91)

**پرپائي وڃڻ:**

متوالن ۽ ديوانن کي پرتئون پرپائي، ڪم ذاتن کي ذات ڪري ويا.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 91)

**پرک جو ڏينهن:** اهو ڏينهن جنهن تي امتحان ورتو وڃي.

نينهن جو شينهن در تي بيٺو آ،
پرک جو ڏينهن در تي بيٺو آ!

(سونهن جي ساڃهہ: 23)

**پڳ پڳ پيا پِنون:** گسين پنڌين محبت پنندا وتو.

پُلجو چوٿا پاٽڙا! پڳ پڳ پيار پِنو
منهنجو روح رجي پيو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 111)

**پِل:** روڪ

مون کي مارن ٿا ميان! پنهنجا پُورتا پَلِ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 108)

**پلاندن ۾:** پوتي، قميص يا بوڇڻ جو هڪ حصو ٽڪرو

بيو تہ پنهنجي پلاندن ۾ خير آ محسن،
اسان گهمون ٿا فقط دل ۾ پيار پيار ڪٽي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 54)

**پليٽ جو منهن ۾ لڳڻ:** ڪاوڙجڻ جي نيشاني.

اڄ بہ منهن ۾ لڳي پليٽ هئس،
اڄ بہ هن ڪان سڙي ويو داڱ هيو.

(سونهن جي ساڃهہ: 40)

**پلي چٽڻ جي:** چٽن جي فصل مان ٻوتن جا مٿيان گئونچ پٽي پاڇي رڌبي آهي، جنهن کي چٽن جي پلي چئبو آهي.

زال سان هٿ همراهيءَ خاطر، پَلِي چٽڻ جي سوئي ويٺو.

(سونهن جي ساڃهہ: 19)

**پليو هوندو:** پاسائتو ڪيو هوندو. پري پري ڪيو هوندم.

توڙي دنيا سڄيءَ جهليو هوندو، پيار ڪان پاڻ ڪنهن پليو هوندو.

(سونهن جي ساڃهہ: 79)

**پنجوڙ**: سوگهو ڪري ٻڌڻ واري ڄاري يا رسيون.

وار ڇُهندي ئي سُڪَ ٿيو محسن،
هيءَ ٻه هڪ ريشمي پنجوڙ هئي.

(سونهن جي ساجهه: 39)

**پنڪيون**: ننڍ جون اوجهراٽيون.

ڳِڍِڙيون، پنڪيون، ڳمِ لُون يا خمار،
رات مان نيٺ ڇا آ مقصود؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**پوٺو**: سڪل ٺوٺ ڏرتي، پاڻيءَ جي گهٽتائي سببان آباديءَ کان رهيل زمين.

هن سال ته پرسال کان وڌ آهي رنگ،
هن سال ته گلزار آهر پوٺو پهو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**پوپري**: سهڻي ڇِلِڪندڙ ميچيءَ جو قِسمُ.

ڪنوار جي پير ۾ هن جي ساهيڙي
پاڻ پيي هڪڙي پوپري ٿي لڳي.

(سونهن جي ساجهه: 60)

**پور**: يادگيريون، سارو‌ڻيون.

مون کي مارن ٿا ميان! پنهنجا پُورَ ته پَلِ.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 108)

**پورو**: اندران خالي، فقط ٻاهران ٻنيل پر اندران کوکو هو.

وچ ۾ مضبوط ٻاهران ٿي ڏٺو ويجهڙو ٿي ڏٺم ته پورو هو.

(سونهن جي ساجهه: 58)

**پونءِ**: ڪنهن ڦٽ مان وهندڙ گهاٽو لڳ لڳدار پاڻي رت سان مليل.

پونءِ جو تالاب آ، يا گندگيءَ جو ڍير آ،
وقت جو ناسور آ، ماحول جو انڌير آ.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**پهه:** وجڻ جو ڏانءُ يا ڏَسڻ.

دل ۾ دانهه دوست جو، روز پُڇائي پهه!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 94)

**پيام:** سنيها، پيغام.

اڪ ڏنا منهن تي آس جا پاڇا،
دل پڙهيا پئي، پيام نيڻن جا.

(سونهن جي ساڃهه: 84)

**پيٽ پوڄا:** کاڌ ۽ خوراڪ جي پورائيءَ لاءِ ٿيندڙ جاکوڙ

گهر ۾ ٻارن جي جهنجهٽ نهوڙي وڌو،
پيٽ پوڄا نه مهلت، نه ساهي ڏني.

(سونهن جي ساڃهه: 71)

**پيٽ مروڙ:** گهڻو کائڻ ڪري پيٽ ۾ ور وڪڙ پوڻ يا پيٽ جو سور پوڻ پر هتي حسد ٿيڻ لاءِ ڪم آيل آهي.

مون ڪي ته مهمانن ڪي ٿي مانُ ڏنو،
پيٽ ۾ هن ڪي ڇو مروڙ هئي؟!

(سونهن جي ساڃهه: 39)

**پيٽ ڪي:** بک جي پورائيءَ خاطر.

هاءِ ڪيڏو ڪِري پيو ماڻهو،
صرف ئي صرف پنهنجي پيٽ ڪري.

(سونهن جي ساڃهه: 38)

**پير ترڪڻ:** ناجائز تعلق ۾ اچي وڃڻ.

هڪڙي آدم جي پير تِرِڪَڻَ جو
ڏنڊ اڄ ڀي ڀيو ڀري ماڻهون.

(سونهن جي ساڃهه: 106)

**پيڪرِ عِفتَ:** پاڪدامنيءَ، عزت ۽ عاقبت جا مجسما.

پيڪرِ عفت تون پنهنجي مرتبي ڏانهن به نهار.
واجب التعظيم تنهنجي ذات آهي، هوش ڪر!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 131)

**پيمانئہِ وفا:** وفا جو جام.

خاموش تماشائي رهجي يا مجي وڃي،
پيمانہِ وفا آهي اڄ ڏول ڪٽي آيو.

(سونهن جي ساڃهہ: 130)

**پيوَست:** لاڳاپيل، ڪُتَلَ.

هر نفاست ۾ هَوَس جا تير پيو سٽہ رهن،
هر دلِ نازڪ سان ڪجهہ دلگير وابستہ رهن.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**جاٽِ آ:** هر ۾ جوٽيل ڏاندن کي جاٽ جي وٽيرڪي اوڙ ڏيڻ لاءِ چئبو آهي، ڏاند کي تہ جاٽ آ پٽ!

ڳِٽِ ڳِٽِ هُوت، ڪَبي، جاٽ وري آ. هَلي،
هسَستيءَ ۾ ڳتي ويل وَهينِ ٽا چورا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**جاٽ ڪاهي وڃڻ:** ڪابہ هڪڙي هر جي سڌي لڪير اوڙ سڌبي تہ ان اوڙ جي چوڌاري هر جي لڪير کي جاٽ چون.

تيستائين هُنَ ٻہر هيڻان ويهہ،
جيستائين جاٽ هيءَ ڪاهي وڃان!

(سونهن جي ساڃهہ: 72)

**جاڏي ڪاڏي:** هر ڪنهن جڳهہ تي، هر هنڌ

جاڏي ڪاڏي جُوءِ ۾ بارڻَ ٻائيتال!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 110)

**جاڙ:** جُٽِ، ظلم، بيدادي.

هيئن نہ ڪا جاڙ ٿيئي شل ڪنهن سان،
ڪو ائين وِڦليو هو، توکان پوءِ!

(سونهن جي ساڃهہ: 92)

**جانِ بهاران:** بهار جي موسم جو روح.

اي جانِ بهاران، اي مسيح دؤران!
مرڪو تہ چمن ۾ بہ ٽڙن ڪي گلڙا، مرڪو تہ سهي
(ڪنهن جي ماٽ ميار: 134)

**جانِ من:** منهنجي دل جا ساهہ، اهميت وارا شخص.

وَجَدَ جي ڪيفيت پُڇو مون ڪان، مون سان اڄ جانِ من ٿو ڳالهائي.
(سونهن جي ساڃهہ: 31)

**جذباتي:** ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ڪاوڙجي پوندڙ.

محسن ٿيندو نيٺ تہ ماڻهو جوين جذباتي.
(ڪنهن جي ماٽ ميار: 100)

**جُلهہ ڪري اُٿڻُ:** اُمالڪ اٿي پوڻ، جهيڙي جي انداز ۾ ڳالهائڻ.

موڙڪو تہ اٿن جلهہ ڪري تدبيرون،
مرڪو تہ اسان جون بہ ٽهن تقديرون!
(ڪنهن جي ماٽ ميار: 134)

**جُکَ :** هُرڻ، پنهنجو احساس ڪرائيندڙ وِرهہ، ياد بہ تازي ٿئي حصول بہ ناممڪن هجي.

وري ورق وصال جو جڏهين وري،
تيسين وينو هيءَ ۾ جُکُ وي ميان!
(ڪنهن جي ماٽ ميار: 87)

**جگر جو ٽار ٽيان:** جيئري کي تراوت بخشيندڙ.

منهنجي هٿ کي چُمِچ اکين تي رکي،
پاڻ پنهنجي جگر جو ٽار ٽيان.
(سونهن جي ساڃهہ: 63)

**جمود:** سُن ٿي وڃڻ، ڪيڇڻ پيچڻ کان عاري ٿي وڃڻ.

ننڊ، آرام، موت يا اوندهہ، نيست و نابود يا سُڪوت و جمود!
(ڪنهن جي ماٽ ميار: 141)

**جنجال:** مصيبت زده، ڏُکوئيندڙ.

باهہ ساڻيدي رکي اٿئون من ۾،
هاڻ تہ جيئڻ جنجال ٿي ويا آهن.

(سونهن جي ساڃهہ: 74)

**جنس جو گردان:** جيئرن جاڳندڙن جِيئَنِ جي پيدائش ۽ موت وارو ڦيرو.

حيات جنس جو گردان پئي ڪري محسن،
ڏسون ٿا تہ دنيا ۾ ڇا ٿِئي ٿو پيو!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 22)

**جوت جزبن کي ملي:** احساسن ۽ جذبن کي جواني4 يا جوڀن ملي وڃڻ.

جوت جذبن کي ملي، سرهاڻ سوچن کي ملي،
شاعري سرجي پئي، ڪنهن جي ادا جي ٽيڪ تي.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 34)

**جوڀن:** وهي، جواني.

محسن ٽيندو نيٺ تہ ماٺو جوڀنُ جذباتي!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 100)

**جوٺو:** جُٺِڙتو، ڪوڙو، نقلي.

جوٺو جڳ، جوٺا پرين، جيئڻ بہ تہ جنجالُ.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 100)

**جُوءِ ۾:** رهڻ جي جڳهہ.

جاڏي ڪاڏي جُوءِ ۾ ٻارڻ ٻائيتال!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 110)

**جيسن:** هڪجهڙو، هڪ جيڏو، جهڙو صفا جڻ تہ تون.

تنهنجو جيس، نہ ڪو رئيس بہ نہ ڪو ثاني!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 88)

**ڄمنديءَ ڄام هئڻ:** پيدائشي طور تي هوشيار ۽ ڄاڻون هئڻ.

هن بي خبر کي ڪهڙي خبر منهنجي حال جي،
خاموش، پيار ۾ ته مان ڄمنديءَ ئي ڄام هان!

(سونهن جي ساڃهه: 91)

**جهاتو لڳي:** ڪجهه چورائڻ يا ڦُرڻ جو موقعو مليو.

آدمين کي ته ڳڙڪائي ويو دولت جو شينهن،
انگ پيو محسن ڏسي، ڪنهن کي ڪٿي جهاتو لڳو؟!

(سونهن جي ساڃهه: 96)

**جهانگيئڙا:** اهي ماڻهون، جيڪي ڪاٺ خوراڪ لاءِ جهنگلي ٻوٽا ڪم آڻين.

جهانگيئڙن جي جهوپن اندر، ڍِڪَ تي ڍِڪَ سدائين ڇو؟!

(سونهن جي ساڃهه: 88)

**جهڳي :** اجايو گوڙ ڪرڻ، بي مقصد بحث، بي نتيجا ڳالهه ٻولهه.

چار ماڻهون مليا، دَٻوئي گُلُ،
ڳالهه جا بس رڳو جهڳي ئي هوندي.

(سونهن جي ساڃهه: 77)

**جهاڪ:** ليئو پائڻ، ٿورڙو نظارو ڏيکارڻ.

پاڻ کي جيتري ٻه لوڙ هئي، هن جي هڪڙي جهلڪ ئي کوڙ هئي.

(سونهن جي ساڃهه: 39)

**جهنجهٽ:** مصيبت، خلفشار.

رشتن جي جهنجهٽ ۾ منهنجو ساهه سُڪي ويندو آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 125)

**جهنجوڙڻ اڇن:** لوڏڻ ڏوڏڻ، يادِ ڏيارڻ، ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ.

چند ذميواريون ڇيڙڻ لڳي ڪنهن کي ته پوءِ؟
ڪي تقاضائون ٻه جهنجهوڙي اڇن ڪنهن کي ته پوءِ؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 144)

**جهٽڪَ:** ٿورو هلڪو دڙڪو ڇِڀي ڏيڻ.

مٽڪ تي بہ جهرِي جهرِي تي پيو

پنهنجو ڪيڏو نہ نفسِ ناتو هوا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 64)

**جهلَ:** ريشمي ڪپڙي جي خاص نهيل ٽئونرن ۾ گلن سان ڪپڙو جيڪو ڏاندن جي پٺيءَ تي سونهن لاءِ وجهبو آهي.

ريشم جي جهلَ توکي وجهندس، موتئي جا گل توکي وجهندس!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 101)

**جهوپا:** ڪچيون ڇِپرِين جون نهيل ڄَنُون ۾ مَنَهَن.

جهانگيئڙن جي جهوپن اندر ڍِڪَ تي ڍِڪَ سدائين ڇو؟!

(سونهن جي ساڃهہ: 88)

**جهونجهار:** جنگي جوان، جانباز جوڌو بهادر جَنگِجُو.

جهونجهارن کي جنگ ۾، غيرت گڏي ٿي;

موڪيندو منصور ڪو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 121)

چاٿو : همت وٺائيندر شي، تازو توانو بنائيندر ۽ دل ٻڌائيندڙ.

هُنَ ڇهيو ڄڻ جانِ ۾ بجلي هئي ٻوڙي وَئي،

سرد جذبن لاءِ هن جا لفظ ڄڻ چاتو لڳو!

((سونهن جي ساڃهہ: 96))

**چارسو:** چوگرد، چوڌاري، جيڏانهن ڪيڏانهن.

شهرتن جا چار، آزادين جا قندا چارسُو،

جسم جي بازار، جوڀن جون بهائون ڪُبَڪُو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**چاڙهو نہ هئڻ:** ڪنهن جي پيار ۾ سوگهو ٿي وڃڻ جي سگهہ نہ هئي.

بس اسان ۾ ئي نہ هو چاڙهو ورنہ تہ سڄو وقت هائو هائو هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 46)

**چاليون:** حرڪتون، فِتنا، اٽڪلون، سازشيون.

هتي مجبور آهيان مان، هُتي سچڻ تي سَوَ سختيون،
خدايا ڪيترو رهنديون رقيبن جون اجا چالون؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 81)

**چاهہ:** محبت، عشق، پيار، اُنس.

معتبر هُو بہ تي پِيو آهي، بس رڳو چاهہ جي چپيٽ ڪري!

(سونهن جي ساجهہ: 38)

**چپ چَٽڻُ:** مقصد اڳيان موجود هجي پر پوءِ بہ ان کي حاصل ڪرڻ ممڪن نہ هجي.

چپ چٽيندو وتي اجا شايد،
هُن وڏو چاههُ، چانهن جي ڪپ ۾!

(سونهن جي ساجهہ: 20)

**چپن تي چنو:** صفا خاموشي اختيار ڪري ڇڏڻ.

جواني ٿي پئي نيلام هن جي،
چپن تي پوءِ پيو هن جي چُنو هو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 65)

**چپيٽ:** مار ڪيڙڻ، قبضي ۾ وٺڻ، قيد ڪري ڇڏڻ.

معتبر هُو بہ ٿي پيو آهي، بس رڳو چاهہ جي چپيٽ ڪري.

(سونهن جي ساجهہ: 38)

**چٽر:** ٽوڪ، ٽٽول، طعنو، ڏَنَڪَ.

هن کي ماڻهون ٿا بادشاهہ سڏن،
بودلو آ، چٽر نہ ٿو سمجهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 16)

**چٽوڙو:** ٺَڦَڙَ، زوردار چماٽ.

هر تعلق جي ڳَل تي محسنُ! هڪ چٽوڙو هڻي ويو آهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 166)

**ڇريا ڪريا هئڻ:** معصوم هئڻ، اٻوجهه هئڻ، سادا هئڻ.

ها مڃيئون ٿا تہ ڇريا ڪريا آهيون،
پر اوهان کي حضورَ! سمجهون ٿا!

(سونهن جي ساجهہ: 76)

**چشمِ يار:** محبوب جا نماڻا نيڻ.

هن اکين تي رکيو هو خط منهنجو،
ڪيڏي توقير چشمِ يار ڏني!

(سونهن جي ساجهہ: 44)

**ڇُغلي:** ڪنهن لڪل ڳالهہ جي کول ڪري وجهڻ يا وقت کان اڳ ۾ ٻڌائي ڇڏڻ.

اڪ جي ڇغليءَ کان ڪوئي بچي ئي نہ ٿو
پيار رهندو بہ ڪيترو ئي لِڪَ ۾!

(سونهن جي ساجهہ: 153)

**چنڊ لڪندو نہ ڪڏهن ڪاري ۾ :** شهٽيءَ کي، ناقص طرح لڪائڻ جي بيسود ڪوشش ڪرڻ.

گهمُ نہ مومل حجاب ڪاري ۾،
چنڊ لڪندو نہ ڪڏهن ڪاري ۾!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 40)

**ڇٽنگ مان ڇُوڇڙي ٿيڻ :** سنهيءَ ڪانيءَ کي ڇٽنگون ڦوڪي ڦوڪي ٻاربو آهي تہ ان کي ڇوڇر ڪي ڇٽبو آهي.

هن جي نظرن ۾ هڪ چمڪ ٿو ڏسان،
ڪاش هيءَ ڇٽنگ، ڇُوڇِڙي ٿي پوي!

(سونهن جي ساجهہ: 24)

**چوٽ ڪرڻ:** حملي آور تي ۽ بيوس بنائڻ يا بي اثر ڪري ڇڏڻ.

زندگي تنهنجي بيوفائيءَ تي،
چوٽ ڪيڏي ڪري ويو مهراڻ؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 165)

**چوٽون:** ٽوڪون، ڏنڪون، بھتان، الزا.

جنھن وقت ڪو نااھل ڪري ٿو چوٽول،
ڪيڏو بہ ڪريان ضبط، ڪِلي ٿو ويھان!

(سونھن جي ساجھہ: 146)

**چوٽيءَ جو ڏاڪو:** آخري اوچائي.

عظمت جي نيشاني ۽ ورثو معيار جي چوٽيءَ جو ڏاڪو
دنيا جي نگاھن ۾ سرمو، اوگھڙ تي ريشم جو پردو!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 140)

**چوڏاري چاري:** چوطرف واھت ڪندڙ پاڇئونڪي ڏيندڙ.

محسن توتي، مون تي آھن چوڏاري چاري،
آءُ اڳيئي، گھايل آھيان!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 77)

**چوس:** ھير، عادت.

چاھہ جي چُوس ۾ گھٽڻ محسن!
(سِرُ اَڏيءَ تي وجي رکيو ھوندو!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 47)

**ڇَئو ڪنيو ٻَڏَڻُ:** اھڙيءَ طرح سوگھو ڪرڻ جو نہ ھَٿَ نہ پيرَ ڪم جا رھن.

ھڪڙيءَ نگاھہ سان ئي ٻَڌي ڇئو ڪنيو ڇڏيئي،
ڦٽڪان، لُڇان پڇان تہ پوءِ ڇئبو تہ خام ھان!

(سونھن جي ساجھہ: 91)

**چيرِوِيون:** ويڪريون يا موڪريون (وڏيون)

چيرويون، ڪجليون، خماريون، منھنجي لئہ ٿيون ابد، ازل اکيون!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 158)

**چاپڙون:** ڪي ٻار ھٿ جيڏيون ڪاٺيون ڪٽي پڪل وڻ ۾ ميوو چاٽڻ لاءِ ھٽندا آھن، انھن کي چاپڙون چئبو آھي.

چاپڙون تہ ڪجھہ پتر ۽ ڪجھہ ڏوٽا،
مند جي ٻير روز ڇٽندي آھي.

(سونھن جي ساجھہ: 64)

**چار:** مٿي، دزي، ڏُڏڙ.

چار نہ ويهي چاڙ! ماڻهون منهنجي ملڪ جا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 116)

**چاڙِ:** صاف ڪر، چِٽا ڪر، نروار ڪر.

چار نہ ويهي چاڙ! منهنجي ملڪ جا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**ڇپر ڇانءَ هئڻ:** آسرو هئڻ، همدردي ڪندڙ هئڻ، سهارو هئڻ.

مون لئہ ڇپر ۽ ڇانءَ ٿي بيٺي رهي سدا،

هرهڪ قصور منهنجو وساري ڇڏيو اٿس!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 43)

**حاسد:** حسد ۽ ڪِينو رکندڙ.

بخشش محسن ڪي ڪيئن ڪندو حاسد،

جيڪو غيبت جو ڳوٿرو آهي!

(سونهن جي ساڃهہ: 29)

**حال آهر:** پنهنجي وِتَ، سَتَ ۽ طاقت مطابق ڪرڻ.

حال آهر پيو ڳهي محسن گر ڪيترو ڪوارهہ سان پيڙي ڏڪي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 67)

**حرفِ اچڻ:** مياري ٿي پوڻ، گسو ٿي پوڻ.

ڪنداسين، پيار ڪنداسين ۽ پيار جي صدقي،

جي ڪوئي حرف اچي ٿو تہ پل اچي گذري.

(سونهن جي ساڃهہ: 129)

**حرڪت نہ هئڻ:** چرپر نہ هئڻ، ڪوبہ ردِعمل نہ ٿيڻ، خراب ڳالهہ نہ هئڻ.

يارن جي نوازشن جي نهايت ڪانهي،

ظالمن تي ٿين ظلم تہ حرڪت ڪانهي.

(سونهن جي ساڃهہ: 148)

**حريف:** مخالف، دشمن، رقيب.

محفل ۾ حريفن جي وچي ٿو ويهان،
هر ڳالهہ نئينءَ طرح چئي ٿو ويهان!

(سونهن جي ساڃهہ: 146)

**حسبِ ضرورت:** گهرج سارو، ضرورت مطابق.

ڪاٿي ٿا ڏين، مون کي مسرت ڏيندا؟!
حقدار کي حق، حسبِ ضرورت ڏيندا؟!

(سونهن جي ساڃهہ: 144)

**حشر جو ڏينهن:** قيامت واري ڏينهن.

جيڪو بہ سونهن جو ادب نہ ڪري،
حشر ۾ ان کي پنهنجو رب نہ ڪري.

(سونهن جي ساڃهہ: 29)

**حق کي چوٽ ڏيڻ:** زال کي طلاق ڏيڻ، زال مڙس ۾ علحدگي ٿي وڃڻ.

پنهنجي حق کي بہ چوٽ ڏيندو ڇا؟
جيڪو ڪاٿي وڃي ڪريو آهي!

(سونهن جي ساڃهہ: 59)

**حلقي:** گهراڻي، طبقي، هڪ دائري ۾ رهندڙ.

شعر ڪهڙو بہ هجي يار حوالا ڏيندا،
پنهنجي حلقي جي فلاڻي کان فلاڻي تائين.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 56)

**حيات:** زندگي، حياتي.

حيات جنس جو گردان ڪري پئي محسن!
ڏسون پيا ٿا تہ دنيا ۾ ڇا نہ ٿئي ٿو پيو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 22)

**حڪمت:** ڏانءُ، مصلحت، بيماريءَ شناخت ڪرڻ.

پنهنجي آزاديءَ جي حڪمت کي بہ ڪجهہ سمجهڻ لڳين؟
يعني محسن جي جي نصيحت کي بہ ڪجهہ سمجهڻ لڳين؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**حمام خانو:** وهنجڻ جي ڪوٺي.

زندگيءَ جي حمام خاني ۾، جنهن ڪي، جنهن ڪي ٻہ ڏنم اُگهاڙو هو.

(سونهن جي ساجهہ: 48)

**حيرتون:** تعجب ڪائڻ، بيان ڪان ٻاهر قرار ڏيڻ.

سرنهن جي مصنف ڇا بيان ڪنديون،
هيرت جو هيءُ اعتراف هيو!

(سونهن جي ساجهہ: 30)

**حيف آ:** ندامت آ.

يا جوانيءَ جو خمار آهي، سرور آهي، ڪيف آ،
زندگيءَ جي مٿان هڪ حرف آ، يا حيف آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**خاطي تي نڪرڻ:** خطادار ثابت ٿي ۽ سزا طور نيڪالي وٺڻ.

دخترِ حوا! اٿي شيطان کي هڻ موچڙو،
ڏس مٿان فردوس مان خاطي تي نڪرين پيو دفعو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**خالي ڪاتا:** ڏک ۽ ک کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي،فاني جهان.

سک جون گهڙيون، سور جا سنتر، باقي سيئي خالي ڪاتا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 171)

**خام:** ڪوڙو، غلط بياني ڪندڙ.

هڪڙيءَ نگاهہ سان ئي ٻڌي چئو ڪنيو چڏيئي،
ڦٽڪان، لڇان، پڇان تہ پوءِ چئبو تہ خام هان!

(سونهن جي ساجهہ: 91)

**خرار:** ويهن مڻن کي گڏائي خرار چوندا آهن.

گهر ڪان ٻاهر قرار ڳولي پيو، جڻ ڪڻمي ۾ خرار ڳولي پيو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 48)

**خسارو:** ٽوٽ، نقصان، گهاٽو.

نيٺ پوندي وڏي خساري ۾، شل نہ ڪا پاڻ هُرتِڙي ٿي پئي.

(سونهن جي ساڃهہ: 24)

**خطاڪار:** ڏوهاري، جنهن تي ڪيل غلطي ثابت ٿي هجي.

مجرم آ، خطاڪار آ، ناپاڪ آهي،
هوشيار آ، چالاڪ آ، بي باڪ آهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 140)

**خلل:** رولو، ڦڏو، بد ديانتي.

هڪ متو درد هئو ذلل تہ نہ هو، عشق پوڄا هئي، خلل تہ نہ هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 34)

**خمار پريون:** نشي ۾ ورتل، نشيدار.

چيروپون، ڪجليون، خمار پريون،
منهنجي لئہ ٿيون ابر ازل اکيون!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 158)

**خنده بہ لب:** مرڪندڙ، بشاش.

آبديده پيو ڏٺم، خنده لب پيو، ليڪن،
هن جي واتان نہ ٻڌم ڪابہ ڪڏهن هلڪي ڳالھہ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 168)

**خودي:** انا پاڻ پڻو، پنهنجو پاڻ خود ساخت، وڏو ماڻُ ۽ مرتبو سمجهڻ.

قرب مجبا جي ڪوئي پال ڪري،
بس خوديءَ ڪي نہ پائمال ڪري.

(سونهن جي ساڃهہ: 63)

**خود ساختہ:** پنهنجو پاڻهين، هٿراڌو، هرويرو هجي نہ هجي پر پاڻ ڪي پائين.

او منهنجي شهر جا خود ساختہ انسانَ، تُنهنجي لئہ،
دعاگوهان تہ شل تون پيو ڪڏهن بنجي پوين ماڻهون!

(سونهن جي ساڃهہ: 116)

**خوش مزاجي:** کِلَ مک رهندڙ مسڪرائيندڙ.

ايندي ويندي سان مرحبا ايڏي!
ايڏي خوشمزاجي ڪٿي غضب نہ ڪري.

(سونهن جي ساجهہ: 29)

**خونُ آشامي:** خون خرابو، قتل و غارت.

ڪاميابي ڏُورِ ۽ نزيديڪ ناڪامي اٿئي،
بي لغاميءَ جو نتيجو خون۔ آشامي اٿئي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**خيانت:** امانت ۾ هٿ چراند ڪرڻ.

قدرت جي عنايت يا نعمت، محنت ۽ مشقت جو ميوو،
بي انت خيانت جو حاصل، مطلوم امانت جو لاشو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 140)

**خير ڪئڻ:** ڪنهن جو خدا ڪارڻيءَ غرض ڪرڻ، بي لوث مدد ڪرڻ.

محسن! مارن ساڻ ملائي شل ڪو خير ڪئي؛
ويڙهچن ڪي ڪيئن مان وساريان؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 76)

**خيما ڪوڙڻ:** تڪيو ڪري ويهي رهڻ.

قرب جنهن جاءِ تان مليو محسن! سڪ جو خيمو اُتيئي ڪوڙيوسين.

(سونهن جي ساجهہ: 22)

**دادو و دهشت:** وھ واھ ۽ تحسين.

ميجتا جا موتي، داد و دهشت، تحسين و مبارڪ جي ورڪا.
ڪمزور وسيلن جا ٽڏڙا، بي پهچ ارادن جا حِيلا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 140)

**داسيون:** پوڄارڻيون، ٻانهيون.

هي جي دل جون داسيون آهن، من جي مندر جون داسيون آهن.

(سونهن جي ساجهہ: 50)

**دامِ الفت:** پيار جو قيد.

دامِ الفت ڪٽي پکيڙيو ٿا، حسن وارن کي خوب چيڙيون ٿا!

(سونهن جي ساڃهہ: 56)

**دانهہُ:** عقلمند، ڏاهو سُڄاڻ.

دل ۾ دانهہ دوست جو روز پچائي پهہ،
پهہ ڙي پهہ پنهنجي خان پنهل لئہ.

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 94)

**دائرا:** حدون.

هن جو خيال، هن جي جوانيءَ جون شوخيون،
خوشبوءِ جي دائرن سان ٿيو هئہ امر مان!

(سونهن جي ساڃهہ: 91)

**دائمي:** اصل لاءِ، سدائين لاءِ، مرڻ گهڙيءَ تائين.

ڪير ٿو دائمي ڪري محسن! تون گهرين ٿو تہ پل نباهہ ڪٽي.

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 27)

**دٻدٻو:** رعب تاب.

درجو، دولت، دٻدٻو، ماڻهوءَ جو ماپو،
کهڙو پرين وچ ۾!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 115)

**دٻوئي گل:** بي معنيٰ ۽ بي مقصد جهڳيءَ ۾ وقت ضايع ٿيڻ.

چا ماڻهون مڙيا، دٻوئي گُلُ، ڳالهہ چا؟
بس رڳو جهڳي هوندي.

(سونهن جي ساڃهہ: 77)

**دختر حوا:** حضرت آدم عليه السلام ۽ بيبي حوا جي نياڻي.

دختر حوا اٿي شيطان کي هڻ موچڙو،
ڏس مٿان فردوس مان خاطي ٿي نڪرين بيو دفعو.

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 132)

**درجو:** حيثيت، طبقو.

درجو دولت، دٻدٻو ماڻھوءَ جو ماپو ڪھڙو ويرين وچ ۾.

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 115)

**دستور:** آئين، ڪنھن نظام کي ملائڻ جو ضابطو.

جنھن ۾ ڪنھن کي ڪوبہ نہ ھرگز ڪري سگھي مجبور،

آءُ تہ ويھي ٺاھيون پنھنجي دنيا جو دستور!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 173)

**ڏُڪُ:** ڏکَ، سُورَ صدما.

تہ بہ دل ۾ اٿم ارمان وڏا، سِگو آءُ تہ دسي نہ وجھن ھي ڏکَ.

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 75)

**دڪِدَڪو:** تيز دھڪو دل جو تڪڙو تڪڙو ھلڻ.

عجيب قسم جو ڦُرِڪو ۽ دَڪِدَڪو آھي،

خير تہ آھي تہ اڄ دلَ کي ڇا ٿيو آھي؟!

(سونھن جي ساڃھہ: 27)

**دلبند:** پيارو محبوب.

گھوڙي جيڏو گند، ڪھڙي بابُوءَ کان پُڇان،

ھيءُ ڪھنجو دلبند؟!

(سونھن جي ساڃھہ: 164)

**دلفريب:** ھر دل کي ھِرڪائي وجھندڙ.

ڪھڙيون نہ دلفريب ۽ دلڪش گھڙيون ھيون؟

ھن سان جو اوچتو وڃي اڪڙيون اڙيون ھيون.

(سونھن جي ساڃھہ: 153)

**دل ڪُشا:** وڻندڙ.

ڪھڙيون نہ دلفريب ۽ دلڪش گھڙيون ھُيون،

ھن سان جو اوچتو وڃي اڪڙيون اڙيون ھيون.

(سونھن جي ساڃھہ: 153)

**دل ـ گهريو:** چاهيل، جنهن ڏي دل ڪيندي هجي.

ڪو دل گهريو اچي ٿو شايع تڏهن
ائين ڪاڏو تمام شوق سان پيارو پيڪ ڪري.

(سونهن جي ساجهہ: 159)

**دل ۾ گدڙ هئڻ:** منافقيءَ واري حالت، پروَسو نہ بيهڻ.

منهنجي دل ۾ تہ ڪو گدڙ ڪونهي.
هن جي من ۾ ڪا ڏُڙ چائي آئي

(سونهن جي ساجهہ: 158)

**دل نواز:** دل کي آٿت ڏيندڙ، سڪون بخشيندڙ.

چا دلنواز مرڪ تہ چا ريشمي بدن،
هڪ بي مثال حسن جي جلوي جو جام هان.

(سونهن جي ساجهہ: 91)

**دلِ ناڪام:** زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي ويل من.

ڪيئن پيچان حسن سان مجبور وفائن جو قسم،
چا ڪيان اي دلِ ناڪام ڪٽي وينو هان.

(سونهن جي ساجهہ: 124)

**دنگ:** پچاڻي.

عشق محدود ٿي سگهي ٿو پر، حسن جو ڪوبہ دنگ ڪونهي ڪو.

(سونهن جي ساجهہ: 21)

**دوڏ:** ڊوهہ، بيائي، ڏوڪو.

ڪنهن جي دل ۾ دوڏ، نفرت جابنا،
چاهہ ڪنهن جي ۾ بيو ڪوئي چِڪي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 67)

**دوڏا:** دوڏ ڪندڙ ڊوهيرا، ڦَڏَئي.

دوڏا ماڻهون وجهندا آهن دل ۾ ڦِڪَ سدائين چوء!

(سونهن جي ساجهہ: 88)

**دوڙا:** اکيون.

جهل نہ توڙا کڍي وجهان ان جا،
بدـ نظر سان ملي ٿو جو هن سان.

(سونهن کي ساجهہ: 81)

**دوطرفہ:** ٻنهين طرفن کان.

هي روح، هي ماتم، هيءُ غمن جو پرچار،
هيءَ ويڙهہ، هي مهمل رهي دو طرفو تڪرار.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 134)

**دولت:** ملڪيت.

درجو دولت، دٻدٻو ماڻهوءَ جو ماپو ڪهڙو ويرين وچ ۾؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**ديارِ حسن:** سونهن يا حسن جي وادي.

ڪٿي وَرِي بہ نہ وڃي وڃي، مَري نہ پئي،
ديارِ حسن مان محسن بَچي بَچي گذري.

(سونهن جي ساجهہ: 129)

**ڏاڪو:** ڏهڪاءُ، خوف.

عادتن ۾، هُنر ۾، صورتن ۾،
ڳوٺ ساري ۾ هن جو ڏاڪو هو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 63)

**ڏان ڏان:** رعب، دڙڪا داٻ ڏيڻ، آڪرائي ڪرڻ.

ڏيرن جي، ڏُبِريءَ مٿان، ڏان ڏان، بل بل!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 108)

**ڏُڏي وڃڻ :** ڪنهن سونهن جي ڏسڻ سبب خوف ۾ لوڏو ڪائڻ.

جنهن گهٽيءَ مان لنگهي گُذي ٿي وڃي،
سا گهٽي ئي سڄي ڏُڏي ٿي وڃي!

(سونهن جي ساجهہ: 65)

**ڏوٽا:** لوڏا.

چاپڙون، ڪجهه پٽَر ته ڪجهه ڏُوٽا،
مند جي پير روز چٽندي آ.

(سونهن جي ساجهه: 64)

**ڏک پچائي اٿڻ:** لڳل ڏک کي برداشت ڪندي اٿي پَوَڻ.

ڏک پچائي اُٿي ڏنم پُنيتي،
چا چوان؟ منهنجو پاءُ پنهنجو آ.

(سونهن جي ساجهه: 78)

**ڏڪار جي ڏپ:** نفرت مان جڙندڙ بدمزگي.

چا لُڏي ويئي خلوص جي خوشبوءِ؟
نڪ سَڙي ويو ڏڪار جي ڏپ ۾.

(سونهن جي ساجهه: 20)

**ڏَنُ:** ملڪيت، پئسو، جائداد.

اي دنيا! تون ڏَنَ جي دنيا، مان مَنَ جو ماڻهون،
مان توکي ڪاٿي ٿو پهچان، مان فَنَ جو ماڻهون.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 153)

**ڏنار:** مال چاريندڙ، مال جي سيوا ڪندڙ.

ڏڻ ڪان وڃڙي ويو ڪو ساسي، هاڻ گهر گهر ڏنار ڳولي پيو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 48)

**ڏن جو پوڄاري:** پئسي کي سڀ ڪجهه سمجهندڙ.

ڏن جو پوڄاري ڇا ڄاڻي، ڪنهن جي چاهت ئي لک لهي ٿي!

(سونهن جي ساجهه: 87)

**ڏُنَ:** لڳاتار ڪم ۾ رهڻ وارو سلسلو.

هڪڙو گهر ناهڻ جي ڏُنَ ۾ عمر ڪَٽي،
اڻ ڪٿ هڪ ايثار ڪيون پيا، او سائين!

(سونهن جي ساجهه: 41)

**ڊِڳڙي:** ماني.

شايد کو مهمان اچي ٿو

ڊڳڙي آهہ اُڦِڙِڪي پيئي.

(سونهن جي ساڃهہ: 75)

**ڊِيُوري :** جهنگلي گاهہ جو قسم آهي ڊِپُ، ان جي شروعاتي اسٽيج کي ڊِيُوري چئبو آهي.

ڪيترو جلد ٿي وئي لائق،

ها مڃيون سين تہ ڏيءُ ڊيوري آ.

(سونهن جي ساڃهہ: 45)

**ڏاجو :** شادي ڪندڙ عورت لاءِ ائن ڏهن وڳن ۽ ڳهن تي مشتمل سامان کي ڏاجو چئبو آهي.

هر پاجاري تنهنجو ڏاجو، منهنجي هونگر سُرندو۔ باجو،

نٿ شٿ ساڻ نِباهہ پٽارا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 101)

**ڏاچي لهي ڏهہ تہ توڏي تيرنهن :** ڪراڙي عورت ۾ ڏهہ تہ نوجوان ۾ تيرنهن فتني جا گر يا ڏانو هوندا.

هڪڙي ڏاچي ٿي هٽي ڏهہ تہ ڪا توڏي تيرنهن،

اڄ جو اولاد تہ بابي جو بہ بابو نڪتو.

(سونهن جي ساڃهہ: 95)

**ڏاڪڙا :** تڪليفون.

هونئن تہ ڪيڏا ڏوجهرا ها، ڏاڪڙاها، ڏُنگ ها،

لڪ لنگهي ويا سون سيئي، هُنَ جي وفا جي ٽيڪ تي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 34)

**ڏان :** مان، انعام ڏيڻ، مهربانيون ڪرڻ، عزت لائق حيثيت ڏيڻ.

ويا سڀ دک درد دل جا، ٿيون اڪڙيون ٽڏيون آهن،

مليا محسن محبوبن کان ڏاڍا ڪي ڏانَ۔ بسم الله.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 74)

**ڏت:** احسان ٿورو.

انسانن جو ڏَتُ،
انسانن تي ايترو،
ڪانگهاري ۾ رت!

(سونهن جي ساڃهہ: 164)

**ڏڍ:** آسرو.

آس جو ڏڍ تہ نراس جو ڪُتڪو
ڪجھہ ٻُڏي پئي، ڪجھہ تَري پئي دل.

(سونهن جي ساڃهہ: 102)

**ڏرت:** ڏڪار، پس ماندگي.

پُلِجُ نہ پائو! ڏرت بہ ويندي ڏيھہ مان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**ڏڙهي تي پئي:** دڙڪا داٻ ڏيڻ، تنبيھہ ڪرڻ.

ڪو لتاڙي ويو اٿس جذبا،
جنهن ڪي، تنهن ڪي تڏهن ڏڙهي تي پَئي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 45)

**ڏک ۾ ڏَڏَلُ:** دردن ۾ قاٿل، سورن ۾ پيڙائن ڪان چَنلُ.

زخمن ڪان چُورِ سيِن ڪي ڏک ۾ ڏڏل ڏسان ٿو،
جنهن سان بہ چار گهڙيون وبهي گذاريان مان.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 68)

**ڏنگ:** سختيون، عذاب.

هونئن تہ ڪيترا ڏوجهراها، ڏاڪڙاها، ڏنگ هئا،
لڪ لنگهي وياسون سيئي، هن جي وفا جي ٽيڪ تي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 34)

**ڏوجهرا:** ڏک، ڪشٽون ڪاٽڻ.

هونئن تہ ڪيڏا ڏجهراها، ڏاڪڙاها، ڏنگ هئا،
لڪ لنگهي وياسون سيئي، هُن جي وفا جي ٽيڪ تي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 34)

**ڏورٽا ڏيڻ :** ڏاندن کي پاڃاريءَ ۾ جوٽي انهن جون ٻچيون ڏوٽڻ سان سوگهيون ڪبيون آهن.

هر ڏکيءَ مهل اچي مون سان، ڏورٽا ڏئي وَهِي وَئي آهي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 41)

**ڏولاءُ:** رولاڪو اوجاڳو ڪندي سفر ڪرڻ.

سچ ڪٿي هو 'بيٺو نچ'، سچ تہ ڏکُ ڏولاءُ ڏنو هو!

(سونهن جي ساڄهہ: 98)

**ڏيڍي نظر:** سڌي شين ڏسڻ بجاءِ اک کي ٿورو ٿورو ڏئي ڏسڻ.

ايڏو سادو بہ ناهي محسن، تُنهنجي ڏيڍي نظر نہ ٿو سمجهي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 16)

**ڏَٻي:** ڪوڙڪي.

ڪيڏي وڏي ميار هُو مون تي رکي ويو،
داٽا چُڳي ڏبيءَ مان چِڏائي پکي ويو.

(سونهن جي ساڄهہ: 158)

**ڏکيءَ ويل:** منهن اونداهي صبح وقت.

ٻَٽ ٻَٽ، مُون، ڪٻي، جاٺ، وري آ، هَلُ با،
مستيءَ ۾ ڏَڪِيءَ ويل وهن ٿا چورا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**ڏِڪَڙُ:** مينهن جي رنپ کي مينهن جو ڏِڪَڙُ چئبو آهي.

جانورن کي پيي ٻچا آهن منا،
مينهن پئي پنهنجي وچ ڪارڻ ڏِڪي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 67)

**ڏکي ٿو:** سڪ پريا سڏ پيو ڪري.

پنهنجي ڪٿ تي رڳو ڏِڪي ٿو پيو،
سونهن جي لاءِ تہ بہ سڪي ٿو پيو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 21)

**ڏوڏو لسي :** سادي سودي خوراڪ

محسن فقير آ، مگر بي ضمير ناهہ،
بي غيرتيءَ جي ڀوڙ کان ڏوڏو لسي ڪپي.

(سونهن جي ساجهہ: 90)

**ڏئونگ جو ڍيري ٿيڻ :** ڪوڙيءَ اتڪل جو ڪُلي پوڻ، هٽ ناٽ وائڪو ٿي پوڻ.

لحظي ۾ سڄو ڍئونگ ٿي پوندو ڍيري،
مرڪو تہ زماني جو هلي ڪاروبار، مرڪو تہ سهي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 134)

**ذات پئونرن جي ڪل ٽڙِ تي پئي :** مِڙوئي پئونران تي بتال تي ٽا پَوَن.

هڪڙي مڪڙي جڏهن ٽڙي تي پوي،
ذات پئونرن جي ڪَلَ ٽڙي تي پوي.

(سونهن جي ساجهہ: 24)

**ذَلَلُ :** نقصانڪار هئڻ.

هڪ منو درد هو، ذَلَلُ تہ نہ هو
عشق پوڄا هئي، خقلَلُ تہ نہ هو.

(سونهن جي ساجهہ: 34)

**ذڪرِيارُ :** محبوب بابت گفتگو.

محسن جو وارو وار دعائون پيو ڪري،
هر وقت ذڪرِ يار ۾ لذت مِلي اٿم!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 70)

**ذي روح :** ساهہ واريون، جزبن ۽ احساسن واريون.

بي جانِ گُڏين، بي روح گڏين جون ساهيڙيون ذي روح گُڏِيون!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 128)

**راهہَ رُلين ڪي رَلِ :** جيڪي رستا پلجي بتال تي وبون آهن انهن ڪي گڏاءِ.

ويهي ويڙهيچن وچ ۾، راهہ رُلِينِ ڪي رَل!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 108)

**رائو:** ڏُنڏُ، دونهاٽ، دزي.

ڪا چٽي شيءِ نظر نہ ٿي آيس،
هن جي نظرن ۾ ڪهڙو رائو هو؟!

(سونهن جي ساڃهہ: 46)

**ربط:** تسلسل، رابطو ڳانڍاپو.

اجنبي! اجنبي لڳين ئي نہ ٿو
ڇڻ اڳي کان ئي ربط هو توسان!

(سونهن جي ساڃهہ: 154)

**رت پنهنجو:** پنهنجي نسل جو فرد يا ڪو مِٽُ مائٽ، عزيز.

پنهنجو رت پي جڏهن ڇڏي ٿو وڃي،
ماڻهپو ملڪ مان لڏي ٿو وڃي.

(سونهن جي ساڃهہ: 35)

**رت جو دانگيءَ تي وري پوڻ:** پنهنجي رت هڏ يا ڪڙم جي ماڻهون کي ڪنهن کان تڪليف ايندي تہ پاڻ کي بہ ڪهڪا ۾ ايندو.

زندگيءَ ۾ وڙهيو مئي کان پوءِ، رت دانگيءَ ۾ وري پيو هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 73)

**رچاءُ:** تاثير، سٺو اثر.

جسم جي پي زبان هوندي آ، گفتگوءَ جو رچاءُ پنهنجو آ.

(سونهن جي ساڃہ: 78)

**ردِ عمل:** عمل جي عيوض ۾ ٿيندڙ عمل.

تنگدستيءَ جو ازالو آهي يا ردِعمل،
نوجوانيءَ جو فُتُور آهي يا فيشن جو خلل!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**رشتن ۾:** مائٽاڻن لاڳاپن ۾.

تڙپندو ڪيئن نہ جنهن جي رشتن ۾،
بي رُخي هوندي، بي دلي هوندي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 14)

**رضا:** راضپو مرضي.

هُن جي رضا جي خاص نيشاني، مرڪڻ ۾ شرمائڻ آهي.

(سونهن جي ساجهہ: 17)

**رغبتون:** لاڙا، هڪجهڙايون، ملنساريون.

ڪير آ جو دلين جون رغبتون موڙي سگهي؟
ڪير آ جو نگاهن جا قلعا توڙي سگهي؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**رفاقت:** ويجهڙائي، ڀائپي، قرب جي واٽ.

دنيا ۾ ڪم بہ ڪنهن جو نہ آهي، غلط غلط،
هڪ دلربا جي در تان رفاقت ملي مون کي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 69)

**رقيبن جون:** حريفن جون، محبوب جي ٻين عاشقن جون

هتي مجبور مان آهيان، هُتي سجڻن تي سَوَ سَخِتيُون،
خدايا ڪيترو رهنديون، رقيبن جون اجا چاليون؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 81)

**رڳ رڳ ۾ آ روڳ:** ساري جسم ۾ هڪڙي قسم جو سور يا درد پيو محسوس ٿئي.

اک اک آلِن، رڳ رڳ روڳي، سَندَ سَندَ ۾ سوداءُ،
ڏِسي ڪو ڏاڍن جو ڏهڪاءُ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 102)

**رليون هونديون:** گڏيو هونديون، ويجهو ٿيو هوندو.

ان جي جنت بہ هت ۾ بهشت بہ هِتِ،
سونهن سان روح جنهن رليو هوندو!

(سونهن جي ساجهہ: 79)

**رنڙ:** جنهن عورت جو مڙس مري ويو هجي.

هوءَ رنڙ ناهي، ڪيس چئو تہ ايئن،
ڪنهن جي گهر ٻيي ٻُتي ٻُتي نہ وڃي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 60)

**رنگ رچڻ:** مزي جو پنهنجي جوڀن تي نکري اچڻ.

رات جو رنگ مس رچيو ته اچي ڳنَ ڪِڍي ڏينهن در تي بيٺو آ.

(سونهن جي ساڃهه: 23)

**روانه هجڻ:** جائز نه هجڻ.

هاڻ هر ڪنهن ان وينو رت روئي، پيار ۾ هِڪَ هَتي، روانه هئي!

(سونهن جي ساڃهه: 70)

**رهائِي سون:** وفاداري ڪئي سون، دوستي نباهي سون.

جنهن جنهن سان به قرب ٿيو محسن! اُن سان هر حال ۾ رهائي سون.

(سونهن جي ساڃهه: 99)

**رهزني:** چوري، ڌاڙا، ڦُرون.

رهزنيءَ جي پناهه يا تائيد، دلبريءَ جو خيال اونو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**روح رچي پيو:** پاڻي پاڻي تي ڳري ۽ جهري پيو.

ڪنهن جو قرب ڏنو منهنجو روح رچي پيو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 111)

**روداد:** صورتحال.

ٽيڪسي ويچارڙي ايجاد پنهنجي پاءُ جي.
پيڻ ڪيئن ڪنهن کي ڏسي روداد پنهنجي پاءُ جي؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**روز :** هونئن ته هرهڪ ڏينهن کي روز چئبو آهي، پر هتي روزگاريءَ لاءِ ڪتب آيل آهي.

مسڪينيءَ ۾ قدرت محسن!
ڏيندي روز السِتي آهي!

(سونهن جي ساڃهه: 18)

**روڳ:** مصيبت.

طبع جي سادگي به روڳ ٻڻي، ان جو ڪنهن وٽ ڪٿي علاج هيو!

(سونهن جي ساڃهه: 15)

**رونبي ۾ :** سارين جي پوکيءَ لاءِ ٻج کي ننڍين ٻارين ۾ پوکي اتان ٻيجارو تيار ڪري ٻنيءَ ۾ پوکبو آهي تہ ان کي رونبو سڏبو آهي.

ماءُ سان ٻِنُ ٻَنيءَ تي رونبي ۾،
ڇوڪرو ڪارڙو ڪلوٿو هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 37)

**رئيس جون نظرون:** ڪن بہ ٻن پيار وارن کي راڄ جو رئيس تہ سهندو آهي ۽ جدا ڪري ڇڏيندو آهي.

پوءِ اهڙو هلي ديس وسائيندا سي،
جتي رئيس جي نہ نظرن جو ٻل ٿيندا سي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 137)

**زاهدن:** عباد گذارن.

زاهدن جو زهر ٽوڙي ٿيون ڇڏن، جڳ ٿو مڃي،
ڪيترا ايمان ٻوڙي ٿيون ڇڏن، جڳ ٿو مڃي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**زَنِ:** عورت، زال، مائي.

ڪير آ جو محبت جو ٻُڪيو ناهي، ڏسيو؟
هن ۾ مرد و زَنِ جو ڪوئي فرق آهي، ڏسيو؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 144)

**ساٿاري:** همراهہ، ساٿ ڏيندڙ دوست، سنگت.

دنياداريءَ جي ڪٿ پٽ ۾، حامي ۽ ساٿاري ناهيان.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 125)

**سازش :** ٽِڪَ سِڪَ، اتڪل سوچيل سمجهيل منصوبو، دغا.

خدا! هيءَ ڪهڙي ساز آ، مون کي هر شخص اوپرو ٿو لڳي.

(سونهن جي ساڃهہ: 28)

**ساسي:** جيئرو ساهہ، جانور لاءِ ڪم ايندو آهي.

ڏڻ ڪان وچڙي ويو ڪو ساسِي، هاڻ گهرُ گهرُ ڏنار ڳولي پِيو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 72)

**ساڳيا لاٿون ساڳيا چُگهہَ:** ڪابہ تبديلي رونما نہ ھئڻ، جُون ڪي تون.

ساڳيا چُگهہَ ۽ ساڳيا لاٿون، ڇا ايھو سنڌ جو سماج ھيو؟!

(سونھن جي ساڃھہ: 16)

**سانباھي:** تياريون ڪري.

جوڀن ڪان اڳي جوڀن جا مون ۾ پير پائڻ جا سانبا ھا!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 127)

**سانگ سِٽي اچڻ:**

مور نہ مو ڪڏي آيا منھنجا، سانگي سانگ سِٽي،
ويڙھيچن ڪي ڪيئن مان وساريان!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 76)

**ساٽي تي پَئي:** نِسُتي تي پئي، ڪمزور تي پئي، طاقت ۽ سَتُ وڃائي ويٺي.

باھہِ تي آئي ۽ پاڻ تي پَئي، زندگي ياڪر ۾ ساٽي تي پئي.

(سونھن جي ساڃھہ: 80)

**ساھي ڏيڻ:** ساھہ کڻڻ لاءِ وٿي ڏيڻ، ڍَرَ ڏيڻ.

گھر ۾ ٻارن جي جھنجھٽ نھوڙي وِڌو،
پيٽ پوڄا نہ مُھلَتَ ڏني، نہ ساھي ڏني!

(سونھن جي ساڃھہ: 71)

**ساءُ:** مزيداري، رس چس.

ماڳ تي موٽي آءُ پرين، ويو سنگت سڀيءَ مان ساءُ پرين!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 83)

**سائل:** صدا ھڻندڙ، سَئِنَ ھڻندڙ، خيرات گھرندڙ.

منڙن ٻولن ڪاڻ سدائين، ھڪڙو سائل پونءِ پٺي پيو!

(سونھن جي ساڃھہ: 33)

**سائُو:** امير يا سُکيو ستابو ماڻھون.

سائُو سڀ جو سائين ھو، سکڻڻ جو ڪو مِٽُ نہ ھو.

(سونھن جي ساڃھہ: 97)

**سياءُ:** نمونو، ورتاءُ، مزاج.

اجنبي ڪونہ ٿو لڳي محسن،
تُنهنجو بلڪل سياءُ پنهنجو آ!

(سونهن جي ساجهہ: 78)

**سترپوشي:** عيب لڪائڻ، نہ ڪيڻ جهڙي ڳالهہ نہ ڪيڻ.

ڪاشڪوئي سترپوشيءَ جو سبق،
پنهنجي ڪمري جي پٽين کان ئي سکي.

(سونهن جي ساجهہ: 183)

**ستم:** مصيبت، جُٽ.

شڪل سادي، نہ ڏيءُ پُٽ، نہ فلوس،
بخت ڪيڏو نہ ستم ڪيو آهن سان.

(سونهن جي ساجهہ: 81)

**ستمگر:** ظالم يا ستائيندڙ.

مرڪوز ستمگر جون اُڏايُون ٽڳڙيون،
مرڪو تہ وطن لاءِ ڪٽون شمشيرون، مرڪو تہ سهي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 134)

**سُتي ڪپي:** ٻار ننڊڙي کي کير ۾ ملائي ڏيڻ واريءَ دوا کي سُتي چئبو آهي.

راحت، سڪون، امن ڪپي، آشتي ڪپي،
زنده رهڻ جي لاءِ تہ اِهائي سُتي ڪپي.

(سونهن جي ساجهہ: 90)

**سربستو:** تفصيلي، سمورو، الف کان وٺي 'ي' تائين، مڪمل.

پانڌي وچ، پهچاءِ پريڻءَ کي، سربستو احوال،
اوهان جي برهہ ڪيو بي حال!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 80)

**سربستي:** مڪمل، ٽوٽل، ڪُلُ.

هُنَ تہ اِشارن ۾ پنهنجي ڳالهہ ڪئي سربستي آهي!

(سونهن جي ساجهہ: 18)

**سرمايو:** ملڪيت، اثاثو.

ڪم بخت، باغن ۾ هر جائي آواره طبيعت ديواني،
انمول رتن، محبوب وطن، جو قومن جو مقدس سرمايو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 140)

**سرمستي:** نيم بي هوشي، عقل کان پاسائتو هئڻ.

سونهن ڏني سرمستي آهي، ڪِينَ منجهان ٿي هستي آهي!

(سونهن جي ساجهہ: 18)

**سِرجِڻُ:** جڙڻ، تخليق ٿيڻ، اجراع جي صورت وٺڻ.

جوت جذبن کي ملي، سرهاڻ سوچن کي ملي،
شاعري سرجي پئي، ڪنهن جي ادا جي ٽيڪ تي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 34)

**سرچي نہ پوڻ:** ناهہ نہ ڪري وجهي، راڄُ نہ پاڻ ۾ ٿي وڃن.

سونهن سرچي جي پوي محسن سان،
ان جي پاڳن تي ڪو عجب نہ ڪري.

(سونهن جي ساجهہ: 29)

**سُرخِرو:** مانَ وارو، شان وارو، ٻين جهڙو.

سرخرو محسن بہ ٿي ويندو پرين،
پنهنجي سنگت جوڳو تون ڀَرُ تہ ڏي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 36)

**سرڪڻ ڦاهي:** رسو ڇِڪي ۾ ڏنل ڦاهي واري سزا ۾ موت.

رشتا، ناتا، سرڪڻ ڦاهي، عشق عجب انڌير،
مِٺا هت ڪنهن جو ناهي ڪير!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 104)

**سرور:** نشو خمار سڪون، مزيداريءَ واري حالت.

يا جوانيءَ جو خمار آ، سرور آ، ڪيف آ،
زندگانيءَ جي مٿان حرف آ يا حيف آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**سڙهي تي پئي:** پنهنجي ضابطي ۾ ڪنٽرول هيٺان ڪرڻ جي ڪوشش.

هُوءَ جا ڪاليج ۾ پڙهي تي پئي روز ڪيئي دليون سڙهي تي پئي!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 45)

**سڙي وِيو داڳ هو:** ڀاڄي گهر ۾ تيار ڪرڻ وقت گهه ۾ بصر رڌي داڳ تيار ڪري پوءِ ڀاڄي رڌبي آهي. اهو سڙيو تہ ڀاڄي خراب ليکبي.

اڄ بہ منهن ۾ لڳي پليت هئس، اڄ بہ هن ڪان سڙي ويو داڳ هو!

(سونهن جي ساڃهہ: 40)

**سُڪوت:** خاموشي، تجسُس.

انمول رتن، محبوب وطن، قومن جو مقدس سرمايو،
ننڊ، آرام، موتيا اوندهہ، نيست و نابود يا جُمود!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 141)

**سکي:** سهيلي، ساهيڙي، همجُولي.

ايڏو تہ هن جو پيار هو مون سان
جو صفا منهنجو مٿو خراب ڪري اوسکي! ويو.

(سونهن جي ساڃهہ: 158)

**سگهاري:** طاقتور.

جسم ڪمزور پر سگهاري سوچ، تجرباتي مثال ٿي ويا هِنِ!

(سونهن جي ساڃهہ: 74)

**سَلُ:** هونئن تہ سوراخ پر هتي ظاهر ڪرڻ، فاش ڪرڻ، اورڻ.

اي محسن! ائين ٿي سڙي خاڪ ٿيءُ،
مگر سور دل جو نہ ڪنهن سان بہ سل!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 175)

**سلهاڙي رکڻ:** پاڻ سان گڏائي هڪ ڪري رکڻ.

جنهن سلهاڙي رکيو هيو من کي،
هن جو جوڀن هُيو هن جي چِڪ ئي هئي!

(سونهن جي ساڃهہ: 69)

**سِلِهَٽَ:** هڪ ٿي ويل، گڏيل.

جيڪو پيار ڏئي، جنهن کان پيار ملن،
تنهن سانول سان ٿم ساهہ سلهٽ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 72)

**سموهيندو:** سُلِجهائيندي.

ڪير ان کي وري سموهيندو،
جيڪو وڪري ويو هو توڪان پوءِ!

(سونهن جي ساڃهہ: 92)

**سناٽو:** خاموشي، سنسان ماحول.

ٻار سڀ اسڪول ۾ ٻ هُوءَ دفتر ۾ هُئي،
گهر بہ قبرستانُ جهڙو مون کي سناٽو لڳو.

(سونهن جي ساڃهہ: 96)

**سنڀران:** ياد اٿم، سڃاڻان، ساڃاهيان.

مان اُهو جنهن جي فراست کي مڃن ماڻهون،
مان اهو جو زمانن جا زمانا سنڀران.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 151)

**سنجيدو:** خاموش طبع.

تنهنجو محسن ٿو رهي سنجيدو،
پاڻ ان کي غرور سمجهون ٿا!

(سونهن جي ساڃهہ: 76)

**سنگت جو ساءُ:** گڏجي ڪم ڪرڻ جو مزو.

عمر پر گڏ رهي سگهن ٻي ڳالهہ،
ڪنهن جي سنگت جو ساءُ پنهنجو آ!

(سونهن جي ساڃهہ: 78)

**سنگيت:** موسيقي.

ڪنهن جيءَ سنگيت ساءُ ڏنو هو آئت، آدرياءُ ڏنو هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 98)

**سَنَ هِنَ جا ماڻهون:** موجوده صديءَ جو يا سئو ساله عرصي جو آدمي.

رستي رستي جي سيني تي هڏي پيرا هوڏي پيرا،
شايد ڪجھ ڳولڻ نڪتو آهي هِنَ سَنَ جو ماڻهون.

(ڪنهن جو ماٺ ميار: 153)

**سَنوپري:** اشارن ۾ ميڇُنِ ڪي سمجهي ويندڙ.

هن کي پاڳل چوين ٿو ڪيئن محسن! هُوءَ ته بلڪل سنوپِري ٿي لڳي!

(سونهن جي ساجھ: 60)

**سَوءُ واري آ:** ڪيترائي گهڻا دفعا يا پيرا.

جنهن تان سِرُ به صدق سوءُ واري آ،
تَنهن جو عشق ڪري ٿو الوٺ اُڦَٽُ.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 72)

**سهڪار:** هٿ ونڊائڻ، مدد ڪرڻ، سَولائي ڪري ڏيڻ.

صالح سوچ گهرين ته هليو آ محسن وٽ،
سيني سان سهڪار ڪيون پِيا، او سائين!

(سونهن جي ساجھ: 41)

**سَئين نه اچڻ:** وري سالم يا ٺيڪ ٺاڪ نه ٿيڻ.

سئين نه ايندو وري اُهو جيڪو نينهن جي نانگ کان ڪکيو هوندو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 47)

**سُندَرُ:** سهڻو.

دنيا کي جنت جو نمونو چونه سڏيندا مومن،
دنيا ۾ رهن ٿا ڪي سندر ۽ سهانا ماڻهون!

(سونهن جي ساجھ: 128)

**سُٽي پيو:** ٻُڏي پيو.

هاڻي وقت وچي شل بيهي، ساجن منهنجا سڏ سٽي پيو!

(سونهن جي ساجھ: 33)

**سھانو:** تازو توانو.

دنيا ڪي جنت جو نمونو چوڻ سڏيندا مومن،
دنيا ۾ ٻه رهن ٽا ڪي سندر ۽ سُھاڻا ماڻهون!

(سونھن جي ساڃھ: 128)

**سھاڳ:** وَرُ يا مڙس، پَتي يا ڪانڌ

ڪير ان پيڙ سان حساب ڪندو؟
جنھن ڪسيو پيڙ جو سُھاڳ آهي!

(سونھن جي ساڃھ: 39)

**سُوٽ:** چُپڪو.

سُور جي سُوٽَ سھي، پورُ پچايو هوندئي،
هيءُ مسڪين جڏهن ذهن ۾ آيو هوندئي!

(سونھن جي ساڃھ: 113)

**سوپو:** ننڊ جو هڪ حصو.

سوپي ۾ جڳ سارو، اُپريو چاڻ وِهائو تارو!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 99)

**سور جا سنتر:** ڏکن جا لمحا، مايوس صورتحالون.

سک جون گھڙيون، سور جا سنتر باقي سيئي خالي ڪاتا!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 126)

**سوز:** جذبو اُڪير، ڏک جو ردِعمل.

دل ڪي سرور، ڪيف نظر ڪي، جگر ڪي سوز،
اي حسن بادشاھ! ڇا اجا توڪان گھران؟!

(سونھن جي ساڃھ: 125)

**سوغات:** سوکڙي، تُحُفو.

پنھنجي پرينءَ جا پُورَ سنڀالي رکيا اٿم،
سوغات سمجھي سور سنڀالي رکيا اٿم!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 15)

**سوڳوار:** ڪنهن موت جي ڏک واري اثر هيٺ آيل شخص جي صورتحال.

سونهن جا نيڻ سوڳوار ڏسي، هاڻ منهنجو سَڙي ٻَري پيو هوا!

(سونهن جي ساڃهه: 73)

**سُونڊ وجهڻ:** منهن يا ڇهري کي چِڙَ مائل بنائڻ.

هن تہ سوکيءَ وچان هو سونڊ وڌو،
پر اسان لئہ تہ ڪانُ تي پيو هو.

(سونهن جي ساڃهه: 83)

**سوئڻُ:** پٽيل پليءَ جي پانڌرن مان گئونچ جون چوٽيون پٽي رکڻ باقي اچلائڻ واري عمل کي پلي سوئڻ چئبو آهي.

زال سان هٿ همراهيءَ خاطر، پَلِي چٽن جي سوئي وينو!

(سونهن جي ساڃهه: 19)

**سيس:** سِسي، سِرُ.

پاڙي واريون وار سُڪائن، ڦمڪن، ڪجڪن، سرمائن،
جيڏيون، سرتيون، ساڳيون سيئي، سوگهو منهنجو سيس!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 103)

**سينو نہ ساهڻ:** هر وير و ضد نہ ڪرڻ، سامهون اُيري نہ اچڻ.

هُن جي ڪنهن بہ ڳالهہ کي پٽي نہ ڏِني،
هن سان سينو ڪڏهن نہ ساهيو آ.

(سونهن جي ساڃهه: 54)

**سيڻ:** مائِٽَ مِٽَ.

سيٹن ڏي ويا سي تہ وڃي سڪ ليڪن،
رهندو بہ وڏا ويڙ وني آيا سي!

(سونهن جي ساڃهه: 142)

**شرم ٻوٽي:** اهو ٻوٽو جنهن کي مرد هٿ سان ڇهي تہ ڪومائجي وڃي.

شرم ٻوٽيءَ مثال شرميلي،
فلم تي، شرم ۾ ٻڏي وئي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 66)

**شَلُ ٿي:** بي اثر، ضايع ٿي.

تو اڳيان منهنجو سڄو فهم وڃي ٿو شل ٿي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 151)

**شڪل ۽ شباب:** سهڻي منهن مهانڊي ۾ جوڀن ۾.

هوبهو شڪل ۽ شباب هيو،

روبرو منهنجي، منهنجو خواب هيو.

(سونهن جي ساجهہ: 32)

**شڪر:** مهرباني ءَ جو اقرار.

شڪر، صد شڪر بارها الحمد،

ڪنهن جي دل ۾، نگاهہ ۾ آهيان!

(سونهن جي ساجهہ: 85)

**شوپيس:** سونهن خاطر گهر ۾ سڄائي رکڻ واري بيجان شيءِ.

هڪڙو شوپيس گهر ۾ آيو هو

ورنہ ڪم ڪار جي تہ توڙ هئي.

(سونهن جي ساجهہ: 39)

**شوخيون:** خارون، ڪاوڙ مان نهاريون.

ٺهڪ هن جا، شوخيون هن جون،

باهہ پاڻي گڏي سڏي ٿو وڃي.

(سونهن جي ساجهہ: 35)

**شوخيءَ منجهان:** ڪاوڙ مان، لاتعلقي جتائڻ.

هن تہ شوخيءَ مان هو سونڊ وڌو،

پر اسان لئہ تہ ڪانُ ٿي پيو هو!

(سونهن جي ساجهہ: 83)

**شهرتن جا چار:** نيڪيءَ ناموس جي لالچ ۾ چار وڇائڻ.

شهرتن جا چار، آزادين جا ڦندا چارسُو،

جسم جي بازار، جوڀن جون بهائون ڪو بڪو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**شهزادا:** بادشاهن جو نرينو اولاد.

ڪجهہ پريون، ڪجهہ اسير شهزادا،
ڳوٺ منهنجو بہ ڪوهہ قاف هيو.

(سونهن جي ساجهہ: 30)

**شهہ ڏيڻ:** تيزائي ڏيڻ، مچائڻ، مچرائڻ.

برسات بهارن ڪي ڏنو آهي شهہ،
ڪاچي ڪي هينئر ڪير چوي ڪاچو۔ ڳهہُ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**شيشي جو گهر ناهڻ:** نازڪ ترين ڪم ۾ هٿ وجهڻ، آنسنا ڪرڻ.

حسن کي ڪيترو چاهي ٿو وينو
شيشي جو گهر ناهي ٿو وينو!

(سونهن جي ساجهہ: 36)

**شيمپو:** پاڻياٺو صابڻ.

لڪس۔ شيمپوءَ جي هن کي ڪهڙي خبر،
هن تہ بت ميٽ سان مليو هوندو.

(سونهن جي ساجهہ: 79)

**شينهن ڪلهي چڙهڻ:** ڪنهن نياڻي جو پنهنجي مائٽن جي رازسان پرڻو ٿيڻ.

صنف نازڪ تہ پڙهي، شينهن ڪلهي ڪانہ چڙهي،
گهر ڪان ڊوڙي وڃي اِخبار ۾ رشتو نڪتو.

(سونهن جي ساجهہ: 95)

**صاحبِ اقبال:** وڏي شان ۽ شرڪت وارا.

تُنهنجي ئي متان ذاات مٿان حرفُ اچي،
اي صاحبِ اقبال! پَئي گذري ٿي!

(سونهن جي ساجهہ: 144)

**صالح:** ياڳ پريو صلح ۾ رهندڙ فرمانبردار.

صالح سوچ گهرين تہ هليو آ محسن وٽ،
سيني سان سهڪار ڪيون پيا او سائين!

(سونهن جي ساجهہ: 41)

**صد شڪر:** سوين ڀيرا مهربانين جا اقرار.

شڪر، صد شڪر، يارها الحمد،
ڪنهن جي تہ دل ۾ نگاهہ ۾ آهيان!
(سونهن جي ساجھہ: 85)

**صدقو:** خيرات، سبيل، پنهنجي جان جو خير،

سائل جو ايترو بہ ڪو سوال نہ آهي پر،
مرڪوز پوءِ حسن جو صدقو مٺا گهران.
(سونهن جي ساجھہ: 125)

**صندل:** خوشبوءِ دار وڻ يا ٻوٽو.

خشايد ايندي هوندئي، صندل جيئن ڳنا هونداسي!
(سونهن جي ساجھہ: 109)

**صنفِ نازڪ:** عورت.

صنفِ نازڪ تہ پڙهي، شينهن ڪلهي ڪانہ چڙهي،
گهر ڏي ڊوڙي وجي اخبار ۾ رِشتو نڪتو.
(سونهن جي ساجھہ: 95)

**ضبط جو امتحان:** صبر جي آزمائش.

هوءَ جڏهن سامهون اچي ويهندي،
ضبط جو امتحان ٿي پوندو.
(سونهن جي ساجھہ: 43)

**ضمير جو چڪ:** ندامت جي شدت.

ڪنڌ ڪهڙو کڻي اِهو محسن،
جنهن کي پاتو ضمير چڪ هوندو.
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 19)

**طبع:** مزاج، طبيعت، رَوَيو.

طبع جي سادگي روڳ بڻي، ان جو ڪنهن وٽ ڪٿي علاج هيو؟!
(سونهن جي ساجھہ: 95)

**طرز تي:** ساڳئي رَنگَ ڍنگ سان.

اِهوس وال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، سائين!
تہ هرهڪ طرز تي، هرڪنهن جي زندگي گذري!

(سونهن جي ساڃهہ: 129)

**طنز:** ٽوڪ، ٽٽول، مزاق.

ڪنهن وقت تہ جهونگر بہ ڪندي رهندي آ،
جهونگر ۾ سندس طنز آ، گهرائي آ!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 138)

**ظهور:** ظاهري شڪل شبيهہ ۾.

دل ۾ پيڙا پوي تہ پوءِ ان کي شاعريءَ جو ظهور سمجهون ٿا.

(سونهن جي ساڃهہ: 76)

**عاجز آهيان:** بيوس آهيان، لاچار آهيان.

توکي سمجهڻ کان مان اي معصوم! عاجز آهيان،
تون اُهو جيڪو اجا واقعي بہ هڪ ٻچڙو آهين!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 151)

**عالمي ڳجهارت:** دنيا ۾ اڳيان ڳُجهارت.

حسن ۾ي عالمي ڳجهارت آ، فلسفي کي بہ ڪا خبر ناهي.

(سونهن جي ساڃهہ: 14)

**عداوت:** دشمنو رقابت.

دوست، دشمن تہ زماني ۾ ٿين ٿا سڀ جا،
مون تہ ڪڏهن ڪانہ ٻُڌي هن کان عداوت جي ڳالهہ!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 168)

**عرفان:** ڄاڻ، ساڃهہ.

پوري توڙڻي ڪاري کي مون علم ڏنو عرفان ڏنو هو.

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 126)

**عريان:** اگھاڙو يا نانگو.

مغموم ۽ معذور ۽ عريان آهي،
مانيءَ جي ڳڻپي لاءِ پريشان آهي.

(سونهن جي ساجهہ: 149)

**عزتِ نفس:** پنهنجي ذاتي عزت.

عزتِ نفس مان سو ڇاڇائي؟ ٻنَ جي ٽڪر تي جو پليو هوندو.

(سونهن جي ساجهہ: 79)

**عزتِ نسوان:** عورت ذات جو احترام.

عزتِ نسوانِ ٽي مٽيءَ ۾ ملائيندي وتين!
نوجوانيءَ کي ائين ڇوٽي گھمائيندي وتين!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 131)

**عِشرتن جي گود جي زينت:** عياشِيُن ۾ استعمال ٿيندڙ.

عشرتن جي گود جي زينت بہ پنهنجي جاءِ تي،
نوجوانن جي غلط رغبت بہ پنهنجي جاءِ تي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**عظمت:** احترام جوڳي صورتحال.

انسان جي عظمت جا اسان هون قائل،
انسان جي تذليل ڏِسُون سو مشڪل!

(سونهن جي ساجهہ: 145)

**عظمتِ نسوانيت:** عورت زاد جو معيار يا مقام.

عظمتِ نسوا نيت، ڪوهہ شرافت ٿي رَهي،
شان عورت جو ايهو آهي تہ عورت ٿي رهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**عيالڻ:** وڏي ڪٽنب يا آڪهہِ واري مائي.

هن لاءِ ڀِکهر عطر، مٽي پائُوڊر- ڪيڏو نہ مٽي آهہ عيالڻ مائي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**غُبار:** ڌُنڌُ، دونهون، دَئُونسَ.

ميش جو راڄ يا گناهہ جو دؤر،
حسرتن جو غبار يا مرض آهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**غرور:** وڏائي، فخر.

تنهنجو محسن رهي ٿو سنجيده،
پاڻ ان کي غرور سمجهون ٿا!

(سونهن جي ساڃهہ: 76)

**غِذا:** کاڌخوراڪ.

منهنجي هرهڪ غزل جي اوسر لئہ،
هن جي هرهڪ ادا، غذا ٿي لڳي!

(سونهن جي ساڃهہ: 27)

**غَشِي:** بي هوشي، استغراق

زهر هو، آڳ يا غَشي محسن! ها بدن ۾ شراب ڪهڙو هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 84)

**غضب:** ظلم، خلفشار.

ايندي ويندي سان مرحبا ايڏي،
خوش مِزاجي ڪٿي غضب نہ ڪري!

(سونهن جي ساڃهہ: 29)

**غمگُسارُ:** ڏکن کي ميٽيندڙ، دردن ڪان آجائي ڏيندڙ.

دنيا ۾ ڪوتہ پنهنجو غمگسار آ،
نہ توتي ميار آ، نہ مون تي ميار آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 90)

**غلاف:** پردو، پوش، ڍَڪُ.

هن جو ڪارو وڳو ائين ٿو لڳي،
چنڊ تي جڻ ڪڪر غلاف هيو.

(سونهن جي ساڃهہ: 130)

**غوراب:** اونهو پاڻي.

گهرجن جو غوراب ٻه کونهي، ڏوڪو دولاب ٻه کونهي!

(سونهن جي ساڃهہ: 78)

**غيبت:** گلا ڪندڙ منهن تي نيڪي پرپٺ گلا ڪندڙ.

بخشُ محسن ڪي ڪيئن ڪندو حاسد،
جيڪو غيبت جو ڳوڙرو ٿو لڳي!

(سونهن جي ساڃهہ: 28)

**غير مشروط:** بنا ڪنهن شر شروط جي.

غير مشروط پنهنجي يارن سان مشڪلاتون ڏسي، وهندا ويا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 37)

**فاقہ:** بُکون.

فاقہ ٿا ڪيون تنهنجا ئي لکين بندا،
او پاڻ ڪي رزاق سڏائڻ ورا!

(سونهن جي ساڃهہ: 146)

**فراست:** سمجهہ، ڄاڻ، عقل، تميز.

مان اهو جنهن جي فراست مجن ٿا ماڻهون،
مان اُهو جيڪو زمانن جا زمانا سنڀران.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 151)

**فرمائشيون:** مطالبا، گهرجون.

تنهنجون سيئي فرمائشيون پوريون ڪبيون،
بس رڳو هن ٻار کي ڳاهي وٺان!

(سونهن جي ساڃهہ: 72)

**فردوس:** بهشت.

دُخترِ حوا! اٿي شيطان کي هڻ موچڙو،
ڏِسُ متان فردوس مان خاطي ٿي نڪرين ٻيو دفعو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**فرنگي:** انگريز

کاش تون پنهنجي حقيقت کي بہ سمجهڻ لڳين،
۽ فرنگي نقل و حرڪت کي بہ جي سمجهڻ لڳين!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**فريب:** ڏوکو.

آءُ فريب نہ آهيان ۽ ڏوکو ناهيان، آءُ سمورو سچ!

(سونهن جي ساڃهہ: 79)

**فلوس:** پئسو مال ملڪيت.

شڪل سادي، ڏيءُ نہ پُٽُ، نہ فلوس،
بخت ڪيڏو نہ ستم ڪيو هن سان!

(سونهن جي ساڃهہ: 81)

**فطور:** بگاڙو، ناهمواري پيدا ڪرڻ.

تنگيِ دستيءَ جو ازالو آهہ يا ردِعمل،
نوجوانيءَ جو فُتُ ُرو آهي يا فيشن جو خلل!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**فهم:** سوچ، ويچار، سمجهہ، عقل.

تو اڳيان منهنجو سڄو فهم وڃي ٿو شل ٿي،
توکي سمجهڻ کان مان ٿي معصوم عاجز آهيان.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 151)

**فيشن جو خلل:** اگهاڙپ رستي پيدا ڪيل فتنف

تنگ دستيءَ جو ازالو آهہ يا ردِ عمل!
نوجوانيءَ جو فتور آهي يا فيشن جو خلل.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 143)

**قَشِري:** اجائي سجائي واءِ واءِ ڪرڻ، بيسود جهڳي هڻڻ.

موڳو سمجهين، اوڳو سمجهين، متوالو سمجهين،
سڀ ڪجهہ مان پر، قِشري ناهيان ڦيڪارو ناهيان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 73)

**ڦِرڪو:** تيز رفتاري، معمول کان هٽي ڪري ڪم ڪرڻ.

عجيب قسم جو ڦرڪو ۽ ڌَڪِڌَڪو آهي،
خبر نہ آهي تہ اڄ دل کي ڇا ٿيو آهي!

(سونهن جي ساڃهہ: 127)

**ڦِڪَ:** ٻئي ڏانهن هرويرو بغض ۽ ڪينو پيدا ڪري ويڙهائڻ.

ڏوڏا ماڻهون وجهندا آهن، دل ۾ ڦِڪَ سدائين ڇو؟!

(سونهن جي ساڃهہ: 88)

**ڦِڪو ٿيڻ:** لَڄي ٿيڻ، شرمائڻ.

هيٺ، ڪيڏو نہ هيٺ جڳ جو ڏڳ، مان اڃايو ڦڪو ٿيان ويٺو.

(سونهن جي ساڃهہ: 114)

**ڦورا:** مُنجهيل ڪپهہ جون پوڻيون، انساني عيب.

چاهت جي چڪر ۾ محسن، ڦولهہ نہ وجي ڦورا،
پريت جي سِر کان پالها آهن، ڪانگڙ ڪانا ماڻهون.

(سونهن جي ساڃهہ: 128)

**ڦولهہ:** سُوڌ، سنوار، جانچ پڙتال ڪر.

چاهت جي چڪر ۾ محسن ڦولهہ نہ ويهي ڦورا،
پريت جي رس کان پالها آهن ڪانگڙ ڪانا ماڻهون!

(سونهن جي ساڃهہ: 128)

**ڦيڪارِي:** هونئن تہ لومڙيءَ کي چوندا آهن، پر هتي معنيٰ تہ اجائي بدنامي.

موڳو سمجهين، اوڳو سمجهين، متوالو سمجهين،
سڀ ڪجهہ آهيان، پر ڦشري ناهيان.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 73)

**ڦيهي:** چيڀاٽي ختم ڪرڻ.

مان اهو جيڪو انڌيرن کي نپوڙي ڦيهي،
مان اُهو جيڪو اُجالن جي جگر مان اُپران.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 151)

**قابلِ اعتماد:** ڀروسي جوڳو اعتبار لائق.

قابلِ اعتماد ڪوبہ نہ هو دل جون دل ۾ ڪٽي ويو آهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 166)

**قائل:** راضي، مطمئن.

انسان جي عظمت جا اسان هون قائل،
انسان جي تذليل ڏسون، سو مشڪل!

(سونهن جي ساجهہ: 144)

**قصور:** خاميون، غلطيون، ڏوهہ.

ڪنهن ڪنهن جي اعتماد ڪي سوريءَ تي چاڙهيان؟
پنهنجا سيئي قصور، سنڀالي رکيا اٿم!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 15)

**قنديل:** فانوس، گھڻن بلبن واري بتي.

احساس جي قنديل ڪي ٻاري نہ وجهو،
پردو نہ ڪٽو ڳالهہ مان ڳالهڙو نہ ڪيو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 135)

**قيامت آفرين ماڻهون:** جنهن سان گڏ رهڻ جڻ دوزخ ۾ رهڻ سمجهجي.

هزارن ڪوششين ڪان پوءِ نہ ٿو وسري،
ڪوئي محبوب ماڻهون، ڪو قيامت آفرين ماڻهون.

(سونهن جي ساجهہ: 116)

**قيامُ:** رهڻ جي جاءِ، ترسڻ وارو هنڌ

هي وقع ۾ قيام نيڻن جا، سپ سنيها، سلام نيڻن جا.

(سونهن جي ساجهہ: 84)

**قيل مقال:** گفتگو پچار، ڳالهہ ٻولهہ.

نهنجا سيئي قصور سنڀالي رکيا اٿم،
ڳلي ڳليءَ ۾ تنهنجي، منهنجي آهي قيل مقال.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 80)

**ڪاٺوئي نہ هجڻ:** ڳڻ ڳاڻيتي کان گهٽائي، بي انت.

محسن سان مل، هُن وٽ تولئہ، قربن جو ڪاٺوئي ڪونهي!

(سونهن جي ساجهہ: 92)

**ڪاپائتي :** ائيتني ڪپهہ جون پوٽين تاني ڏاڍگو ناهي ان مان ڪپڙو اٽي تيار ڪرڻ.

مِٺي ساڻ مُني، ڪائي ڪِتِ ڪاپائتي!

(ڪنهن جي جي ماڻ ميار: 107)

**ڪاڄ :** وِهانءُ، پرڻو.

موت جي ماڻِ مثل هن جو هو

ڪو ڏسيدنو تہ ڪنهن جو ڪاڄ هئو؟!

(سونهن جي ساجهہ: 15)

**ڪاڇو-ڪهہ :** ڪاڇي ڪي ان حالت ۾ ڪاڇو ڪوئڻ نہ ٿو سونهين.

برسات بهارن ڪي ڏني آهي شَهہُ،

ڪاڇي ڪي هنيئر ڪير چئي 'ڪاڇو' ڪهہُ!

(ڪنهن جي ماڻ ميار: 136)

**ڪارساز :** ڪم ڪندڙ گهرجون پوريون ڪندڙ.

ڪيئن مليو؟ جنهن جو سوچيو بہ نہ هو رب ڪيڏو نہ ڪارساز هوي؟!

(سونهن جي ساجهہ: 26)

**ڪارزبانو :**

جيتر جڳ ۾ هوندا باقي ڪارزبانا ماڻهون،

تيتر هوندا تو مون جهڙا ڪوڙ نشانا ماڻهون!

(سونهن جي ساجهہ: )

**ڪاروڪِٽُ نہ هَئڻ :** ٿلهيءَ ٿالهيءَ ڪي وڻ ڪي ڳَٽِبو تہ اهو اڇو نڪرندو پر وچ انتهائي سخت، ڪاروءِ ڪٽ (پڪو) نڪرندو.

ٻاهر ڪارو هو بيشڪ، اندرِ ڪارو ڪِٽ نہ هو!

(سونهن جي ساجهہ: 97)

**ڪامل** : ڪمال درجي جو يقين رکندڙ چوٽيءَ تي پهتل.

خدا جي ذات ۾ ڪامل يقين هوندي پڻ،
ڪمال هوش سان مون توکي پوڄيو آ!

(سونهن جي ساڃهہ: 127)

**ڪانگيرو ڪرڻ** : ڪانگ ڪنهن مسئلي جي حل لاءِ گڏجي لُڙُ لڪيڙو ڪندا آهن تہ ان کي ڪانگيرو چئبو آهي.

ڪوڙن ڪانگيرو ڪيو سُڏِڪَنِ سچائُون، موڳي من جا مامرا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 114)

**ڪانوَ جي اک نڪرڻ** :

هي ڏينهن تتل ڪانوَ جي اک ٽي نڪري،
هيءَ ڳاهہُ: هيءَ نازڪ جندڙي گهوڙا ڙي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: )

**ڪاهڻ** : پوڪ پوکڻ، ڏينهن جي پوريءَ شدت سان گرميءَ جي اُتَتِ

ڪاهڻ ڪان پوءِ ڳاهہِ پٽارا! ڪمايو ڪاهيو ڪاهہ پٽارا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 101)

**ڪجليون** : اهي سهٽيون اکيون جن ۾ ڄڻ تہ بنا پاتي، ڪجل پيل آهي.

چير وِڻُون، ڪجليون، خمار پريون،
منهنجي لئہ ٿيون ازل، ابد اکيون!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 158)

**ڪٽورو قرب جو** : پيار ۽ محبت سان ڀريل ٿانءُ.

مڻ مناءُنِ جا هُنَ جو ڳالهائڻ،
هن جي اک قرب جو ڪٽورو هو!

(سونهن جي ساڃهہ: 58)

**ڪچول يا ڪشڪول** : فقيرن وٽ ڪنهن ڪٺيل ميوي جي اڌ مان جڙيل ٿانءُ.

ڪوئي منهنجي دنيا ۾ ڪچڪول کڻي آيو،
جنت جو سڄو ان ۾ ماحول کڻي آيو!

(سونهن جي ساڃهہ: 130)

**ڪچيءَ تي اچڻ:** سبزيءَ جي پوکيل ٻنيءَ تي اچڻ.

هوءَ ڳچيءَ تي اچي ٿي ياڄيءَ لئہ،
رقص ۾ جڻ ڪرو ڪرو ٿو لڳي.

(سونهن جي ساڃهہ: 28)

**ڪُڏُ ڪري:** خوشيءَ سان، چاهت سان، ٽِپو ڏيئي اٿي پوڻ.

ساري دنيا ۾ پڄايان تہ ٿئي فرض ادا،
ڪُڏُ ڪري، پيار جو پيغام ڪٽي وينو هان.

(سونهن جي ساڃهہ: 124)

**ڪُڏي وڃڻ:** خوشيءَ سان وڃڻ، راضپي سان وڃڻ.

واپسيءَ ۾ رڳو هئو پڇتاءُ،
پر وڃڻ ويل ئي ڪُڏي ويئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 66)

**ڪُرِڪڻ:** نہ مان نہ مان ڪرڻ، خفا ٿيڻ، بيزاري ڏيکارڻ.

مرد ايندا ويا، ميڙا ٿيندا ويا،
ڪنهن بہ ڪُرِڪيو نہ ٿي، ڪنهن نہ پان تي ڪئي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 152)

**ڪرامت:** اڻ ٿيڻيءَ کي ٿِيڻي ڪَرڻُ.

عيش زندهہ باد، دولت جي ڪرامت زندهہ باد،
پيٽ زندهہ باد، غربت ۾ شرافت زندهہ باد!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**ڪرامت جو عمل:** اڻ ٿيڻيءَ کي ٿيڻي بنائيندڙ عمل.

زور هٿ کي ڏئي پوءِ مرڪيو هو،
ڪنهن ڪرامت جو هيءُ عمل نہ هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 34)

**ڪرب:** درد، پيڙا، سُورُ.

انتهائي درد، پيڙا، ڪرب ۾ لُڇَ.

(سونهن جي ساڃهہ: 104)

**ڪرنٽ هڻڻ:** ڇرڪائي وجهڻ.

هن جي هر لفظ تي ڪرنٽ هنيو ن،
ڇا تہ رشتو هو تارَ جو هُنَ سان!

(سونهن جي ساڃهہ: 81)

**ڪِروڌ:** ڦَڏو فساد، بيزاري، بيقراري.

منهنجي دل ۾ ڪوٺُ ۾ هن وٽ ڪِروڌ،
مان ڇا ڪيان؟ هيڏي تہ هُو هوڏي ڇِڪي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 67)

**ڪُڙمُ:** آڪهہ، ڪٽنب، مِٽُ مائٽ، ساڳيو نسل.

ڪائي ڪهل نہ ڪُڙمَ ۾، هئہ هئہ هيءَ حال، آيل! ڪنهن سان اوريان؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 110)

**ڪل ٽڙڻ:** چرئي وانگي پُنيءَ لڳي پوڻ، عقل غائب ٿي وڃڻ.

هڪڙي مکڙي جڏهن ٽڙي تي پوي،
ذات پئونرن جي ڪَلَ ٽِڙي تي پوي.

(سونهن جي ساڃهہ: 24)

**ڪَلوٽو:** نئون نندو، نوجوانيءَ ڏانهن ورندڙ.

ماءُ سان پُٽُ بنيءَ تي رونبي ۾،
ڇوڪرو ڪارڙو ڪلوٽو هوا!

(سونهن جي ساڃهہ: 155)

**ڪمال:** چوٽ تي پهچڻ، تمام اونچي منزل تان.

خدا جي ذات ۾ ڪامل يقين هوندي پيي،
ڪمال هوش سان مون توکي پوڄيو آهي!

(سونهن جي ساڃهہ: 127)

**ڪمذات:** نسلي طور نيچ، گهٽا ذات وارا.

متوالن ۾ ديوانن ڪي، پِرتئُون پِريائي،
ڪم ذاتن ڪي ذات ڪري ويا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 91)

**ڪميشن جو امتحان ڏيڻ:** آئينده سماج ۾ بهترين شخصيت بنجڻ جو موقعو ملڻ.

منهنجيءَ ڳالهه تي هن ڏيان ڏنو
مون ڪميشن جو امتحانُ ڏنو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 28)

**ڪُنُ :** تيز وهندڙ نديءَ جو پاڻي وڪڙ ۾ اچي ڦيري سان پري تائين سوراخ ٺاهيندو ۽ راڙ وانگي آواز ڪندو آهي ان کي ڪُنُ چئبو آهي.

ڪن هجي، وِيرُون هجن، لهرون هجن، لوڏا هجن،
سِيرَ هُو بيڙي تري پئي، ناخدا جي ٽيڪ تي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 34)

**ڪنڌ ڍري پوڻ:** شرمساريءَ واري ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي پَوَڻُ.

دل سان تعريف پئي ڪئي محسن،
ڪنڌ هن جو صفا ڍري پِيو هو.

(سونهن جي ساجهه: 73)

**ڪنڌ ۾ ڪِلي هڻڻ:** آڪڙ ۾ هلندڙ ڪنڌ مٿي ڪري هڪ جاءِ تي ٽِڪائي هلندڙ.

جنهن کي پنهنجي مٿي ملي هوندي،
ان کي پوءِ ڪنڌ ۾ ڪِلِي هوندي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 42)

**ڪُنو ڪونه چاڙهڻ:** ويلي جو ڪاڏو به افسوس ۾ ميشر ٿيڻ.

هوندي سوندي هر ڪهين چاڙهيو ڪونه ڪُنو
منهنجا ٻچ ٻري پيا!

(ڪنهن جو ماٺ ميار: 106)

**ڪُٽڪيو:** هري هري پُٽِڪيو هلڪا هلڪا آواز ڪيائين.

گرم ٻانهين ۾ هن ٻئي ڪُٽِڪِيو
پيار جي پياس تي اُجهائي سون.

(سونهن جي ساجهه: 99)

**ڪٽڻ مان ڪيچ ڪرڻ:** ٻج جي ٻورن ڪٽڻ مان گهٽي ايراضي آباديءَ هيٺ آڻڻ.

ڪاهيو ڪاهيو ڪاهہ پٽارا!
ڪرڻا آهن ڪيچ ڪٽڻ مان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 101)

**ڪُٽي پوڻ:** پاڳ ۾ مِلي وڃڻ.

جيئري ئي جنت پيو ماڻي۔ جيڪو ڪنهن جي ڪُٽي پيو.

(سونهن جي ساجهہ: 33)

**ڪُوبڪو:** جاءِ بجاءِ، هر ڪنهن هنڌ تي.

شهر تن جا چار، آزادين جا ڦندا چارسُو
جسم جي بازار ۾ جوين جون بهائون ڪوبڪو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**ڪوتاهيون:** گهٽتايون، غفلتون، ڪميُون پشيُون.

منهنجون ڪوتاهيون معاف ڪري، مون کي رهندو اُتامروئي ڪري!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 59)

**ڪوٺ ڪرڻ:** سڏ ڏيڻ، دعوت ڏيڻ.

ٻاٽ اوچو ڪري، ڪوٺ جنهن پر ڪِئي،
سنڌ جاڳي پئي، سنڌ جاڳي پئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 152)

**ڪور:** وڏي چڏ.

سَنڌُ سَنڌُ منا، منهنجو ڪنڌ منا،
اچي ڪورِ تہ مان قربان ٿيان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 89)

**ڪوهہ قاف:** اهو اڻ ڏٺو ڏيهہ جيڪو ديوَن ۽ پَريُن جو ٻُڌايو ويندو آهي.

ڪجهہ پريون، ڪجهہ اسير شهزادا،
ڳوٺ منهنجو بہ ڪوهہ قاف هيو.

(سونهن جي ساجهہ: 30)

**کهل:** ڪهڪاءُ، هياءُ، احساس، رحم.

ڪهل نہ آهي ڪُڙمَ ۾، هئہ هئہ هيءُ حال، آيل ڪنهن سان اوريان؟!

(ڪنهن جي ماڪ ميار: 110)

**ڪُجائو:** شاديءَ ۾ گهوٽ جي چڙهڻ لاءِ سينگاريل اُٺُ.

مدتن بعد جيجَ ڏِني محسن!

ڪيڏو پيارو لڳو ڪجائو هو.

(سونهن جي ساڃهہ: 46)

**ڪئمپس جو ڪم ڪار:** يونيورسٽيءَ جي آفيسن ۾ رهائش ڪي يونيورسٽي ڪئمپس چئبو آهي.

ڪئمپس جو ڪم ڪار، آدم جي اولاد لئہ،

دم دم ديوار!

(سونهن جي ساڃهہ: 166)

**ڪيرو چندڻ:** ڪم جون ڪجهہ شيون جيڪي ٻَنڊ سان گڏي ويل آهن تن کي صاف ڪرڻ.

صبح کان سانجهيءَ تائين پيون ٽيون ڪيرو چندڻ،

شام جو هڪ ٻُوڙ جو سيئين کان هڪ روپيو وَٺِن!

(ڪنهن جي ماڪ ميار: 149)

**ڪيف:** نشو سُڪون، خمار.

يا جوانيءَ جو خمار آهي، سرور آ، ڪيف آ،

زندگيءَ جي مٿان حُرِفُ آيا حيف آ!!

(ڪنهن جي ماڪ ميار: 143)

**ڪيفيت:** جوهر، صورتحال

وجد جي ڪيفيت پڇو مون کان،

مون سان اڄ جانِ هن ٿو ڳالهائي!

(سونهن جي ساڃهہ: 31)

**ڪانڻ اچي:** هيڪاري درد وڏائڻ جو سبب بنجي رهيا آهن.

ڪنگڻ، ڪَڙيُون، بولو بينسَرُ کُهِ پيون، ڪڏ پيون هَسُ؛
او! ڪانڻ آيم ڪَسُ، ڙي اديون!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 93)

**ڪبي هٿ جو ڪمال:** ڪنهن ڪم کي آسانيءَ سَرِ ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي.

هن کي کھڙو ياءُ جو ۽ ماءُ جو آيو خيال،
اهڙي آدم جا پٽ تنهنجي ڪبي هٿ جو ڪمال!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**ڪبيءَ:** ڏاندن کي هر ڪاهيندي ڪبي طرف مڙڻ لاءِ ڏنل هڪل.

ڳِتِ ڳِتِ، هُون، ڪَبيءَ، جاٺ، وري آ، هَلُ با!
مستيءَ ۾ ڏِڪيءَ ويل، وَهنِ ٿا ڇورا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**ڪَتُ:** ننڍو ذرڙو، ٿورو ٽڪر.

سَچي ته ملي ئي نه ٿي پر جي ڪَنُ ته ڪَنُ ئي چڱو
عمل جڏهن به ٿئي، سونهن جو وچن به چڱو!

(سونهن جي ساڃهه: 151)

**ڪُٿيون ڳالهيون:** اهي ڳالهيون جن جو موضوع سان تعلق ئي نه هجي.

ملاقات ۾ ڪُٿيُون ڳالهيون، پيارُ وچ ۾ گهٽو ئي آتو هو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 64)

**ڪٽر زال:** ڏنگي گهر واري، جيڪا سَسُ ۽ نڻانن سان رڳو جهيڙا ڪندي رهي.

گهر جهنمُ ته بچا زهر ٿا لڳن ان کي،
جنهن جي قسمت ۾ ڪٽر زال جو ڦاهو نڪتو.

(سونهن جي ساڃهه: 95)

**ڪِٽ پِٽِ:** پئسي جي جائز يا ناجائز حصول لاءِ ڪيل اٽڪلون سٽڪلون.

دنياداريءَ جي ڪٽ پٽ جو حامي ۽ ساٿاري ناهيان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 125)

**ڪُتِڪا:** ڏَڪا، ڪنهن نقصانن جا وهم ۽ وِسِوسا.

هر طرف اُلڪا ۽ انديشا گهڻا، ڪُتڪا سوين،
ڪٿ بہ ڪو محفوظ مون کي ڪونہ ڇؤ۔ واٽو لڳو!

(سونهن جي ساڃهہ: 96)

**ڪِجِڪَڻ:** جهلي جهلي کلڻ، لِڪائي کلڻ.

پاڙي واريون وار سُڪائن، ٺهڪن، ڪجڪن ۽ شرمائن!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 103)

**ڪڏ پوي:** مون وٽان وڃي (بيزاريءَ ۾)

ڪنگڻ ڪڙيون، ٻُولو ٻينر کُهِ پيون، ڪڏ پوي هَسُ!
لو ڪائڻُ آيم ڪس ڙي اديون!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 93)

**ڪُڏي:** اُها ننڍڙي نهيل ڪوٺي جنهن ۾ ڪبوتر پاليا ويندا آهن.

سڀ ڪبوتر ٻلو ڪري ويو ڇَٽُ، ڪنپ ئي ڪنپ ٿي ڪُڏي ويئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 66)

**ڪُرِڪِرو:** سبزيءَ پوکڻ لاءِ ٻنيءَ ۾ سنها سنها ٻنا ٺاهبا آهن، جن تي پوک ڪبي آهي، انهن کي ڪِرو چئبو آهي.

هُوءَ ڪچيءَ تي اچي ٿي ياڃيءَ لئہ،
رقص ۾ جڻ تہ ڪِرو ڪِرو ٿو لڳي!

(سونهن جي ساڃهہ: 28)

**ڪري:** سچي، جهڙي اندر ۾ تهڙي ٻاهر ۾، منهن تي چٽي ڏيندڙ ۽ منهن ۾ ٻُڌندڙ.

پريت جي بادشاهہ نينگر وٽ، ڏات ايڏي کَري ڪٿان آئي؟!

(سونهن جي ساڃهہ: 61)

**ڪريو آهي:** مرد جيڪڏهن پنهنجي زال کان سواءِ ڪنهن عورت سان تعلق رکندي تہ چوندا تہ رن سان ڪريو آهي.

پنهنجي حق کي بہ ڇوٽ ڏيندو ڇا؟
جيڪو ڪاٽي وڃي ڪريو هوندو؟!

(سونهن جي ساڃهہ: 59)

**ڪري اچڻ:** اصل معيار کان هيٺ ڪِري اچڻ.

جندڙ تي پئي اٿو پيهين، ڳوٺڙن ۾ ڪري ڪٿان آئي؟!

(سونهن جي ساجهہ: 61)

**ڪلوٽولڳي:** ڄُوتو لڳڻ، حسد جي پِيڙا ٿيڻ، دئونس اچڻ.

هُوءَ جڏهن ذڪر منهنجو ڇيڙي ٿي،
غير جي منهن تي چڙهہ تہ ڪَلو ٽو لڳي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 53)

**ڪنيات سُرُ:** صبح جو سج اڀرڻ واري وقت جا بہ ڪجهہ سر هوندا آهن، جن ۾ پرڀاتي، ڪنيات، آسا وغيره آهن جن تي ذڪر سان ان وقت جو تعين ٿيندو آهي.

پکي پکڻ ٻولڻ کي لڳي ويا، صبح جا پانڌيئڙا پهچي ويا،
جندڙ جي منڙي ڇيڪڙ ڇيڪڙ چڙهہ آ سُرُ ڪنيات!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 99)

**ڪنڊرات:** اُجڙيل وَيل جڳهون، قديم آثار.

ياد جا ڪنڊرات ڇا ڪوٽيون، گل جي خوشبوءِ هُئي، اُڏِري ويئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 66)

**ڪوٽ:** دغا، دوکو، دولاب.

منهنجي دل ۾ ڪوٽ ءِ تنهنجي من ۾ ڪروڌ،
مان ڇا ڪيان، هيڏي تہ هُو هوڏي ڇڪي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 67)

**ڪُهہ:** مون کان پري ٿين، ختم ٿي وڃن

ڪنگڻ، ڪڙيون، ٻولو بينسر ڪُهہ پوَن، ڪڏ پئي هَس،
او! ڪائڻُ آيم ڪَسُ، ڙي اديون!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 93)

**ڪئونءُ ڪَئُون جي رِيهہ:** ڪنگهہ دانهن جي صورت ۾.

ڄُونِ جو مهيني، غضب جون گرميون، ڪم جي پِيهہَ،
چؤطرف مون کي ٻڌڻ ۾ آئي ٿي ڪُئون ڪئون جي ريهہ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 149)

**گرچ:** توڙي جو.

ڊءُ ٽِئي ئي نہ تو ڪڏهن محسن!
گرچہ اڪثر مِلان پيو هن سان!

(سونهن جي ساجهہ: 71)

**گردشِ ايام:** وقت جو آيل گهوٽالو.

تنهنجي هٿ ۾ بہ تلوار اِها هُئي دنيا،
توڏي گردش ايام ڪٽي وينو هان!

(سونهن جي ساجهہ: 124)

**گريبان مان جهاتي پائڻ:** پنهنجو پاڻ کي بہ ڏسڻ.

ڪيڏو نهنو نماڻو ۽ سٻاجهو ٿي لڳو
ڪاش! ڪو پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي!

(سونهن جي ساجهہ: 177)

**گُزند:** گهاتو ڏيندڙ نقصان رسائيندڙ.

پاڻ کي پاڻ ئي اسان هردم، آهہ ڏاڍو گزند پهچايو!

(سونهن جي ساجهہ: 154)

**گُذار جذبا:** ڏکويل احساس.

پر لڳا ها گذار جذبن جا، عشق آيو ڪني بلند گهڙيون.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 20)

**گُستاخ:** هُجائتو، رُکو ڳالهائيندڙ، چُڙيو ڳالهائيندڙ.

پنهنجي گستاخ هٿ کي جهل محسن!
توسان هڪ گلبدن تو ڳالهائي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 31)

**گشت:** معائنو، چڪر، ديک ڀال ڪرڻ.

رستي تي مورن جو ٽولو جنت جو جڻ گشت لڳو هو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 54)

**گگدام:** جيڪا ڄائي ڄم کان قدرتي طور تي گونگي ڄائي هجي ۽ هاڻ ان حالت ۾ وڏي ٿي هجي.

پڪ آ تہ سڄي عمر ائين ئي رهندي،
هيءَ قوم جي گگدام نياڻي محسن!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 139)

**گگ ڳڙڻ:** ڪنهن سهڻي ماڻهوءَ ڏي ڏسندي سُڌِ ٻُڌِ وڃائي ويهڻ.

سيٺ صاحب جي گگ ڳڙي ٿي پيئي،
هُوءَ جو آئي اٿس چڙهي هٿ تي.

(سونهن جي ساجهہ: 16)

**گلبدن:** گل جهڙو نازڪ ۽ نذاڪت ڀريو بدن رکندڙ محبوب.

پنهنجي گستاخ هٿ کي جهل محسن!
توسان هڪ گلبدن ٿو ڳالهائي!

(سونهن جي ساجهہ: 31)

**گُمان:** شڪ، غلط تاثر.

ڏيڍيءَ اک سان ڏسي پوءِ مرڪ نہ تون!
جنهن کي تنهن کي گمانُ ٿي پوندو!

(سونهن جي جي ساجهہ: 43)

**گُمِراهہ:** صحيح دڳ يا رستي کان ڀليل، جنهن کان صحيح راهہ گم ٿي وئي هجي.

ڏاڏا جي نسبت سان محسنُ! پاڻ بہ آ گمراهہ برابر!

(سونهن جي ساجهہ: 49)

**گنج آ:** ڪوڙ آ، موزون آ، تمام گهڻو آ.

هڪ ٻاجهہ جي نگاهہ اسان لاءِ گنج آ،
بدلي ۾ سِرُ ۽ ساهہ ٿا لکي ڏيون پيا!

(سونهن جي ساجهہ: 159)

**گنج منجهان:** گهڻي زخير وڪيل مان.

اوهان جي هڪڙي ئي مِٺي مرڪ چاهيون ٿا،
توهان جي گنج منجهان ڇا ڪو سَوءُ۔ هزار کٽو.

(سونهن جي ساجهہ: 66)

**گوارا ڪونهي:** منظور يا قبول ڪونهي.

اهڙي دنيا ۾ مون کي رهڻ گوارا ڪونهي،
جنهن ۾ انسانُ، ئي انسان کي ڪري تذليل.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 130)

**گواهہ:** شاهد، ثابتي ڏيندڙ.

سرتريءَ تي رکيو اٿس تولئہ،
توکي ڪهڙو ٻيو گواهہُ ڏئي؟!

(سونهن جي ساجهہ: 47)

**گواهي:** شاهدي، سربستو احوال.

عقل شاهد گهريو، دل گواهي ڏني،
هُنَ بہ مُرڪي ڪٺي بادشاهي ڏِني!

(سونهن جي ساجهہ: 71)

**گود:** هنج يا جهولي.

پئي ٿو ماءُ جي ٿڃ هونگڙِيُون ڪري ننڍڙو،
اَمڙ جي گود بہ ٻهڪي ٿي پنهنجا ٻار ڪٺي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 54)

**گوماٿيو:** بي سڪونيءَ جي حالت کي رسڻ، ڪنهن سوداءَ جي پيڙاجي پوڳنا.

پوءِ پڇتاءَ جي پيڙا ۾ وتان گوماٿيو،
اهڙو يارن سان پيي وهنوار ڪيو ناهي.

(سونهن جي ساجهہ: 55)

**گهرائي:** گهرائي ڳُوڙهائي، معنيٰ جندڙي

ڪنهن وقت تہ جهونگر بہ ڪندي رهندي آ،
جهرنگ ۾ سندس طنز آ، گهرائي آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 138)

**گيدي ڪري وجهڻ:** ديڃُو ڪري وجهڻ، گِيدي بنائي ڇڏڻ.

عقل گيدي ڪري وڌو هو نہ تہ چاهتن جي ڳمي تہ ڪانہ هئي!

(سونهن جي ساجهہ: 70)

**ٻاٽ اوچو:** فتح جو نيشانُ، سِرسيءَ ۾ هئڻ، فائدي واري صورتحال.

ريشمي ٻلين ۾ ماڻهن پيي هئا ڪجهه ريشمي،
ڪن جو اوچو ٻاٽ هو، ڪن جو پئي ٻاٽو لڳو.

(سونهن جي ساجهہ: 96)

**ٻاٽو لڳڻ:** ڪنڌ جهڪي پوڻ، سرمساريءَ واري صورتحال.

ريشمي ٻليون ۾ ماڻهون پيي هئا ڪجهه ريشمي،
ڪِن جو اوچو ٻاٽ هو، ڪن جو پئي ٻاٽو لڳو!

(سونهن جي ساجهہ: 96)

**ٻالهاءُ:** دڙڪو يَشِي.

مون تہ ٻُڌَنِ جي ٻالهہ ڪئي پئي، ٻوناٽن ٻالهاءُ ڏنو هو.

(سونهن جي ساجهہ: 98)

**ٻالهين جو ٻُهيرُ:** عمل ڪان عار، رڳو ٻالهيون ڪندڙ ۽ ڊاڙون هڻندڙ.

واهر ڪارڻ وري نہ ڪو، ٻالهين منجهہ ٻُهِيرُ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**ٻاهہ :** پڪل فصل ڪٽي، ڍير ڪري سُڪائي ان سان ڏاند هلائي ٻاهہ ڪري ۽ اَنُ جدا تہ بهہ جدا ڪيو ويندو.

ڪاهڻ ڪان پوءِ ٻاهہ پٽارا، ڪاهيو ڪاهيو ڪاهہ پٽارا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 101)

**ٻاهي وٺڻ:** پڪل فصل کي ڪٽي سڙيون سُڪائي هڪ ڍڳ ۾ ڍيرو ڪبو ڪجهہ ڏينهن وري بہ سڪي تہ ان کي ڪنڊائي ڏاند گهمائي اَنُ ڌار بهہُ ڌار ڪيو ويندو آهي.

تنهنجون فرمائشيون سيئي پوريون ڪبيون،
بس رڳو هن ٻارِ کي ٻاهي وٺان!

(سونهن جي ساجهہ: 72)

**ٻِٽ ٻِٽ:** ڏاندن کي هڪلڻ جو طريقو.

ٻِٽ ٻِٽ، هون، ڪبي، جاٽ، وري آ، هل با،
مستيءَ ۾ ڏِڪيءَ ويل وَهَنِ ٽا چورا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**ڳجهه ڳجهاندر:** لڪيل ڇپيل.

ڪجهه به نه چونديسپ ڇئي ٿا وڃن،
ڳجهه ڳجهاندر نظام نيڻن جا.

(سونهن جي ساجهه: 84)

**ڳُجهاندر:** راز، مخفي، لڪل ڳالهه.

گفتگو ڏس ته ائين جڻ ته موتي ڇڻن،
خامِشي ڏس ته ڪري ويئو ڳجهاندر جي ڳالهه.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 167)

**ڳڙڪائي:** کائي هضم ڪري وڃي.

آدميت کي ته ڳڙڪائي ويو دولت جو شينهن،
رنگ پيو محسن ڏسي، ڪنهن کي ڪٿي جهاتو لڳ؟!

(سونهن جي ساجهه: 96)

**ڳڏڙيون:** عضون ۾ آڱرين ۾ سيتجي وڃڻ جو عرض.

ڳڏيون، پنڪيون، گهلوُن، خمار،
رات مان نيٺ ڇا آهه مقصود؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**ڳوٿرو:** ٿيلهو، ٻاچڪو.

بخش محسن کي ڪئين ڪندو حاسد،
جيڪو غيبت جو ڳوٿرو آهي.

(سونهن جي ساجهه: 28)

**ڳُڻن جي ڳالهه:** احسانن ۾ ٿورن جو ذڪر.

مون ته ڳڻن جي ڳالهه ڪئي پئي، ڳوڻاٽن ڳالهائَ ڏنو هو.

(سونهن جي ساجهه: 98)

**ڳهان پيو:** لوڙيان پيو.

جيئڻو اٿم جيئان پيو رهڻو اٿم رهان پيو
هيءَ زندگي آهي گهاٽو گهڻو اٿم سو ڳهان پيو!

(سونهن جي ساجهه: 111)

**ٻڪڻ:** لوڻ، مصيبت واري عمل مان گذرڻ.

عمر پر گڏ رهي ٻڪڻ ٻي ڳالهہ،
ڪنهن جي سنگت جو ساءُ پنهنجو آ!

(سونهن جي ساڃهہ: 78)

**ٻڪٽو:** هونئن تہ عورت جي ٻڪهہ کي گهٽو چئبو آهي پر هتي لوڙڻ جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي.

جيئٽو اٿم جيان پيو، رهٽو اٿم رهان پيو،
هيءَ زندگي آ گهاٽو، ٻڪٽو اٿم ٻکان پيو.

(سونهن جي ساڃهہ: 111)

**ٻڪي پيو:** لوڙي رهيو آهي.

حال آهر پيو ٻڪي محسن مگر،
ڪيترو ڪو اُرهہ سان بيڙي ڏِڪي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 101)

**ٻيرو:** نوجوانيءَ ڏي مائل ڇوڪرا.

ڪيترا ٻيرو، ڪُراڙا ۾ هئا اڌڙوٽ مرد،
جيڪي روزيءَ لاءِ ٿي بيٺا هُئا اڻ موٽ مردا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 138)

**گهاٽي جو وهنوار:** اهو ڏنڌو ڪرڻ، جنهن ۾ نقصان هجڻ جي پڪ هجي.

سونهن ذري ٿي ننهن تي نچائي، دنيا کي،
گهاٽي جو وهنوار ڪيون پيا، او سائين!

(سونهن جي ساڃهہ: 41)

**گهاري نہ وڃڻ:** جدائي نہ ڪرڻ، وِڇي نہ وڃڻ.

گهوٽ نہ وِڃهہ گهاري، آءُ اڳيئي گهايل آهيان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**گهايل گهور:** متاثر ٿيل نظر، ڏک ڪاڏل جُوهہ.

ڪنهن جي گهايل گهورَ مون کي، ڪيڏو گهرو گهاءُ ڏنو هو؟!

(سونهن جي ساڃهہ: 98)

**گهرڌياڻي:** زال، گهر جي مالڪياڻي.

ڪنهن سان محسن ڪلي ڳالهائجي،
گهر ڌياڻي چڙي چڙي ٿي پوي!

(سونهن جي ساجهہ: 34)

**گهروگهاءُ:** اونهون ڦٽ.

ڪنهن جي گهايل گهورَ مون ڪي،
ڪيڏو گهرو گهاءُ ڏنو هوا!

(سونهن جي ساجهہ: 98)

**گهرِگهلي:** هوئڻ تہ مضبوط يا سوگهي سُگَهہ نہ هئڻ، پر هتي هرڪنهن سان هجائتي هئڻ لاءِ ڪتب ٿيل آهي.

ڪيئن رهندس وقار پاڙي ۾،
جيڪا هرڪنهن سان گهرِ گهلي هوندي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 14)

**گهلوُن:** ننڊ جا گهيرٽ.

ڳيڙيون، پنڪيون، گهلوُن يا خمارَ
رات مان نيلي چا آهہ مقصود؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**گهوٻاٽو:** ٻهراڙيءَ جا ڪاٺ يا چور پاڻ سان سگها، پر ٻن فوٽن جا ڪاٺ جا ٽرا اويل سويل لاءِ رکندا هئا تہ اڳيان پنيان ڳن تہ انهن ڪي هٽي جان ڇڏائجي.

هر تعلق جيترو گهرو لڳو گهاٽو لڳو
اوترو ئي آس ڪي لوءُ ٿي ۾ گهوٻاٽو لڳو.

(سونهن جي ساجهہ: 96)

**گهوٽ جوگهٽُ:** محبوب جي اچڻ جو رستو.

من موهڻ جو ڏاڏيو ڏانءُ اٿس،
جهلي ڪوئي ڏسي تنهن گهوٽ جو گهٽُ.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 72)

**گھورو:** گھرجائو، ڳولائو ڍونڍيندڙ.

ٽُنھنجو محسن تہ بس رڳو ٽُنھنجي،
ڇَئنين ٻولن مٿن جو گھورو ھو.

(سونھن جي ساڃھہ: 58)

**گھوڪ:** گھرَري، شديد.

رات جو گھوڪ ننڊ ۾ ھوندي،
گھر ۾ ھيڏو ٺاڪرو ٿي ڪري.

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 59)

**لا اُبالي طبع:** ڪنھن جي جھلَ پَلَ ۾ نہ ايندڙ طبيعت، اڙدو مزاج.

لا اُبالي طبع جو انجامُ بدنامي اٿئي،
ياد رَکُ ھيءَ مغربِيت غيراسلامي اَٿئِي!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 132)

**لازوال:** ڪڏھن ختم نہ ٿيندڙ اَمَرُ.

ھن ڪانس واءِ ٻئي تي نظرئي نہ ٿي پَوي،
ھُن ڪان جو لازوال محبت ملي اٿم!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 70)

**لاٽو:** ھڪ ٻوٽي جو قسم، جنھن مان ديسي لوڻ تيار ڪيو ويندو ھو.

ڪاڪ ڏھندي وئي، راھہ جھندي وئي،
باھہِ آڌو تہ بينو نہ لاٽو نہ لئِي!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 152)

**لاھہ ھئڻ:** چالاڪُ ۽ شاطر ھئڻ.

ھُو وڏو لاھہ آ، شڪاري آ،
ھيءَ بلڪل ڪبوتري آھي!

(ڪنھن جي ماٺ ميار: 160)

**لاھي وٺان:** ھونئن تہ ڪا مٿي رکيل شيءِ لاھي وٺبي آھي، پر ھتي حڪم جي پوئواري لاءِ ڪم آيل آھي.

چند گھڙيون ويھہ محسن، مان اِجھو

گهر جو ڪم منتن ۾ ٿي لاهي وٺان.

(سونهن جي ساجهہ: 72)

**لاهياري:** ڏهاڙيءَ تي پڪ جو لاٻارو ڪندڙ.

او ميرڙي، او گدلي، او جوانِ لاهياري!

رُت پيٽ جي پوڄا جي اچي وئي آهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 133)

**لائق:** جُوانُ، پوريءَ وهيءَ تي پُڳلُ.

ڪيترو جلد ٿي وئي لائق، ها مجيوسين تہ ڏيءَ ڊِيُوري آ!

(سونهن جي ساجهہ: 45)

**لڄارو:** اهو جيڪو ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهہ تي شرمسار ٿي پوي.

هن جو انگ انگ بي حجاب لڳو ڪيئن چئجي تہ ہُ لڄارو هو؟!

(سونهن جي ساجهہ: 48)

**لقاءُ:** ڏيکاءُ، درشن، اظهار.

مرڪ جو ناز جو ادائن جو سونهن وٽ هر لقاءُ پنهنجو آ!

(سونهن جي ساجهہ: 78)

**لَڪُ:** جبل.

منهنجي سڪ جو نئون جنم سَسُئي،

هاڻ ڏونگر تہ ڪوئي لَڪُ هوندو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 19)

**لڪس:** وهنجڻ جي صابڻ جو نمونو.

لَڪِس — شيمپُوءَ جي هن کي ڪهڙي خبر،

هُن تہ بُتُ ميٽ سان مَليو هوندو!

(سونهن جي ساجهہ: 79)

**لڪ لنگهائڻ:** ڏُکيائُني مان پار اُڪارڻ.

محسن کي سڪ ساڻ سڏي، لالڻ لنگهايو لَڪُ، الا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 84)

**لِڪِي لوڪان:** ماڻهن کان پاڻ لڪائي.

پاڻ آيو پرين لڪي لڪان،
جشن جي رات هئي ملهائي سون.

(سونهن جي ساجهہ: 99)

**لُنجهڪو:** کُتِڪو.

ويڏن تہ وڏي آهي، لُنجهو تہ گهٽو ئي آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 78)

**لهرون:** پاڻيءَ جي وهڪري ۾ ٿيندڙ هيٺ مٿاهيون.

ڪُنَ هجن، وِيرون هجن، لهرون هجن، لوڏا هجن،
سِيرَ ۾ ٻيڙي تري پئي ناخدا جي ٽيڪ تي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 34)

**لئوٽي ۾:** ڪن جي مٿان، مٿي جو جيڪو حصو آهي، ان کي لُٺوڊڙي يا لئوٽو چئبو آهي.

هر تعلق جيترو گهرو لڳو گهاتو لڳو
اوتروئي آس کي لئوٽي ۾ گهوپاتو لڳو!

(سونهن جي ساجهہ: 96)

**لَئي:** وڻ جو قِسمُ.

ڪاڪ ٻهندي وَئي، راهہ ٽِمندي وئي،
باهہ آڏو تہ ٻينو نہ لاٿو لَئِي، سنڌ جاڳي پئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 152)

**لوچي لهڻ:** ڳهٽيءَ جُستجوءَ ڪرڻ کان پوءِ ڳولي لهڻ يا هَٿِ ڪرڻ.

لوچي لَهہُ لالون رڳو وات نہ پَٽِ وائو
ذُرتِ ٻہ ويندي ڏيهہ مان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**لوچيان وينو:** پاڻُ پَتوڙيان پيو.

انت تہ هر شيءِ جو ٻُڙي آهي، پوءِ بہ لوڙيان پوچيان وينو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 171)

**لوڙيان وينو:** ڪا سزا ملي آهي، جنهن مان گذران پيو.

انت تہ هر شيءِ جو ٻُڙي آهي،
پوءِ بہ لوڙيان، لوچيان وينو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 171)

**لوڙ هئڻ:** گهرج هئڻ، ضرورت هئڻ.

پاڻ کي جيتري بہ لوڙ هئي، هن جي هڪڙي جهلڪ ئي کوڙ هئي!

(سونهن جي ساڃهہ: 39)

**لُونءَ لونءَ ۾ لوري هئڻ:** رڳ رڳ ۾ ان جو ملڻ جي چاهت جو هجڻ.

جت لُونءَ لُونءَ ۾ ڪالوري آ،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 156)

**ليٽ پيٽ ڪرڻ:** پيار ۾ پاٻوهہ مان ڪنهن پياري جي جسم سان جسم ملائي ۾ پاسا ورائڻ کي ليٽ پيٽ ڪرڻ چئبو آهي.

ڪنهن جي سيني تي ليٽ پيٽ ڪري،
اهڙيءَ جنت جي ڪنهن ساڻ پيٽ ڪري!

(سونهن جي ساڃهہ: 38)

**مات ڪري وجڻ:** شڪست ڏيئي وجڻ، پنهنجي قبضي هيٺ آهي.

گهورن سان گهائي، مهميرن کي مات ڪري ويا.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 91)

**مانُو ٿيڻ:** سانتيڪو ٿي پوڻ، جذبات کان خالي ٿيڻ.

محسن رئندو نيٺ تہ مانُو جوين جذباتي، او سائين!
تو چو دل لائي؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 100)

**ماسيون:** گهرن ۾ ٿانوَن ڌوئڻ ۾ صفائيءَ پگهار تي رکيل مايون.

پنهنجي مالڪ ۾ مالڪياڻي آهي،
ڪيڏيون پياريون هي ماسيون آهن؟!

(سونهن جي ساڃهہ: 50)

**مافيا:** نشو.

هڪ تہ پر چينهن ۾ ڏهہ مافيا جون گوليون،
پاڻ کي پاڻ انجيڪشن سان لڳائيندو آ!

(سونهن جي ساڃهہ: 177)

**مالا مال:** شاهوڪار هئڻ، ملڪيت وارو هئڻ.

درد جي دولت سان مالامال آ،
هاڻ محسن ڪنهن جو ٻيي محتاج ناهي!

(سونهن جي ساڃهہ: 136)

**مامرا:** مسئلا، مشڪلاتون.

ويڳاڻيون وايون، موڳي من جا مامرا.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 114)

**مانجهي:** ٻيڙي هلائيندڙ جوان، جُنگجُو بهادر.

محسن آهيون مانجهي ماڻهون، نانگا، نَر پَنا هونداسي.

(سونهن جي ساڃهہ: 108)

**ماڻهوءَ جو ماپو:** ماڻهوءَ جي سماجي حيثيت ڪٿڻ لاءِ ضروري شيون.

درجو، دولت، دَٻدٻو، ماڻهوءَ جو ماپو کهڙو ويرين وچ ۾.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 113)

**ماڻي تائين:** نخري ۾ تبديل ٿيل مرڪ.

مرڪ هن جي وچي پهتي هڪ ماڻي تائين،
دل چري ڪيئن ڪندي صبر صبحاڻي تائين!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 45)

**مترنم صدائون:** سريليون ڪُوڪارون.

هن کي پنهنجي راهہ کان هرگز نہ ٿيون موڙي سگهن،
هن جي مترنم صدائن کي نہ ٿيون توڙي سگهن.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 147)

**مُنا هونداسي:** ختم ٿي ويا هونداسي.

توکي سُڌِ تہ هوندي سائين، مهڻي ساڻ مُنا هونداسين.

(سونهن جي ساڃهہ: 108)

**محدود:** ٿورڙي مقدار ۾، جهڙ ختم ٿيڻ جيترو.

عشق محدود ٿي سگهي ٿو پر حسن جو ڪوبہ دنگ ڪونهي ڪو!

(سونهن جي ساجھہ: 21)

**محفوظ:** حفاظت اندر.

هر طرف اُلڪا ۽ انديشا گهڻا، ڪُتڪا سوين،
ڪِٿ بہ ڪو محفوظ مون کي ڪونہ چئوواٿو لڳو.

(سونهن جي ساجھہ: 96)

**محدود:** ٿورڙي مقدار ۾، جهڙ ختم ٿيڻ جيترو.

عشق محدود ٿي سگهي ٿو پر،
حسن جو ڪوبہ دنگ ڪونهي ڪو.

(سونهن جي ساجھہ: 21)

**محفوظ:** حفاظت اندر.

هر طرف الڪا ۽ انديشا گهڻا، ڪتڪا سوين،
ڪِٿي بہ ڪو محفوظ مون کي ڪونہ چؤواٿو لڳو.

(سونهن جي ساجھہ: 96)

**مجرم:** ڏوهاري، خطادار.

مجرم آ، خطاڪار آ، ناپاڪ آهي،
هوشيار آ، چالاڪ آ، بي بياڪ آهي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 139)

**مجسموفائن جو:** جڻ تہ سندس جسم جڙيل ئي وفائن مان آهي.

دنيا کان بي نياز، وفائن جو مجسمو،
مس مس اهڙن شخصن جي سنگت مِلي اٿم!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 70)

**ميجتا جا موتي:** پسند ڪرڻ جي نيشاني.

ميجتا جا موتي، دادو دهش تحسين و مبارڪ جي ورڪا،
ڪمزور وسيلن جا ٽڏڙا، بي پهچ ارادن جا حيلا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 190)

**مدام:** هميشه، جڏهن تڏهن.

ور ور ڪري ڏسڻ ساڻ پيو ڊَءُ ڪين ٿو ٿئي،
سهٽين اکين جي آس ۾ رهندو مدام هان!

(سونهن جي ساجهہ: 91)

**مدفن:** دفنائڻ، خاتمو ٿيڻ.

عيش جو راج يا گناهہ جو دؤر!
حسرتن جو غبار يا مدفن!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**مُرڪون:** تمام هلڪي، نہ جي برابر کِلَ.

محسن جا سيئي گوندر، لحظي ۾ لهي ويندا،
مُشڪو تہ لکين لائق، مُرڪو تہ گهٽو ئي آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 78)

**مسرت:** خوشي، سک، فتح جو ڏينهن.

منهنجي وسر ۾ هجي تہ دنيا ڪان، هر مسرت ڇِني ڏيان توکي!

(سونهن جي ساجهہ: 126)

**مستحق:** پوري پوري حيثيت رکندڙ.

ڪنهن جي عنايتن جو مان مستحق ٻٽيون مان،
دل ٿي چوي تہ هاڻي جو ڪجهہ ٿئي سهان پيو.

(سونهن جي ساجهہ: 111)

**مشقت:**

الا، هيءَ سدوري، هيءَ هلالڻ مائي،
محنت ءِ مشقت جي موالڻ مائي.

(سونهن جي ساجهہ: 111)

**مشڪو:** کلڻ جا آثار منهن تي اَچيون.

محسن جا سيئي گوندر، لحظي ۾ لَهي ويندا،
مشڪو تہ لکين لائق، مرڪو تہ گهٽو ئي آ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 78)

**مدار هئڻ:** آسرو هئڻ، دارومدار هئڻ، ڀاڙڻ ويهڻ.

توتي ڪيڏو مدار هو منهنجو مون اهو سمجهيو هو توکان پوءِ!

(سونهن جي ساجهہ: 92)

**مذاق:** ٺٺول، ٽوڪ، طنز ٺوڪو.

زندگيءَ جو مذاق ڏس تہ سهي ٻر ۾ ڪوئي ٻيو هو توکان پوءِ!

(سونهن جي ساجهہ: 92)

**مذڪور:** ذڪر اذڪار.

جت مومل جو مذڪور هجي،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 156)

**مرتبو:** حيثيت، عزت ڀريو مقام.

پيڪرِ عفت! تون پنهنجي ماءَ ۾ مرتبي ڏانهن نهار،
واجب التعظيم تنهنجي ذات آهي، هوش ڪر!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 131)

**مرحبا:** ڀليڪار، خوش آمديد.

ايندي ويندي سان مرحبا ايڏي،
خوش مزاجي ڪٿي غضب نہ ڪري!

(سونهن جي ساجهہ: 29)

**مرحوم:** اهو مري ويل جنهن تي خدا شل رحم ڪري.

محسن کي ڏسي، خوب ڇيو ڪنهن ڏاهي،
مرحوم تمنا جو جنازو آهي.

(سونهن جي ساجهہ: 153)

**مردِ حق:** سچ چوڻ ۾ حق تي هلڻ وارو مڙس ماڻهون.

آهہ ڪو اهڙو مردِ حق آگاهہ،
جو ٻڌائيم رات جو مفهوم!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**مرغوب:** مُتَوَجھہُ.

محبوب، مرغوب تنھنجو پُورُ پيڙو
ڪري قرب، مُڪو محب چلڙو نيشاني.
(ڪنھن جي ماٺ ميار: 88)

**مرهم:** دوا درمل يا صلاح مشورو.

ڪنھن بہ ان کي ڏيني نہ ڪائي مرهم،
جيڪو ڦتجي پيو هو تکان پوءِ!
(سونھن جي ساجھہ: 92)

**مروٽو:** ٻانهن کي زور سان ڦيرو ڏيڻ.

اڄ بہ تاڪور پئي ڪري هُن جي،
ٻانهن کي ڪنھن ڏنو مروٽو؟!
(سونھن جي ساجھہ: 37)

**مڙهڻ:** لاڳو ڪرڻ.

اهڙيءَ عورت کي پلا چئون، جيڪا نِتُ نيون تهمتون مڙهي ٿي پئي!
(ڪنھن جي ماٺ ميار: 45)

**مزاج:** نمونو، سُڀاءُ، رويو.

پوءِ بہ هڪ ٻئي کي جيءَ ۾ جاءِ ڏني،
هونئن تہ بيشڪ الڳ مزاج هيو.
(سونھن جي ساجھہ: 15)

**مسيح دؤران:** حضرت عيسيٰ عليہ السلام جن واري دؤر دوران.

بي جان بهاران، اي مسيح دؤران،
مرڪو تہ چمن ۾ بہ ٽڙن ڪي گلڙا،
مرڪو تہ سهي!
(ڪنھن جي ماٺ ميار: 134)

**مطلق:** سدا رهندڙ يڪتا.

قادر مطلق کي راضي ٿا ڪريون،
حسن جي تعريف ٿا وينا ڪريون.
(ڪنھن جي ماٺ ميار: 175)

**مظهرِ خدا:** خدا تعاليٰ جي اظهاري صورت.

پونءِ تي مظهرِ خدا ٿي لڳي، ڇا ڇوان،
سونهن مون کي ڇا ٿي لڳي!

(سونهن جي ساجهہ: 27)

**معتبر:** احترام لائق.

معتبر هو ٻہ ٿي پيو آهي،
بس رڳو چاهہ جي ڇپيٽ ڪري.

(سونهن جي ساجهہ: 38)

**معذور:** اپاهج، جيڪو اکين يا ڄنگهہ يا ٻنهن يا زبان کان اپاهج هجي.

مفهوم ۽ معذور ۽ غرِيان آهي،
مانيءَ جي ڳِپي لاءِ پريشان آهي.

(سونهن جي ساجهہ: 145)

**مغربيت:** يورپي ۽ آمريڪي ماڻهن جا اخلاقي قدر.

لا اُبالي طبع جو انجام بدنامي اٿئي،
ياد رک! هيءَ مغربيت غير اسلامي اٿئي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**مغموم:** غمگين، ڏکيول ستايل، غمن جي ور چڙهيل.

مغموم، معذور ۽ عريان آهي،
مانيءَ جي ڳِپي لاءِ پريشان آهي.

(سونهن جي ساجهہ: 145)

**مفهوم:** مطلبِ ماهيت، اصليت.

آهہ ڪو اهڙو مردِ حق آگاهہ،
جو ٻُڌائيم رات جو مفهوم!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**مقصود ڇا؟:** حاصل ڇا ٿيندو؟

ڳيڙيون، پِنڪُون، گهلوُن خمار،
رات مان نيٺ ڇا مقصود؟!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**مڪان:** رهڻ جي جاءِ.

هي مڪان ۽ مڪين ڏوڪو آ،
آسمان عذمين ڏوڪو آ!

(سونهن جي ساجهہ: 153)

**مڪ مچي وڃڻ:** جهيڙو ٿي پوڻ، بدمزگي ٿيڻ، شرارت ٿي پوڻ.

سچ چئون ٿا جڏهن بہ يارن کي،
پوءِ تہ ڏاڍو مڪ مچي ٿو وڃي.

(سونهن جي ساجهہ: 67)

**مڪين:** رهندڙ.

هي مڪان ۽ مڪين ڏوڪو آ،
هي آسمان ۽ زمين ڏوڪو آ!

(سونهن جي ساجهہ: 153)

**مگن رهون ٿا:** موج ۽ مستيءَ واريءَ حالت ۾ رهڻ.

اسان پنهنجي ڌُنَ ۾ مگن رهون ٿا پيا،
اسان کي جو بہ ڪجهہ چوڻ گهري، چئي گذري.

(سونهن جي ساجهہ: 129)

**مڳ:** مڳي، رعب، گهمنڊُ.

ٿوهہ لڳي ٿو تنهنجي جانب سارو جڳ،
ان جانب سارو جڳ، الا، محبت جو آ مڳ الا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 86)

**مڳي:** آڪڙ، فخر، غرور.

تنهنجي جنهن سان بہ دل لڳي هوند،
ان کي بيسڪ مڳي هوندي.

(سونهن جي ساجهہ: 77)

**مَنُ موهڻ:** دل کي ڇڪڻ، پاڻ ڏانهن توجهہ ڏيارڻ.

موهيندو ڪو من منهنجو؟ پر ڪو مون کي موهي ڇو؟!

(سونهن جي ساجهہ: 121)

**مهار هٿ ۾ ڏيڻ:** اُن جي رسيءَ کي مهار چئبو آهي، اها ڪنهن جي هٿ ۾ هٿ ڏئي ڇڏڻ عنيٰ ان جي مرضي جيڏانهن هلي.

جيڪي چاهي ۽ جيئن ڪري محسن،
هن جي هٿ ۾ اٿم مهار ڏني!

(سونهن جي ساجهہ: 44)

**مهل جو اچڻ:** ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسڻ وقت، ڪنهن تڪليف دؤران.

مهل آئي ۽ ثابتي بہ ملي، ڪير سچو هو، ڪير ڪوڙو هو؟

(سونهن جي ساجهہ: 37)

**مهمير:** وڏو بهار، طاقتور.

گهورن سان گهائي، مهميرن کي ماٺُ ڪري ويا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 91)

**ميار دار:** قصور وار، ڏسو ٿي پوڻ.

زندگيءَ ۾ جيڪي مون کان ڏار ٿيا،
تنهن جي سڪ جو ميار دار آهيان!

(سونهن جي ساجهہ: 63)

**مِٺي ساڻ:** طعني ساڻ.

توکي سُڌِ تہ هوندي سائين! مٺي ساڻ مُنا هونداسي!

(سونهن جي ساجهہ: 108)

**مهٺيهاب:** طعني لائق، مياري، ڏوراپي لائق.

ڪنهن چريو سڏيو، ڪنهن مٺي هاب ڪيو،
مون سان هر ڪنهن اهڙو قرب ڪيو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 86)

**مُقدس:** پاڪ، جنهن جو تقدس برقرار هجي.

انمول رتن، محبوب وطن قومن جو مقدمس سرمايو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 140)

**مدس گناهہ:** اُها پاڪ شيءِ جنهن کي عرفِ عام ۾ گناهہ ڪوٺيو ٿو وڃي.

ساهہ آهي تہ چاهہ ٿيندو پيو هيءُ مقدس گناهہ ٿيندو پيو.

(سونهن جي ساڃهہ: 123)

**مناظروڪرڻ:** بحث براءِ بحث ڪرڻ.

فون تي رابطو ائين محسن، پاڻ سان جڻ تہ مناظرو ٿي ڪري.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 59)

**مُنڌيءَ تي ٽِڪَ:** صفا سچي، وڻندڙ اعتماد تي پوري لهندڙ.

محسن تنهنجي ڳالهہ مُنڌيءَ تي آهي ٽِڪَ سدائين چوءِ!

(سونهن جي ساڃهہ: 77)

**مُنوهو:** هونئن تہ جنهن مان چوٿون حصو گهٽ هوندو آهي ان کي مُنو چئبو آهي پر هتي ڪيفيتي انداز ۾ گهٽتائيءَ واري لاءِ ڪتب آهي.

ڪڏهن قربن ۾ هن ڪس ڪانہ لاٿي،
تڏهن پيي منهنجو من جڻ ڪي مُنو هو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 65)

**مُوَرخ:** محقق، تحقيق ڪندڙ ريسرچر.

آهي ڪو مُورخ هن مهذب دؤر ۾ جو انهن ڳالهين کي
جائز سمجهندي پنهنجي تاريخي ڪتابن ۾ لکي

(سونهن جي ساڃهہ: 174)

**موڪيندو منصور ڪو:** ڪو منصور جهڙو ڪردار ئي ان تي صحيح اترندو يا پورو لهندو.

سوري سڏ ڪري، موڪيندو منصور ڪو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 121)

**موڳو من:** منجهيل من، وائڙو من، معصوم دل.

ويڳاٽيون وايون، موڳي من جا مامرا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 114)

**مومن:** خدا رسيدو.

من ۾ ويھي وچ تہ مچيانءِ، مومن جي ويساھہ برابر.

(سونھن جي ساڄھہ: 49)

**مُھچِل:** ھُلُ ھَنگامون.

ھي ويڌن، ھي مھچل، ھي دوطرفو تڪرار،

ھي روح، ھي ماتم، ھي غمن جو پرچار.

(ڪنھن جي ماٽ ميار: 134)

**مھذب دؤر:** سڌريل وقت يا تھذيب يافتہ دؤر.

آھي ڪو اھڙو مورخ ھن مھذب دور ۾،

جو انھن ڳالھين کي جائز سمجھندي،

پنھنجي تاريخي ڪتابن ۾ لکي.

(سونھن جي ساڄھہ: 177)

**مھلت:** واندڪائي، وِٿي، اجازت.

گھر ۽ ٻارن جي جھنجھٽ نھوڙي وڌو،

پيٽ پوڄا نہ مھلت، نہ ساھي ڏئي.

(سونھن جي ساڄھہ: 71)

**ميت:** محبوب، پرين، مقصد.

جت محفل مان ٿا مِيت قُتَنبِ،

سو منھنجو وطن، سو منھنجو وطن.

(ڪنھن جي ماٽ ميار: 156)

**ميڊم:** (انگريزي لفظ) پڙھيل ڳڙھيل نوڪري يافتہ عورت.

آئيڊيل جي تلاش ۾ ميڊم،

ڪيئن تہ پلجي وَئي، پَئي سوچي!

(ڪنھن جي ماٽ ميار: 159)

**مينڊ اکيون:** راڳ جي ھڪ انداز جھڙيون ملائم ۽ معصوم اکڙيون.

ننڊھاٽيون ڪي جاڳٽيون اکيون،

مِينڊ اکيون، راڳٽيون اکيون!

(ڪنھن جي ماٽ ميار: 157)

**نابود:** بلڪل ختم ڪرڻ، نانءُ نيشان نہ رهڻ.

ننڊ، آرام موت يا اوندهہ، نيست و نابود، سُڪوت و جمود.

(ڪنهن جي ماٺ ميار 141)

**ناتمام:** نامڪمل، اڌورو، ڪُتيلُ.

تنهنجي ڪرم بغير نتم ناتمام مان،
او حسن بادشاهہ مان تنهنجو غلام هان!

(سونهن جي ساڃهہ: 91)

**ناتو:** پيار ۾ پاسي پَوَڻ.

جهٽڪ تي بہ جهري جهري ٿي پيو،
پنهنجو ڪيڏو نہ نفيس ناتُو هو.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 64)

**ناپو:**

منڇر مان ڪنهن موڪليو نينهن منجهان ناپو ڪهڙو ويرين وچ ۾!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 113)

**ناخدا:** مانجهي، ٻيڙياٽتو ٻيڙي هلائيندڙ.

ڪُنَ هجن، وِيرُون هجن، لهرون هجن، لوڏا هجن،
سير ۾ ٻيڙي تري پئي، ناخدا جي ٽيڪ تي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 134)

**نادان:** بيوقوف، بي عقل.

ناگاهِ ناز ڪي تون جا بہ سمجهہ اي نادان!
اسان لئہ تہ حياتيءَ جو مسئو آهي.

(سونهن جي ساڃهہ: 157)

**نارِ:** عورت.

اهڙي مستي وري ڪٿان مِلندي؟
جهڙي هڪڙيءَ نار جي نهار ڏني.

(سونهن جي ساڃهہ: 44)

**نازنين:** نازن نخرن وارو، خوبصورت، محبوب.

نهايت خوبصورت ۽ نهايت نازنين ماڻهون،
خدا ڄاڻي ته آهيون جيئري جنت ۾ اسان ماڻهون.
(سونهن جي ساجهه: 147)

**ناسور:** ڪمزور ويل اهو وقت جنهن جي ڇٽڻ جا موقعا گهٽ هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن موت جو سبب بنجي پوندو آهي.

ڀُونءِ جو تالاب آ يا گندگيءَ جو ڍير آ،
وقت جو ناسور يا ماحول جوا نڏير آ!
(ڪنهن جي ماڻ ميار: 142)

**ناظم:** نظم و ضبط هلائيندڙ آفيسر.

افسوس قلمڪار ٿيڻ چاهِين ٿو ناظم به ۽ نثار به ٿيڻ چاهين ٿو.
(سونهن جي ساجهه: 147)

**ناموس:** عزت، عاقبت، شهرت، نيڪي.

ننگ تان قربان ٿي ۽ ناموس لئه مجبور ٿيءُ!
(ڪنهن جي ماڻ ميار: 144)

**نائب:** هيٺان ڪم ڪندڙ مددگار.

بيشڪ ان جو نائب آ پر آدم ڪيئن الله برابر؟!
(سونهن جي ساجهه: 44)

**نٽ شٽ:** وڏيءَ عزت يا معيار سان، شان شوڪت سان.

هَرُ، پاڃاري تُنهنجو ڏاجو منهنجي هُونگر سرندو باجو
نٽ شٽ ساڻ نباهه ٻٽارا!
(ڪنهن جي ماڻ ميار: 101)

**نثار ٿيڻ:** قربان ٿيڻ.

افسوس قلمڪار ٿيڻ چاهين ٿو
ناظم به ۽ نثار ٿيڻ چاهين ٿو!
(سونهن جي ساجهه: 147)

**نپوڙي:** مروڙي ختم ڪرڻ.

مان اهو جيڪو انڌيرن کي نپوڙي ڦيهي،
مان اهو جيڪو اجالن جي جگر مان اُپران!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 151)

**نڌر:** جنهن جو ڪو ڌڻي ڌوڪي نه هجي، نڌڻڪو.

تنهنجي ڪرم بغير نڌر نا تمام هان،
او حسن! بادشاهه! مان تنهنجو غلام هان!

(سونهن جي ساڃهه: 91)

**نذر:** عقيدت مان پيش ڪيل شيءِ

ڪجهه تبسم ۽ اشڪ نذر ڏبا،
تنهنجي آمد جو انتظار ڪبو!

(سونهن جي ساڃهه: 157)

**نذر ڪيون ٿا:** خيرات طور ڏيون ٿا.

پرين اسان ڏي اچي ٿو خوشيون هزار کڻي،
اسان به ڪيون ٿا نذر سڄي جمار کڻي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 54)

**نر پکيءَ جو به گذر نه:** انتهائي پرده پوشي.

نر پکيءَ جو ڏسون ٻڌون ٿا پيا ته،
اڄ به هن جي مٿان گذر ناهي.

(سونهن جي ساڃهه: 14)

**نرپُنا:** سخت جانِ وارو.

محسن آهيون مانجهي ماڻهون،
نانگا، نَرِ، پُنا هونداسين!

(سونهن جي ساڃهه: 91)

**نرگسي نيڻ:** نرگس جي گلن جهڙيون سفيد ۽ ڪومل اکيون.

نرگسي نيڻن جون گهرايون ۽ سينن جا او پارَ،
لب جون لاليون، ڳلن جون سرخيون، زلفن جي تابَ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**نزاڪت:** سونهن سوڀيا، نهندڙ بَسِندڙ.

هٿ ۾ بوڪ ته ڳُلهي ۾ ٽيلهو
هيءَ نزاڪت لکَ لهي ٿي.
(سونهن جي ساڃهه: 87)

**نِسَتَ:** واسطو تَسِلسَلَ جو حصو.

ڏاڏي جي نسبت سان محسن، پاڻ به آ گمراهه برابر!
(سونهن جي ساڃهه: 49)

**نسوانيت:** عورتازاد، عورتپڻو.

عظمتِ نسوانيت هيئن شرافت ٿي رهي،
شانُ عورت جو اِهو آهي ته عورت ٿي رهي!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**نسورو:** پُورو پُورو، مڪمل.

اڻ پڇيو نينگري ٻَڌي اُتَ سان،
هي نسورو ڪلور سمجهون ٿا!
(سونهن جي ساڃهه: 76)

**نظام:** سرشتا، بندوبست، انتظامي شيون.

ڪجهه به نه چوندي، سڀ ڪجهه چئي ٿا وڃن،
ڳُجهه، ڳجهاندر نظام نيڻن جا!
(سونهن جي ساڃهه: 84)

**نظريل:** اهو ماڻهون جنهن جي نظر لڳندي هُجي.

سوچي سوچي، سمجهي سمجهي ڪرتون تيل ڦليل،
ماڻهون ڏاڍا ٽيندا آهن، جُڙيو هجين، نظريل!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 175)

**نفاست:** نازڪ ـ پڻو.

هر نفاست ۾ هوس جا تِيرَ پيو سٽه رهن،
هر دلِ نازڪ سان ڪجهه دلگير وابسته رهن!
(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**نفيس:** انتهائي نازڪ.

جهٽڪ تي پي جهري جهري ٿي پيو،
پنهنجو ڪيڏو نفسِ ناتو هو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 64)

**نقل و حرڪت:** چرپر، عمل پيرا هئڻ.

ڪاش فرنگي نقل و حرڪت کي بہ ڪجھہ سمجھڻ لڳين،
پنهنجي آزاديءَ جي حڪمت کي بہ ڪجھہ سمجھڻ لڳين!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 132)

**نُڪَ:** اُها پِيش جي نهيل تَڏي يا ڪپڙي جي فراسيءَ جيان ڏگهي نهيل، جيڪا مسجد ۾ وڇائي نماز پڙهجي.

تنهنجو عشق سچڻ ڪو عذاب نہ آ،
وينو وِرِدُ ڪيان وِڇهي نينهن جي نُڪَ!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 75)

**نگاهن ۾ سرهو وجهي وڃڻ:** ڪوڙ کي سچ ثابت ڪري وڃڻ، ڏوڪو ڏيڻ.

دنيا جي نگاهن ۾ وجھہ اوگهڙ تي ريشم جو پردو،
تهذيب و شرافت ڇا بہ هجي، تو هونئن سمجهيو مون هيئن سمجهيو!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**نگاهِ ناز:** نخرن ۽ ادائن سان ڀرپور نگاھہ.

نگاهِ ناز کي تون ڇابہ سمجهي، او نادانَ!
اسان لاءِ تہ حياتيءَ جو مسئلو آهي.

(سونهن جي ساجهہ: 127)

**ننگُ:** لڄ جي محافظ طور رشتو.

هُوءَ تہ پنهنجي پاءُ، پنهنجي ماءُ لئہ وِڪجي وئي،
ننگ تان قربان ٿي، ناموس لئہ مجبور ٿي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 144)

**نوازش:** مهربانيون، ٿورا.

يارن جي نوازش جي نهايت ڪانهي،
ظلمن تي ٿين ظلم تہ حرڪت ڪانهي!

(سونهن جي ساجهہ: 148)

**نور نچوئڻ:** نظر تي زور ڏيئي ڪو ڪم ڪرڻ کي نور نچوئڻ چئبو آهي، اهو جيترو گهٽو هوندو اوترو وڏيڪ تڪليف ده هوندو.

سونهن جي هڪ مضمون تي محسنُ!
پنهنجو نُورُ نِچوئِي وينو!

(سونهن جي ساجهہ: 19)

**نهار:** اکيون، منهن ۾ ڪُپائي ڏسڻ.

اهڙي مستي وري ڪٿان ملندي،
جهڙي هڪ نارِ جي نهار ڏِئي!

(سونهن جي ساجهہ: 44)

**نهايت نہ هئڻ:** ڳڻ ڳوت ڪان مٿي، جنهن جي پڄاڻي نہ لهي سگهجي، بي انت.

يارن جي نوازش جي نهايت ڪانهي،
ظلمن تي ٿِينِ ظلم تہ حرڪت ڪانهي!

(سونهن جي ساجهہ: 148)

**نهن تي نچائڻ:** پاڻ تي موهت ڪري ڇڏڻ، مڪمل طور قبضي هيٺ آڻي ڇڏڻ.

سونهن ذري ٿي نهن تي نچائي دنيا کي،
گهاٽي جو وهنوار ڪيون پيا، او سائين!

(سونهن جي ساجهہ: 41)

**نهوڙي:** نِسُتو ڪري، بي طاقتو ڪري، خطا ڪري وِڌو.

گهر ۾ ٻارن جي جنجهٽ نهوڙي وڌو،
پيٽ پوڄا نہ مهلت نہ ساهِي ڏِني!

(سونهن جي ساجهہ: 71)

**نيست:** مڪمل ميٽجي وڃڻ، نام نشان ختم ٿي وڃڻ.

ننڊ، آرام، موت يا اوندهہ، نيست و نابود، سڪوت وجمود!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 141)

**وابستہ رهڻ:** لاڳاپي ۾ هئڻ، مُنسِلڪ هئڻ.

هر نفاست ۾ هوس جا تير پيوَست رهن،

هردلِ نازڪ سان ڪجهہ دلگير وابستہ رهن!

(ڪنهن جي مان ميار: 145)

**وات نہ پٽِ:** وائڙو ٿي نہ ويهہ.

لوچي لهہ لالون، وات نہ پٽ وائو

ڏُرتِ بہ ويندو ڏيهہ مان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**واجب التعظيم:** عزت ۽ احترام ڪرڻ لائق.

واجب التعظيم تنهنجي ذات آهي،

هو شڪر چئجي آسو جنهن کي چوان ٿو رات آهي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 131)

**واڌايون:** مبارڪون، واهہ واهہ، شاباش.

محسن جو محبوب ڏسڻ سان، وڻ وڻ مان واڌايون نڪتيون!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 26)

**واريءَ مان وار ڳولڻ:** انتهائي ڪنن ڪم هٿ ۾ ڪٽڻ.

دوستيءَ جا مثال گڏ ٿو ڪري،

هيءُ بہ واريءَ مان وار گڏ ٿو ڪري!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 48)

**واڳون وَني هلڻ:** وني هلڻ جا رسا يا ڏڳ، چارا پيچرا.

واڳون تو وٽ واهرو، نحن اقرب وڳ، الا،

توهہ لَڳي تنهنجي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 86)

**واھہ پٽي ڏيڻ:** حل ڪڍي ڏيڻ، گس لڳائڻ، رهنمائي ڪرڻ.

قادر پنهنجي قرب ڪرم سان ڏيندو واھہ پَٽي،
ويڙهيچن کي ڪيئن وساريان!؟

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 76)

**واهرو:** مددگار، ڏکئي سکئي وقت ۾ هٿ ڏيندڙ.

واڳون تو وٽ واهرو، و نحن اقرب وڳ، الا،
توھہَ لڳي ٿُنهنجي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 86)

**وائو:** اجايو سجايو هوائي توائي.

لوچي لھہ لالون، وات نہ پٽ وائو،
ڏرت بہ ويندو ڏيھہ مان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**وايون:** ڳالهيون ٻولهيون.

ويڳاٽيون وايون، موڳي من جا مامرا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 117)

**وايون بتال ڪرڻ:** عقل ڪان خالي ڪري ڇڏڻ، حواس گم ڪري ڇڏڻ.

جهنگ ۾ هڪ پريءَ جي هڪ جلوي،
منهنجون وايون ڇڏيون بتال ڪري!

(سونهن جي ساڃهہ: 53)

**وجد:** حال ڪان بي حالي.

وجد جي ڪيفيت پڇو مون ڪان،
مون سان اڄ جانِ من ٿو ڳالهائي!

(سونهن جي ساڃهہ: 31)

**وڄ:** منهن جو مادي ٻچو.

جانورن کي ٻي ٻچا آهن منا،
مينهن پئي پنهنجيءَ وڄ ڪاڻِ ڊِڪي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 67)

**وچن:** واعدو.

سچي ملي نہ ميلي پر ڪن تہ ڪن بہ چڱو
عمل ڪڏهن بہ ٿئي، سونهن جو وچن چڱو.

(سونهن جي ساڃهہ: 151)

**وڇوٽي:** وقفو

ويجهڙائيءَ سان نہ ٽڪڙ ٿي پي،
ڪجهہ وڇوٽيءَ ساڻ همراهي پلي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 17)

**ورثي ۾:** ابن، ڏاڏن جي ورثي طور مليل رقم.

اوهان کي هرڪا سهليت ملي آ ورثي ۾،
اسان کي ذات ملي، فن مليو تہ فن چڱو!

(سونهن جي ساڃهہ: 151)

**ورد ڪيان:** ذڪر اذڪار ڪرڻ، نالي جو دهراءُ ڪرڻ دم دم ياد ڪرڻ.

تنهنجو عشق سچڻ ڪو عذاب نہ آ،
ويٺو ورد ڪيان وجهي نينهن جي نڪ.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 75)

**ورڪا:** گهور.

ميتا جا موتي، داد و دهش، تحسين و مبارڪ جي ورڪا،
ڪمزور وسيلن جا ٽڏڙا، پي پهچ ارادن جا ميلا.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 140)

**ورنہ:** باقي نہ تہ.

ها اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ دل رڳو توسان هجي،
ورنہ دل کي ٿا وٽن تو جهڙا تو پاڻ گهڻا!

(سونهن جي ساڃهہ: 115)

**ورءِ گهر بہ ناهي:** مڙس ءِ رهڻ لاءِ گهر گهاٽ.

ڪير ان ڪونج کي سنڀاليندو،
جنهن کي پنهنجو ڪو ور ءِ گهر ناهي.

(سونهن جي ساڃهہ: 14)

**وِرِهہ ڪان واندي:** سواءِ سورن ۽ مصيبت ۾ مبتلا هئڻ جي.

ماڻهون سڀ مجبور، ڪوبہ نہ واندو وِرِهہ ڪان.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 117)

**وري آءُ:** وري موٽائڻ لاءِ هر ۾ جتيل ڏاندن کي تنوار ڪبي.

ڳٽ ڳٽ، هون ڪبي، ور آ، هل با،
مستيءَ ۾ ڏَڪيءَ ويل وهن ٽا چورا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**وسڪٽو:** هر ڪنهن تي هرک هاري وِهَندڙُ.

وسڪٽي روح سان ائين محسن،
جنهن کي ڪنهن کي ائين پسند نہ ڪر!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 38)

**وصف:** اصل ماهيت، تفصيلي معنيٰ.

سونهن جي وصف ڇا بيان ڪنديون؟!
حيرتن جو هيءُ اعتراف هيو.

(سونهن جي ساڄهہ: 30)

**وقليو :** ٻيو ٻيو ڳالهايو اڻ لاڳاپيل ڳالهيون ڪرڻ، ٻي وقتيون ڳالهيون ڪرڻ.

هيئن نہ ڪا جاڙ ٽئي شل ڪنهن سان،
هو ائين وِقليو هو توڪان پوءِ!

(سونهن جي ساڄهہ: 92)

**وقار:** مان، عزت، احترام.

ڪيئن رهندس وقار پاڙي ۾،
جيڪا هر ڪنهن سان گهرِ گهلي هوندي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 14)

**وُڪوءُ:** رهائش جي جاءِ.

هي وڪوع ۽ قيام نيٽڻ جا،
سڀ سنيها سلام نيڻ جا!

(سونهن جي ساڄهہ: 84)

**وڪري وڃڻ:** اوائي توائي ٿي رُلي وڃڻ.

ڪير ان کي وري سمهوئيندو؟!
جيڪو وڪري ويو هو توڪان پوءِ!

(سونهن جي ساجهہ: 92)

**وِڳ:** ماخذ، اصليت.

واڳون تو وٽ واهرو، و نحن اقرب وڳ، الا،
توهہ لڳي تنهنجي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 86)

**وڳ جهلي:** وڏو ڏنبلو بيهاري، وڏو ميڙ گڏي، ڏگهي قطار بنائي.

هڪڙي کي تہ پڇي پئجي، پر ڪيئن ڪوئي وڳ جهلي؟!

(سونهن جي ساجهہ: 155)

**ولرِ ۾:** گهڻن جي گڏيل جهرمٽ ۾.

هن جي چادر جڏهن چڪ ئي هٽي،
پوءِ تہ پنهنجي ولر ۾ هڪ ئي هئي.

(سونهن جي ساجهہ: 69)

**ولوٽو لڳي:** وڏ وڪر يا گهيروٽو پائنجي.

زندگيءَ جي تمام رستن ۾، وَرُ وَڪڙُ ۽ ولو ٽو لڳي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 53)

**وِلوڙ:** لُچَ پُچ، بي آرامي، سڪون قِتَلُ.

هيستائين نہ هن جي فون آئي،
هن ۾ تيتر وڏي ولوڙ هئي!

(سونهن جي ساجهہ: 39)

**وِنجهلي ويٺي:** ڀڙندي ٿي وڃي، نِڍال ٿيندي پئي وڃي.

ساري ويٺي وِنجهلي، دلڙي ڏُکياري،
آءٌ اڳيئي گهايل آهيان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 77)

**وهنوار ڪرڻ:** واپار يا ڌنڌو ڪرڻ.

سونهن وَري ٿي تنهن تي نچائي دنيا کي،
گهاٽي جو وهنوارُ ڪيون پيا، او سائين!

(سونهن جي ساجهہ: 41)

**وهي وڃڻ:** ٻنيءَ جي ڪم لاءِ ماڻهونءَ سميت جوڙو سڄو ڏينهن مدر ۾ ڪم ڪري وڃي.

هر ڏکيءَ مهل ۾ اچي مون سان،
ڏورٽا ڏئي وهي وئي اهي.

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 41)

**وِهائو تارو:** ڏينهن ٿيڻ وارو تارو جيڪو پرندو آهي تہ ڏينهن ٿيڻ وارو هوندو آهي.

پوئين سوڀي ۾ جڳ سارو،
اڀريو جاڻُ وِهائو تارو!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 99)

**وينل ست ڏيون:** ست نياڻيون بنا شاديءَ ٿيڻ جي پيءُ جي گهر ۾ وينل.

مسڪيني گهر ۾، مٿان وينل ست ڏِيئُون نہ پاڃِي جڳہ پاڃي پرين!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 112)

**ويڇو:** وٿي، جُدائي، گهاري، پري رهڻ.

ڪيڏو وقت ٿيو آ دُورِ رَهيئو،
ايڏو ويڇو وڌو مَنَ ناهي ڪيو!!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 89)

**ويڏن:** ظلم، راڏا ويڏ، ڏچو.

ويڏن تہ وڏو آهي لَنجهڪو تہ گهٽو ئي آ،
الله پرين آٽي، اُلڪو تہ گهٽو ئي آ!!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 78)

**ويرون هجن:** ڇوليون خطرناڪ حد جون موجود هجن.

ڪُنَ هجن، ويرُون هجن، لهرون هجن، لوڏا هجن،
سِيرَ ۾ ٻيڙي تري پئي، ناخدا جي ٽيڪ تي!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 34)

**ويساھ:** عقيدو، اعتبار.

مَنَ ۾ ويھي وج تہ مچيانءِ،
مومن جي ويساھ برابر.

(سونھن جي ساجھہ: 49)

**ويساهي:** وٿي ڏئي، واندڪائي ڪري، بي ڪتڪو ڪري حملو ڪرڻ.

چند گهڙين جي لاءِ تہ هر هوشي ملي،
پوءِ ڏينهن جي بہ ويساهي پَلي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 17)

**ويڪائو:** ڪپجندڙ ڪپڻ لاءِ رکيل، وڪري جو مال.

آهي پنهنجو اصل ڪان ويءُ نہ ويڪائُو
ڏرت بہ ويندو ڏيھہ مان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**ويڳاٽيون:** مايوس، اداس، حسرت زنده.

ويڳاٽيون وايون، موڳي مَنَ جا مامرا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 114)

**ويڻ:** ڏوراپا، ڏکارا ٻول.

سيٽڻ ڏي وياسي تہ مِلي سِڪَ ليڪن،
رهندو بہ وڏا ويڻ وٺي آياسين!

(سونھن جي ساجھہ: 142)

**وِيءُ:** ڏيھہ، جُوءِ، وطن.

آهي پنهنجو اصل ڪان وِيءُ نہ ويڪائُو،
ڏِرتُ بہ ويندو ڏيھہ مان!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 115)

**هٿ همراهي:** هٿن سان ڪندڙ ڪم ۾ همراهي ڪرڻ.

زال سان هٿ همراهيءَ خاطر، پَلِي چٽن جي سوئي وينو!

(سونھن جي ساجھہ: 19)

**هجر ۾ هردم:** جدائيءَ ۾ سمورو وقت.

سڄڻ جي هجر ۾ هردم رهن ٽيون اکڙيون آليون،
وسارڻ سان نہ ٽيون وسرن، پرينءَ جي پيار جون ڳالهيون!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 81)

**هُڏي وڃڻ:** مقابلي جو پڪو پهہ ڪري ڇڏڻ.

پيار ڪي پيارُ پيو سڏي محسن،
هوڏ سان، هوڏ جي هُڏي تي وڃي.

(سونهن جي ساڃهہ: 65)

**هر:** ڪاٺ جو لُهندو آهي جنهن ۾ لوهہ جو گهوڙو پوندو آهي ۽ ڏاند جوٽي پوءِ ٻنيءَ ۾ هلائبو آهي.

هر پاڄاري تنهنجو ڏاجو، پنهنجي هونگر سرندو باجو،
نٽ شٽ ساڻ نباهہ اپٽارا!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 101)

**هرجائي:** بي وفا، بي اعتبارو، ڦرندڙ گرندڙ.

ڪم بخت ۽ باغي هرجائي، آواره طبيعت، ديوانو،
انمول رتن، محبوب وطن، قومن جو مقدس سرمايو!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 130)

**هرڪي پوڻ:** تاثر تي وڃڻ، گهرج پيدا ٿي وڃڻ.

چال ڏئي هُوءَ ڇِرِڪي پٺي،
مَنُ مرڪيو تہ دل هرڪي پيئي!

(سونهن جي ساڃهہ: 75)

**هر مئو هر جئو:** هر هر مئو ۽ هر هر جيئو.

پنهنجي محسن جو حال نہ پڇ پرين!
هر مئو هر جيئو هو توڪان پوءِ!

(سونهن جي ساڃهہ: 92)

**هستي:** 'هست' لفظ جي خاصيتي صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي موجود هئڻ فنا جو ضد.

سونهن ڏئي سرمستي آهي،
ڪين منجهان هيءَ هستي آهي!

(سونهن جي ساجهر: 18)

**هڪ هٺي:** هٺ ڌرمي، يڪطرفو فيصلو ڪرڻ.

هاڻ ٻُ ته ڪنهن سان رت وينو روئي،
پيار ۾ هڪ هٺي روا نه هئي،

(سونهن جي ساجهر: 70)

**هڪ ئي هجڻ:** سيني ڪان وڏيڪ خوبصورت هجڻ.

هن جي چادر جڏهن ته چِڪَ ئي هئي،
پوءِ به پنهنجي ولر ۾ هڪ ئي هُئِي!

(سونهن جي ساجهر: 69)

**هل با:** هر ڪاهيندڙ ڏاندن کي تيز ڪرڻ لاءِ ڏنل هڪل.

ڳٽ ڳٽ، مون، ڪيي، جاٽ، وري آ هل با،
مستيءَ ۾ ڍَڪيءَ ويل، وهن ٽا چورا!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 136)

**هلت:** ڪاروبار، سماجي طور روان دوان.

منهنجي محب جو ناهي ڪو ملڪ ۾ مَٽُ،
هَلِي هِنَ جي حسن جو ڏِسو ته هَلڻُ!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 72)

**همراهي:** مددگاري ڪرڻ، هٿ ونڊائڻ، اَلي يلي ڪرڻ.

ويجهڙائيءَ سان نه ٽَڪَرُ ٽي پوي،
ڪجهه وِڇوٽيءَ ساڻ همراهي يَلِي!

(ڪنهن جي ماٽ ميار: 17)

**هم ڪلام:** دوبدو يا آمهون سامهون گفتگو ڪندڙ.

هن جو خيال هن جي جوانيءَ جون شوخيون،
خوشيءَ جي دائرن سان ٿيو هم ڪلام هان!

(سونهن جي ساجهہ: 91)

**هنڌ ڦاٽوآ:** اهڙيءَ جاءِ تي عشق ۾ قابو ٿيو ويو آهي جتي روز روز نئون الزام پيو لڳندس.

هنڌ ڦاٽو آ، تنهنجي محسن لئہ،
روز تهمت نئين گهڙي ٿي وڃي.

(سونهن جي ساجهہ: 62)

**هڻ ڪڻ:** ٿر ۾ موجود هڪ بلا جيڪا ڦوڪ هڻي ساهہ ڪڍي ويندي آهي.

نيڻ توهان جا هڻ ڪڻ وانگر ايندا ويندا مارن،
قياس نہ ڏارن نيڻ اوهان جا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 92)

**هوس:** جسماني گهرج.

هر نفاست ۾ هوس جا تيرَ پيوستہ رهن،
هر دلِ نازڪ سان ڪجهہ دلگير وابستہ رهن!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 145)

**هوس آميز:** جِنسي ڇِڪَ وارو.

ڇو هَوَس آميز نظرن جو تون بنجين ٿي شڪار!؟

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 131)

**هُڳاءُ:** خوشبوءِ، سنو واس.

حسن جو تاب، تاءُ پنهنجو آ،
سڪ ۽ سچ جو هُڳاءُ پنهنجو آ.

(سونهن جي ساجهہ: 78)

**هوڏ:** ضد، نهرڪ، تضاد.

پيار کي پيار پيو سڏي محسن،
هوڏ سان، هوڏ جي هُڏي ٿي وڃي!

(سونهن جي ساجهہ: 65)

**هوڏجي:** ضد ۾ اچي، ڪاوڙجي، مقابلي لاءِ تيار ٿي.

پيار کي پيار پيو سڏي محسن،
هوڏ سان هوڏ جي، هُڏي ٿي وجي!

(سونهن جي ساڃهہ: 65)

**هوڏسان:** ضد سان، نهڪر سان يا تضاد ۾.

قرب سان قرب ٻڪ وجهي بيٺو
هوڏ سان هوڏ جي هُڏي ويئي!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 66)

**هول:** وڏيڪ حاصل ڪرڻ جو حرس.

هيڏي هيبت هول ۾، جيترو جندُ اسير؛
تيسين مارو هوت ۾!!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 124)

**هُون:** ڏاندن کي هر ۾ هلندي هڪل هوڙ ڪرڻ تہ جلدي ڪن.

ڳِٽ ڳِٽِ، هون، ڪبي، جاٺ، اوري آ، هل با،
مستيءَ ۾ ڏڪيءَ ويل وهن ٿا چورا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 136)

**هوندي سوندي:** سماجي حيثيت ۾ بهتري هوندي بہ.

هوندي سوندي هڙهين چاڙهيو ڪونہ ڪُنو
منهنجا ڳچ ڳري پيا!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 186)

**هونگر:** هر ڪا هنيدي هاري جيڪا لڳاتار هڪل هوڙ ڪندو آهي.

ڪاهيو ڪاهيو ڪاهہ ڀٽارا،
ڪرڻا آهن ڪيچ ڪٽڻ مان، هاريءَ جو هونگر!

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 101)

**هونگڙيون ڪري پيئڻ:** ٻار ٿڃ پئيندي هٿ ۽ پير هلائيندو آهي.

پئي ٿو ماءُ جي ٿڃ هونگڙيون ڪي ننڍڙو،
امڙ جي گود بہ جهڪي ٿي پنهنجا ٻار ڪٽي.

(ڪنهن جي ماٺ ميار: 54)

**هيبت:** خوف، حراس، ڊچ، ڀئُو.

هيڏي هيبت هول ۾، جيتر جِندُ اسير،
تيسين مارو قوت ۾!

(ڪنهن جي مات ميار: 124)

**هيهات:** هُيهات هيهات لماتُو ڪرُونَ قرآني آيت معنيٰ افسوس صد افسوس.

چهرن جا چرڙاٽ نيا ڳا، گدڙن جونا ونايون واڪا،
توبهہ توبهہ هيءَ، هيهات الا هيهات!

(ڪنهن جي مات ميار: 98)